# س.ا.س سٽي سکر ڊاٽ ڪام

## ڊجيٽل بوڪ پبلشر

## www.sascitysukkur.com

## ايڊيٽر



## عبداللطيف انصاري

www.sascitysukkur.com E-Mail: abdullateefansari@yahoo.com

# اسين مسافر پيار جا

## ادل سومرو

## (خاڪا، مقالا، تاثر)


اسين مسافر پيار جا
ادل سومرو

# فهرست


| | | |
|---|---|---|
| 1 | مهاڳ.... چاڻ جو تسلسل........ڪيلاش | 05 |
| 2 | ساروٽيون سَوَساهہ ۾ | 10 |
| 3 | دوستيءَ جي خوشبو | 16 |
| 4 | ڪتمنڙي جهڙو شاعر | 24 |
| 5 | چچريل زندگيءَ جا قافلا | 35 |
| 6 | ڳاءِ وري ڪجھ ڳاءِ بانورا | 42 |
| 7 | اسين نہ رهياسين تہ چا ٿيو! | 47 |
| 8 | ڪي ماڻھو تاريخ ٿين ٿا | 55 |
| 9 | ڪالھ قطارون جن | 60 |
| 10 | ڏيئا جليا ڳوٺ ۾ | 65 |
| 11 | سمنڊ ڪنارو، لهندڙ سجُ | 71 |
| 12 | انفرادي اظهار جي ڳولا | 75 |
| 13 | سنڌيءَ ۾ پارن جون ڪهاڻيون | 85 |
| 14 | سنڌي ادبي سنگت | 93 |
| 15 | سنڌي شاعريءَ ۾ عورتن جو حصو | 98 |
| 16 | بروهي، ڏاڙيل ۽ الله سائين | 104 |
| 17 | سچن آڏو صدائون | 107 |
| 18 | ڪُڙم جو ويري | 108 |
| 19 | معزز مهمان | 110 |
| 20 | ادب ۽ ثقافت جا موسي ادارا | 112 |
| 21 | اسين مسافر پيار جا | 113 |

# مهاڳ

## چاڙهه جو تسلسل

### ڪيلاش

دنيا جي قديم ترين لکتن ۾ گهڻو ڪري ديوتائُن، ديوين ۽ پروهتن جا قصا آهن، پر ان جي باوجود به ڪجهه تختين تي اهڙا احساس ۽ جذبا ملن ٿا، جيڪي نج انساني سياءَ ۽ ورتاءَ جي عڪاسي ڪندڙ آهن. قديم سوميري تهذيب مان مليل تختين تان جيڪي لکتون اسان تائين پهتيون آهن، انهن جو مطالعو ٻڌائي ٿو ته ازل کان اڄ تائين انساني سوچ، فڪر ۽ مسئلن جو انداز هڪجهڙو رهيو آهي. اڄ کان چار هزار سال اڳ، ڪنهن انسان لکيو:

”منهنجي زال خدا جي عطا ڪيل نعمتن جو شڪر ادا ڪري رهي آهي: منهنجي ماءُ متبرڪ درياهه جي ڪناري (عبادت لاءِ) جهڪيل آهي، مونکي ماني ملڻ جي گهٽي اُميد ڪونهي.“

[نائيجل ڊينس جو ڪيل، سوميري ڪتبي جو ترجمو]

ساڳئي دؤر ۾ شاعريءَ سان گڏُ، مختلف قسم جون پيون به لکتون گهڻي تعداد ۾ مليون آهن. انهن مان هڪ تختيءَ تي ٻن شاگردن جي وچ ۾ هڪ ڳالهه ٻولهه تمام اهميت واري آهي. هڪ شاگرد جو نالو ”اِنڪي من سِي“ ۽ ٻي جو نالو ”گرني شڳ“ آهي. انهن مان هڪ پاڻ کي هوشيار ته سمجهي ۽ پنهنجي علم تي گهُمنڊ اٿس. جڏهن ته ٻيو، تعليمي رڪارڊ اعلىٰ نه هوندي به سمجهدار آهي. هوسيار سمجهندڙ شاگرد، حقارت وچان ٻئي شاگرد کي چوي ٿو:

”او ڪوڙهه مغز بيوقوف، اسڪول لاءِ مصيبت، چٽ، سوميري ڪان اڻ واقف! تنهنجا هٿ ڏاڍا بيدولا آهن. اهي قلم ئي چڱيءَ طرح نہ جهلي سگهندا تہ لکندا ڪٿان؟ صورتخطي تنهنجي وَس ڪان ٻاهر آهي، پوءِ بہ تون پٽاڪون ٿو هڻين تہ تون منشي آهين.“

ٻئي شاگرد جواب ڏنس:

”جا تي پيو جي مان تو جهڙو منشي نہ آهيان؟! تون جيڪي دستاويز لکندو آهين، اهي بي معنیٰ هوندا آهن. جيڪي خط لکندو آهين اهي ڪوبہ سمجهي نہ سگهندو آهي. جڏهن ايراضي ورهائڻ نڪرندو آهين تہ منجهي پوندو آهين. زمين جي ماپ ڪرڻ نڪرندو آهين تہ ماپٽي ڪٽڻ بہ ڪونہ ايندي اٿئي. تون تہ معمولي ڪلي بہ هٿ ۾ ڪٽڻ ڪونہ ڄاڻين. توکي ڪجهہ بہ نہ ايندو آهي. جهيڙي وارن ۾ بہ توکي ٺاهہ ڪرائڻ ڪونہ اچي.هيڪاري منجهن نفرت وڌايو ڇڏين. تون تختي لکندڙ نااهل ماڻهن مان آهين. تون آهين ڪهڙي ڪم جو؟ اڙي! مان تہ هرفن مولا آهيان. جڏهن ايراضي ملڻ جو ڪم ملي تہ پوري ورهاست ڪريان. زمين ماپڻ لاءِ ڪو چوي تہ، آءٌ ڄاڻان ٿو تہ ماپٽي ڪٿان ڪٽجي ۽ ڪٿي رکٽي آهي. جهيڙي وارن ۾ خير ڪرائڻ جي مون کي پليءَ پتِ ڄاڻ آهي. مان ڄاڻان ٿو تہ ڀائرن ۾ ٺاهہ ڪيئن ٿيندو، جو تہ مونکي انهن جي جذبات کي ٿڌي ڪرڻ جو فن ايندو آهي، پر تون تہ سڀ ڪان سست منشي آهين. سڀ ڪان لاپرواهہ انسان! تنهنجي ڪيل ضرب، غلطين جو ٽوپرو آهي. ايراضي ماپڻ ويهين تہ ڏيگهہ ۽ ويڪر هڪبئي سان منجهائي ڇڏين، چورس، ٽڪنڊن، گولن ۽ ڇهڪنڊن ۾ توکي تميز ئي ڪونهي. او پٽاڪي، او داداگيرا! توکي پاڻ تي ايڏو گهمنڊ ڇاجي ڪري آهي؟“

[سوميري لکت جو ترجمو]

انکانپوءِ وري زبان جو ماهر، پنهنجي زبان جي مهارت، گرامر جي ڄاڻ، پيءُ ڏاڏي جي منشي هجڻ تي فخر ڪري عام نينگر کي ڏڪاري ٿو. اڄ کان چار هزار سال اڳ

جو اهو مڪالمو اڄ تائين هليو آيو آهي. علم، ڄاڻ ۽ مُلپٽي واري ڪتابي ڄاڻَ تي گهُمنڊ ڪرڻ وارا ڪيترائي ماڻهو آهن، جيڪي نوجوانن کي، سندن سوچن کي،

عمل کي ۽ تخليق کي رُڪو انڪري ميتا ڪونہ ٿا ڏين جو اهي باقاعدي استاديءَ بجاءِ زندگيءَ کان سڌو سنئون سکن ٿا.

ادل سومرو اسان جي دؤر جو اهڙوئي منشي آهي (اڳيئين دؤر ۾ ليکڪ کي منشي چئبو هو) جيڪو پيءُ ڏاڏي کان وٺي اديب نہ آهي، نہ ڪو علم جي گهُمنڊ سبب ٻتاڪ هڻندڙ ۽ نهئي ڪنهن کي هيچ چوندڙ خود ثنائي، هو فقط زندگيءَ جو علم رکندڙ آهي.

ڪنهن بہ سڄاڻ ليکڪ لاءِ سندن ذهن ئي اصل ميراث ٿيندي آهي ۽ سماج ۾ ڦهليل زندگي ان جي ذهن کي جلا بخشيندڙ قُوت - چمڻ کان وٺي سوچ جو عمل شروع ٿي ويندو آهي ۽ زندگيءَ جا حادثا، ملاقاتون، وڇوڙا، مطلب تہ هر گُذرندڙ پل، پنهنجو رنگ، خوشبو ۽ حسن جا عڪس، احساس وسيلي، ذهن جي استور ۾ گڏ ڪندو ويندو آهي. جيئن ٻڳل چوڙيون ٻاءِ اسڪوپ Biscope ۾ وڃي، هر ڦيري سان نئون نظارو ڏيکاريندين آهن، تيئن انساني واقعن ۾ اهي رنگ، خوشبو واقعا هڪبِئي ۾ ملي نوان نوان عڪس جوڙيندا آهن ۽ انساني سماج ۽ سوچ جا نوان رستا جوڙيندا آهن. جيڪي بظاهر هڪبِئي کان پري ۽ غير واسطيدار هوندي بہ پنهنجي انتها ۾ هڪ ٻئي سان ائين ڳُنڍيل هوندا آهن، جيئن ڪنهن نوجوان جوڪريءَ جا شونق مان ٿاهيل چوٽا۔

ادل جي هن ڪتاب ۾ مقالن ۽ مضمونن سان گڏ، مختلف ليکڪن بابت، سندن تعلق جي بنياد تي، خاڪا/تاثر آهن. جيڪڏهن تورو غور مان پڙهبو تہ اهي سندس زندگيءَ اولڙا پڻ پيش ڪن ٿا. سندس طبيعت وانگر، تحرير بہ يڪسان انداز واري نہ آهي. ڪٿي شاعراڻو ڪمال آهي تہ ڪٿي ادبي ساڃهہ ڪٿي ٻاراڻي شرارت آهي تہ ڪٿي نوجوانيءَ جي مستي - پر سمورين لکڻين ۾ هڪ ڳالهہ هڪجهڙي آهي، ۽ اها آهي سچائي، صاف گوئيءَ ۽ جذباتي اظهار - پير حسام الدين راشديءَ کان اياز گُل ۽ رسول ميمڻ تائين، سيني سان ادل جو پيار، سندس لکڻن مان سانوٽيءَ جي مينهن جيان وسي رهيو آهي.

اسان جي لوڪ ادب ۾ جيڪا فني خوبي آهي، سا اها ته ان ۾ ڪجھ ڪردارن جي حوالي سان انساني ذهن ڪي زندگيءَ جي مشڪلاتن ۽ مسئلن جي ڇاڻ ۽ ان ۾ پار پوڻ جا طريقا، اهڙي انداز سان بُڌايل آهن، جو پڙهندڙ پاڻ کي بيوقوف به تَتو سمجهي ۽ نه ئي سڌي نصيحت ڪان ڪڪ تئي ٿو، بلڪ غير محسوس طريقي سان ذهن جون بند ڳڙکيون کُلنديون وڃن ٿيون ۽ صورتحال پاڻ مرادو، سمجھ ۽ عقل ۾ اضافو ڪري ڇڏي ٿي. ادل جي انداز تحرير ۾ به اها ساڳي خوبي آهي هو پنهنجي چاتل سُڄاتل ڪردارن جو پڙهندڙ سان تعارف به ڪرائي وڃي ٿو، ان شعبي متعلق ڄاڻ به ڏئي وڃي ٿو ۽ پڙهندڙ ڪڪ به نه ٿو ٿئي.

سوميري ڪُتبن مان هڪ ڪتبي تي پيءُ جي پٽ لاءِ دعا لکيل آهي. جنهن ۾ پڙهڻ ڪان پوءِ الائي ڇو ائين ٿو لڳي ڄڻ اسان جا روح صديون اڳ جوڙيا ويا آهن ۽ پُنر مان ملن جي چڪر ۾ اڄ تائين جسم متائيندي، اڇي اسان جي روپ ۾ نروار ٿيا آهن. جي فرق آهي ته صرف وقت جو، حالتن ۽ نالن جو، نه ته سوچ جو انداز ۽ رشتن جو لڳاءُ بنهه ساڳيو آهي.

جيڪڏهن ڪو توسان جهيڙو ڪري ته، ان ڪان تنهنجو ديوتا نَنا توکي محفوظ رکي، جيڪڏهن ڪو توتي حملو ڪري ته ان ڪان تنهنجو ديوتا ننا توکي بچائي. توتي ديوتا جو راضپو رهي. تنهنجي انسانيت تنهنجو درجو بلند ڪري. تنهنجو سينو تنهنجو ڳاٽ (اوچو رهي). تون پنهنجي شهر جي دانشورن جو سربراهه بڻجين. من پسند جاين تي، تنهنجو شهر تنهنجو نالو وٺي. تنهنجو ديوتا توکي سٺي نالي سان سڏي. تنهنجي دوتا ننا جون مهربانيون توسان شامل حال رهن گُل ديويءَ جو فصل توتي نازل ٿئي.

[سوميري ڪتبي جي پيءُ جي دعا جو ترجمو]

هتي گهٽين ڳالهين لکڻ ۽ ورجاءَ ڪان بهتر آهي ته توهان پاڻ ادل جو ڪتاب پڙهو ۽ امين تي فيصلو ڪريو، ته سندس ذات ۽ ذاتُ ملي، ڪهڙي نه خوبصورت

دنيا آباد ڪئي آهي. اهڙي دنيا جنهن کي ايندڙ دؤر جا لکندڙ ائين ئي ورجائيندا، جيئن اڄُ اسان سومير جي لکٽين کي ورجائي رهيا آهيون. ڇوته هر دؤر جي سچي لکت، پنهنجي دؤر جي زندگيءَ جو وهُ پي امرت اوڳاڇيندي آهي ۽ زمان و مڪان جي قيد کان آزاد ٿي ويندي اهي. ادل سومري جو هيءُ ڪتاب بہ انساني شعور جي هزارن سالن واري سفر جو تسلسل ئي آهي.

**ڪوئينس روبڊ سڪر**
15 **جنوري** 1991.

# ساروٽيون سَوَ ساهہَ ۾

19 جنوري 1988ع جي هڪ سرد شام جو، مان ۽ شيخ اياز سندس گهر ۾ سگريٽ تي هٿ سيڪيندي ڪچهري ڪري رهيا هئاسين تہ اوچتو بجلي هلي وئي. اوندهہ ۽ خاموشيءَ ۾ شيخ اياز جو ڳرو آواز گونجيو: ”ادل! مان مري وڃان تہ هنن گهڙين جون يادگيريون لکجانءِ.“

جنات بلڊنگ لڳ سندس گهر جي آسپاس، اڪثر شام جو ڪلاڪ ڏيڍ گڏجي پسار ڪندا هئاسي. ان دوران شيخ اياز پنهنجي يادُن جا ورق ورائيندو هو. شخصي زندگي ۽ ادب جي حوالي سان، تمام گهٽيون معلوماتي ۽ دلچسپ ڳالهيون ڪندو هو. هڪ ڀيري چيائين: ”مان انهيءَ موڙ تي پهتو آهيان، جتي ڪپڙي لٽي ۽ ڪائڻ پيئڻ جو شوق گهٽجي ويو آهي. ڪيترائي قيمتي ڪپڙا ۽ فلسوٽ پيا آهن، پر انهن ڪي پهرڻ جي طلب نہ تي رهي. هاڻِ فقط هڪ ئي طلب رهي آهي تہ باقي رهيل حياتيءَ جو هر هڪ پل شاعريءَ جي تخليق ۾ گُذاريان. هاڻِ لکڻ منهنجي لاءِ عبادت بڻجي ويو آهي جنهن ۾ مان دلي سُڪون محسوس ڪريان تو. مان چاهيان تو تہ پنهنجي ادب کي هزارين نوان گيت ڏئي وڃان، جيڪي اڃان تخليق نہ ٿيا آهن ۽ انهن ۾ سنڌ جي سيني جاگرافيائي ياڱن کي اتان جي ٻوليءَ جي پس منظر ۾ سمايان.“

منهنجي لاءِ اهو تمام گهٽي خوشيءَ جو ڪارڻ آهي جو شيخ اياز جا سوين گيت ۽ بيت، وايون ۽ نظم وغيره سڀ کان پهريان مون ٻُڌا آهن يا پڙهيا آهن. ڇو تہ انهن جي تخليق کان پوءِ مُون ئي انهن کي اتاريو آهي يا شيخ اياز کان ٻُڌو آهي. شاعري اُتارڻ جي سلسلي ۾ مهينن جا مهينا روزانو شيخ اياز وٽ وڃڻ ٿعيو آهي. رات جو يا پرهہ ڦٽيءَ جو تخليق ڪيل شاعري اڪثر ڪري، صُبح جو شيخ اياز ٻڌائيندو هو. مون شيخ اياز جا ڪتاب، ”رڻ تي رمجهم“، ”راج گهاٽ تي چنڊ“، ”ٻڙ جي چانوَ اڃي کان گهاٽي“، ”اڪن نيرا ڦُليا“، ”ڪراچيءَ جا ڏينهن ۽ راتيون“ ۽ ”جهُڙ نيٽان نہ لهي“ سندس ڊائرين تان اتاري، پريس ڪاپيءَ طور فيئر ڪيا. انهيءَ ڪم ڪندي مون ڪڏهن بہ ٿڪاوٽ محسوس نہ ڪئي، پر ائين سمجهندو هوس، تہ مان ڪنهن پکيءَ جان، خوبصورت وادين، ڊنڊن، گُلن ٻوٽن ۽ آبشارن وٽان اُڏامندو، گُذري رهيو آهيان.

شاعري اتارڻ دوران اڪثر وچ ۾ شيخ اياز ايندو هو. ڪڏهن مون لاءِ صوف ڪٽي ايندو هو ته ڪڏهن ڪولڊ ڊرنڪ. مانيءَ جي مهل ٿيندي هئي ته بُوئا (سندس بورچياڻي) کي سڏ ڪري، مون لاءِ ماني آڻڻ لاءِ چوندو هو. ڪڇهري به ڪندو رهندو هو ته جيئن مسلسل لکڻ ڪري ٿڪ محسوس نه ڪيان. ڪتاب شايع ٿي ايندو ته پهريان اُن جي ڪاپي ڏيندو. جڏهن سندس شاعريءَ جو مجموعو "اکن نيرا ڦليا" شايع ٿي آيو ته ان تي لکي ڏنائين:

"پهرين ڪاپي ادل سومري لاءِ، جنهن جي تعاون کان سواءِ هن ڪتاب جي ڇپائيءَ ۾ دير پئجي وڃي ها."

ڪوبه ماڻهو شيخ اياز سان شخصي توڙي نظرياتي اختلاف رکي سگهي ٿو، ڇو ته انسان بهرحال انسان آهي ۽ انسانن جا هڪٻئي سان اختلاف رهندا آيا آهن. پر شيخ اياز جي ذات اسان جي ادب جو اهو بي بها سرمايو آهي، جنهن جو هن وقت اندازو ڪرڻ مشڪل آهي. ڪوي شيخ اياز ادب جي اڀ تي، پنهنجن واين، بيتن ۽ نظمن جا هزارين ستارا چمڪايا آهن، جن جي جوت ڪڏهن جهڪي ٿيڻي نه آهي، ان بيماريءَ جي حالت ۾ به راتين جون راتيون جاڳي اسان جي ادب جي ڦلواڙيءَ ۾ ڪوتائن جا اهڙا گُل ٽڙايا آهن، جن جي سرهاڻ سدائين رهندي. ادبي تاريخ ۾ اهڙو مثال مشڪل سان ملندو ته ڪنهن شاعر پرهه ڦٽيءَ کان اڳ پکين سان گڏ جاڳي، ٻاک جهڙا بيت، وايون ۽ نظم تخليق ڪيا هجن. موت ۾ تنهنجا ناپاڪ هٿ، انهيءَ سرجڻهار کي پوندي ڏيڻ لاءِ ڪڄ ڻا. حيف هُجئي او مورک! ڀلا سورج کي پوندو ڏيڻ ڪهڙي معنيٰ رکي ٿو؟

(شيخ اياز ٻڌايو هو ته هڪ ڀيري هُو سکر ۾ گهنٽا گهر وٽ خريداري ڪري رهيو هو ته اتان هڪ نام نهاد شاگرد اگواڻ ڪار ۾ گُذريو. اوچتو شيخ اياز جي مٿس نظر پئي ته هُن ڪار جي دريءَ مان ڪيس پوندو ڏنو هو.)

شيخ اياز کي مون ڪڏهن به جذباتي ٿيندي ڪونه ڏٺو آهي. هو پنهنجي مَتَگهُرن لاءِ به نيڪ جذبا رکندڙ آهي، پنهنجي مخالفن کي پرپُٺ گهٽ وڌ ڳالهائڻ جي رسم اسان وٽ تمام پراڻي آهي، پر مون شيخ اياز کي انهيءَ معاملي ۾ ان جبل وانگر

محسوس ڪيو آهي، جيڪو پنهنجي چؤڌاري طوفانن جي پرواهه ڪرڻ کانسواءِ، خاموش ۽ پروقار بيٺو هوندو آهي.

شيخ اياز هوئنئن ته نهايت ڳنڀير شخصيت جو مالڪ آهي، پر ڪڏهن ڪڏهن يوڳ چرچي واري موڊ ۾ به ايندو آهي. پراڻي سکر واري بازار ۾ هڪ ريڙهيءَ واري جي پرسان گُذري رهيا هئاسين. ريڙهيءَ تي گدرا رکيل هئا. شيخ اياز گدرن تي هٿ رکندي، ريڙهيءَ واري کان پڇيو: ”ڏي خبر، ڪيئن تو ڏئين گدرا؟“

”چئين روپئي ڪلو“ گدري واري وراڻيو.

”يلا مٺا به آهن يا نه؟“ شيخ اياز پڇيو.

”سائين اها خبر ته خدا کي ته، گدرا مٺا آهن يا ڦِڪا“ گدرن واري نماڻي انداز ۾ وراڻيو.

شيخ اياز کيس کلندي چيو:

”چڱو ترس يلا ته مان خدا کان پُڇي، موٽي تو اچان.“

ايياس جا ستَ سموڊ پار ڪندڙ ڪوي شيخ اياز، پنهنجي گفتگوءَ مان ڪڏهن ڪڏهن معصوم ٻار وانگر لڳندو آهي.

شيخ اياز جي طبيعت ڪجهه ٺيڪ نه هُئي، مان به سندس گهر ويٺو هوس. منهنجي پرسان اچي چيائين، ”ادل! منهنجون اکيون ته ڏس، سائيون آهن ڇا؟ ڊاڪٽر چيو پئي ته مٺان سائيءَ جو اثر هجي.“

مون شيخ اياز جي اکين ۾ نهاريو.

الائي ڪيترن چهرن، ماڳن ۽ خوبصورت نظارن جو مشاهدو ڪيو هوندو انهن اکين، هزارين صفحن ۽ لکين لفظن کي ڏٺو هوندو انهن اکين، پوءِ به انهن ۾ ڪائي ٿڪاوٽ ڪانه هُئي.

عقابي اکين جهڙيون اکيون، جيڪي ڪنهن خوبصورت منظر کي جهٽڻ لاءِ چڻ آتيون هُجن.

شيخ اياز کي مون روئندي به ڏٺو آهي ته بي انتها کلندي به. رشِيد ڀٽيءَ جي وفات جو کيس گهڻو ڏک ٿيو هو. چيائين ته، هو پنهنجي والده جي وفات ۽ رشيد ڀٽيءَ جي لاڏاڻي تي گهٽي ۾ گهڻو رنو هو. مون کي ياد آهي رشيد ڀٽيءَ جي جنازي کڻڻ جو منظر، جڏهن شيخ اياز اوڇنگارون ڀري رُنو هو.

هڪ موقعي تي شيخ اياز ايترو ته کليو هو جو کلندي کلندي سندس اکين ۾ ڳوڙها اچي ويا ها. مون کي يقين نه پئي آيو ته ڳنڀير ۽ سنجيده طبيعت جو ماڻهو، ائين کلي به سگهي ٿو. اهو هڪ ڪتاب ۾ آيل جگر مراد آباديءَ جو ذڪر هو، جنهن کي بيان ڪندي، شيخ اياز کلندو رهيو. ڳالهه ڪجهه هيئن هُئي ته جگر مراد آبادي پنهنجي هڪ دوست وٽ مهمان ٿي ويو. رات جو ميزبان کيس هڪ ڌار ڪمري ۾ حقو ڏيئي پاڻ وڃي سُتو. جگر کي ننڊ نه ٿي آئي سو غزل ٺاهڻ شروع ڪيائين. حقي ڇڪڻ سان گڏ غزل جا شعر به جوڙيندو ٿي ويو. حقي جا اگر ٽري ويا پر غزل اڃا مڪمل نه ٿيو هو. حقي ڪانسواءِ سندس ذهن ڪم نٿي ڪيو ۽ آڌيءَ رات ميزبان کي جاڳائڻ مناسب نٿي سمجهائين، سو ڪُرتو لاهي، ان جا ٽڪر ڪري حقي ۾ ساڙيندو ويو. هُن غزل مڪمل ڪرڻ ٿي چاهيو، پر حقي ڪانسواءِ تخليق جو سفر ڏکيو هيو، سو شاعر سڳوري آخرڪار پنهنجو پاجامو لاٿو ۽ پاجامو ساڙيندي حقو ڇڪيو ۽ غزل ٺاهي مڪمل ڪيو. صبح جو ميزبان جڏهن شاعر کي جاڳائڻ لاءِ سندس ڪمبل مٿي ڪنيون ته همراهه ننگو ستو پيو هو.

شيخ اياز اهو ڪتابي واقعو پڙهائيندو به ٿي ويو ته کل ۾ پڙندو به ٿي ويو. مون کيس ايترو کلندي ڪڏهن به ڪونه ڏٺو آهي.

ڪراچيءَ ۾ ڪلفٽن واري فليٽ تي مان ۽ تاجل بيوس، شيخ اياز وٽ وياسي. ڪانئس طبيعت جو پڇيوسي. ڳالهين ڪندي استاد بخاريءَ جي بيماريءَ جو ذڪر نڪتو، جيڪو ان وقت جناح اسپتال جي پرائيويٽ وارڊ ۾ داخل هو. شيخ اياز (جيڪو خود ان وقت ناچاڪ هو) استاد بخاريءَ کان خير عافيت معلوم ڪرڻ جي خواهش ڏيکاري. شيخ اياز، تاجل ۽ مان جڏهن جناح اسپتال جي پرائيويٽ وارڊ ۾ پهتاسي ته خبر پئي ته استاد بخاري، ڪينٽونمينٽ اسٽيشن پرسان شاليمار هوٽل منتقل ٿي ويو آهي. وري ٽئي ڄڻا شاليمار هوٽل پهتاسين. اڌ ڪلاڪ اڳ استاد بخاري پنهنجي دوستن سان اتان سامان کڻي هليو ويو.

شيخ اياز کي استاد بخاريءَ سان نه ملڻ جو افسوس ٿيو ۽ اسان کي چيائين ته جڏهن به اسان استاد بخاريءَ سان ملون ته ڪانئس، سندس پاران خيرعافيت ضرور پڇون. سوچيم ته شيخ اياز خود بيمار آهي، پر پنهنجي هڪ بيمار شعر ياءُ لاءِ ڪيئن نه همدرديءَ جا احساس رکي ٿوجو تڪليف ڪري ڪانئس پڇڻ لاءِ هليو.

ڪڏهن ڪڏهن ائين ٿيندو آهي جو پسند جا شعر ۽ جملا وغيره ڊائري تي اتاري ڇڏبا آهن، جن جي هيٺان ليکڪن جو نالو لکڻ وسري ويندو آهي ۽ ڪجهه وقت گذرڻ بعد انهن شعرن ۽ جملن جي تخليقڪارن جي خبر نه پئجي سگهندي آهي. شيخ اياز چواڻي ته سندس نثري نظم جي مجموعن، ”پتڻ تو پور ڪري“ ۽ ”ٽڪرا ٽٽل صليب جا“ ۾ پندرهن کن نثري نظم ٻين ليکڪن جا به شامل ٿي ويا آهن، جيڪي سندس ڊائري تي اتاريل هئا ۽ سندس نثري نظمن سان گڏجي ويا هئا، پر انهن جي خبر ناهي ته اهي ڪهڙا آهن. اهڙيءَ ريت شيخ اياز وڏيڪ ٻڌايو ته فارسي شعر جي هڪ مصرع:

کستي ڪه کُشته نه شُد، از قبيلہ مانيست

جو ترجمو پڻ سندس هڪ بيت جي مصرع ۾ هن ريت اچي ويو آهي:

جيڪو ڪونه ڪٺو، سو نه اسان جي ڪُڙم مان.

گهڻي مطالعي سبب، اتفاقاً غير ارادي طور، اپياس هيٺ آيل ويچار ڪڏهن ڪڏهن پني تي پڪڙجي ويندا آهن. جيڪڏهن تخليقڪار کي، خيالن جي ان هڪجهڙائپ جي خبر پئجي تي وڃي ته ان کي لڪائڻ بدران ظاهر ڪرڻ وڌيڪ بهتر آهي ته جيئن مستقبل جي نقاد کي اهڙي اوٿائيءَ ظاهر ڪرڻ جو موقعو نه ملي.

شيخ اياز جي گهريلو زندگي ۽ آفيس جي مصروفيتن جي ويجهي مشاهدي هئڻ ڪري، سمجهه ۾ نه ايندو هو ته هي شاعرِ ماڻهو مطالعي ۽ تخليق لاءِ ڪيئن تو ايترو وقت ڪڍي؟ صبح کان منجهند تائين مختلف ڪورٽن ۾ ڪيسن جي پيروي، منجهند جوٿورو آرام. وري شام کان آفيس ۾ اصيلن جي مسئلن جا داستان ٻڌڻ ۽ انهن کي مطمئن ڪرڻ. جڏهن مون ڪيس دوستن ۽ عقيدتمندن سان گهٽ ملڻ جي شڪايت ڪئي ته چيائين: جيڪڏهن ملڻ جُلڻ جو اهوسلسلو وڌائي ها ته هوند گهڻو وقت ان طرف سيڙجي وڃي ها ۽ هو پنهنجي تخليقي عمل کي ايترو وقت ڏئي نه سگهي ها. شيخ اياز جي انهيءَ روش جي ڪري ڪي ماڻهو ڪيس مغرور سمجهندا هوندا، پر سوچڻ گهُرجي ته جيڪڏهن اهڙو ماڻهو، جنهن جا سوين عقيدتمند هُجن، سماجي وهنوار ۾ ماڻهن سان ملاقاتن جو سلسلووڌائي ته شايد سندس گهڻو وقت ڪچهرين ۾ گُذري وڃي. چو ته سندس گهڻي کان گهڻا پڙهندڙ ساڻس ملڻ چاهيندا آهن. سندس پرستارن جا ڏانهنس ڪيترائي خط ايندا آهن، جن ۾ فوٽو موڪلڻ جي فرمائش سان گڏ ساڻس ملڻ جي خواهش جو اظهار هوندو آهي.

شيخ اياز پنهنجي ڪتاب، ”ڪراچيءَ جا ڏينهن ۽ راتيون“ ۾ سبطِ حسن جو ذڪر ڪندي هڪ هنڌ لکيو آهي ته اردو ٻوليءَ جا اديب سبطِ حسن جي ساٿ لاءِ سڪندا هئا. مان سمجهانٿو ته اسان وٽ ساڳي حيثيت شيخ اياز کي حاصل آهي.

**(پنهنجي همعصر ليکڪن/شاعرن وٽ نه سهي، پر ان کان پوءِ وارن شاعرن/ليکڪن وٽ شيخ اياز کي اهڙي حيثيت ضرور حاصل آهي).**

# دوستيءَ جي خوشبو

ننڍاڪڙو ڏينهن
ٽڪل ڦليليءَ جا ڪنارا
تنهنجي گهر جا چارا
ساهه ۾ تنهنجي خطن جي خوشبو.
دوستيءَ جي خوشبو
ان سمي تنهنجي تصور ڪان سواءِ
سڀ سوچون سُڪل پنن جان
ذهن وڻ مان ڇڻي ويل.

اهو جنوري 1975ع جو هڪ ڏُنڌلو ۽ ميرانجهڙو صبح هو. ماحول تي هلڪو ڪوهيڙو ڇانيل هو ۽ سج جي ڪرڻن ۾ ايتري سگهه ڪانه هُئي، جو هو سموري جوت پکيڙي، تڏ ۾ پنهنجي گرميءَ جو احساس ڏياري سگهن. هوا ماٺهن جي ڇهڻ تي خشڪيءَ جي ڇٽڪار ڪري رهي هُئي. ان سمي پهريون پيرو ٽنڊي ٺوڙهي جو تصور ڪٽي، مان ڦليلي پار وڃي رهيو هوس. رستي ۾ ٽنڊي ٺوڙهي جي گهٽين ۽ رستن جا خاڪا، منهنجي ذهن جي پردي تي لهندا ۽ ڊهندا تي ويا ته ڪڏهن مرزا قليچ بيگ جي تصوير جي پٺيان نصير مرزا جو ڌنڌلو ۽ پري ڪان نظر ايندڙ عڪس تي ابريو. هونئن ته ٽنڊي ٺوڙهي جي اهميت ۽ سڃاڻپ مرزا قليچ بيگ جي حوالي سان آهي، جنهن هر موضوع تي 450 ڪان به وڌيڪ ڪتاب لکي، سنڌي ٻوليءَ جي ادبي خزاني ۾ بي بها اضافو آندو. پر ان وقت منهنجي دل ۾ ٽنڊي ٺوڙهي جي اهميت مرزا قليچ بيگ جي خاندان جي هڪ نوجوان شاعر نصير مرزا سبب هئي، جنهن ڏانهن آءٌ پهريون پيرو وڃي رهيو هوس.

ٽنڊي ٺوڙهي جون گهٽيون مون کي اداس اداس ۽ خالي لڳي رهيون هيون. شايد موسم جو اثر هو يا مان سوير پهتو هوس. امام بارگاهه جي اڱڻ ۾ نم جا سڪل پن، گهڻن مٿاهن اُڀا منگهه ۽ علَمَ، خالي اوطاقن جي پڊر ۾ پکين جون لاتيون ۽ هوا جو آواز، حاويلين جا وڏا لوهي در. مون کي هر شئي پروقار لڳي، گهڻن جون ديوارن ڇڻ مون کان پڇي رهيون هيون ته: ”توکي ڪنهن جي ڳولا آهي“ مان جڏهن حاويليءَ جو ٻاهريون وڏو لوهي در ٽپي نصير جي گهر جي در تي پهتس ته ڪجهه دير ائين ئي

ويڳاڻي مسافر جان ٻيٺو رهيس، جڏهن مون کان واٽ وڃائجي وئي هجي. مون کي اها به سُڌ نه رهي ته دروازو کڙڪايم يا نه. ائين ئي سوچ لهرن ۾ پئي لُڙهيس ته هڪڙو مُرڪندڙ ۽ ٽهڪندڙ چهرو ظاهر ٿيو. هو وڌي اچي مون سان، منهنجو نالو ڪٺي مليو، جڻ اڳ ۾ ئي سڃاڻپ هجي ۽ موٽ ۾ منهنجي زبان اُچاريو: "نصير مرزا."

حياتي هيڪل ۽ ويران برپٽ هجي ها، جيڪڏهن ان ۾ چاهت جي روشنيءَ جا ترورا ۽ سڪ جي سُرهاڻ سمايل نه هجي ها. ڪو به انسان پنهنجي وجود جي وٽڪار ۾ ڪيترو به سرهو ڇو نه هجي، پر ٻين جي ساٿ ۽ سهڪار کانسواءِ هو هيڪلائپ جي اُداس ٻيٽ تي اڪيلو رهجي ويندو. ويجهڙائپ، محبت يا دوستيءَ جا جذبا اهڙا احساس آهن، جن کي ڪنهن مٽان مڙهي نٿو سگهجي نه وري انهن احساسن کي زندگيءَ جي اٽڪٽ راهه تي اُس جو احساس ڏياري، مايا جي چانو هيٺ آڻي، خريد ڪري سگهجي ٿو. انهن نازڪ ناتن جوڙڻ ۽ انهن جي بقا لاءِ انسان کي اندر جي ارڏائپ ڇڏي، خلوص، نيڪ نيتي ۽ نئڙت واري راهه اختيار ڪرڻي پوي ٿي، ڇو ته اهي ناتا هڪ ڏينهن ۾ نه پر سالن جي ساٿ ۽ سڪ سبب جُڙندا آهن.

نصير ۽ مان هڪ ئي منزل جا پانڌيئڙا آهيون. ڏات جي ڏيهه ۾ ليکڪن جي قافلي سان گڏ اسان جو سفر جاري آهي. اسان جي دوستيءَ جي شروعات به ان ئي حوالي سان ٿي. هونئن ته اسين سڀ ليکڪ، اديب يا شاعر هڪ ئي برادريءَ وانگر آهيون ۽ سڀ هڪ ٻئي کي سڃاڻون. پر ويجهڙائپ يا محبت واري دوستي هر هڪ سان ته ٿي نٿي سگهي نه، ۽ اهو ضروري ناهي ته هڪ ئي گهٽيءَ ۾ رهندڙ سڀ پاڻ ۾ دوست هجن.

اسان هڪ ٻئي جي شاعري پڙهندا هئا سين، پر 1974ع ۾ نصير مون ڏانهن هڪ غير معمولي خط لکي دوستيءَ جي ابتدا ڪئي ۽ پوءِ اهو سلسلو جاري رهيو ۽ اسان هڪ ٻئي ڏانهن ايترا ته خط لکياسين جو شايد ئي ڪن سنڌي ليکڪن هڪٻئي ڏانهن لکيا هجن. نصير مرزا جا خط عام رواجي ۽ رسمي نه پر جذبن ۽ احساسن سان ڀرپور ادبي ٻوليءَ ۾ لکيل آهن. مان انهن خطن کي پنهنجو قيمتي سرمايو سمجهندو آهيان ڇو ته اهي اسان جي دوستيءَ جي ميراث آهن ۽ دوستي به اهڙي جو پائرن کان به وڌيڪ.

نصير مرزا خط ۾ لکيو هو ته: ”مون پنهنجي امڙ سيني پينرن پائرن ڪي پُڏائي چڏيو آهي ته اسان جي خاندان ۾ هڪ وڏيڪ فرد جو اضافو ٿيو آهي ۽ اهو آهي منهنجو ياءُ ادل سومرو“

نوڪريءَ دوران مان حيدرآباد ۾ ٻه سال رهيس، اهي ٻه سال نصير مرزا سان گڏ گذريا، پوءِ هن جي سموري حياتي منهنجي آڏو لڪيل ڪتاب وانگر هئي، جيترو هو مون کي خطن ۾ پُرخلوص ۽ سچو لڳو اوترو ئي هو عام زندگيءَ ۾ صاف ۽ کرو نظر آيو.

دوستن لاءِ هن جي پيار جي ڪا سرحد ناهي، هو پنهنجي هر خوشيءَ ۾ پين کي ڀاڱي ڀائيوار ڪري ٿو، پنهنجي ٻارن جي شاعريءَ جي مجموعي ”ذرتيءَ جا تارا“ ۾ لکي ٿو:

جيون ۾ جڏهن ٻه توريون گهٽيون خوشيون پلئه پيون، وچن تو ڪريان، ته اهي دل جي لاڪر ۾ لڪائي رکڻ بجاءِ، ننڍڙن پيارن پيارن ٻارن ۾ شين وانگي ورهائي ڏيندس“.

اسان ڪڏهن ڪاوڙيا هئاسين ۽ وري پنهنجو پاڻ پرچي ويندا هئاسين، پر پرچڻ ۾ اڳوات نصير ئي ڪندو هو، ڪاوڙ سبب جيڪڏهن مان نه ملندو هومانس ته، انهن دوستن جي تاڪن تي اڳ وٺي اچي ويهي رهندو هو جتي منهنجو وڃڻ ٿيندو هو، ان سمي هو مون کي معصوم ٻار جان نظر ايندو هو.

هو اهڙن ماڻهن منجهان آهي، جيڪي پاڻ کي تڪليف ۾ رکي پين کي فائدو رسائيندا آهن، پين جا ڏک پنهنجي پاسي سيري موٽ ۾ کين مرڪون ۽ ٽهڪ بخشيندا آهن، هر ماڻهوءَ جي مرڪي آجيان ڪرڻ ۽ مان ڏيڻ نصير جي فطرت ۾ شامل آهي. مون ڪڏهن هن جي چهري تي بيزاريءَ جون ريکائون نه ڏٺيون، انسان آهي، تي سگهي ٿو ڪڏهن اهڙيون حالتون پيدا ٿيون هجن، پر هن ڪڏهن ٻه پنهنجي بيزاريءَ جو اثر پين تي مڙهڻ نه چاهيو آهي. اهوئي سبب آهي جو هن سان عقيدت ۽ محبت ڪرڻ وارن جو تعداد گهڻو آهي. حيدرآباد ريڊيو اسٽيشن تي جنهن پروڊيوسر ڏانهن وڏ ڪان وڏ ماڻهو ايندا آهن، اهو آهي نصير مرزا، ريڊيو تي جڏهن وڃ ته سندس

آفيس دوستن ۽ فنڪارن سان پريل، اهوئي سبب آهي جو دوست چوندا آهن تہ زماني جي مونجهارن ۽ اوچتين ذهني پريشانين کان چوٽڪاري لاءِ نصير مرزا سان ملاقات ضروري آهي، چو تہ سندس ڪچهري ۾ آٿت ۽ همدرديءَ ملڻ سان گڏ همت ۽ حوصلي وڌڻ جا جذبا وڌن ٿا.

ننڍ پڻ ۾ وڪٽوريا گاڏيءَ ۾ اسڪول ويندڙ پنهنجي اوطاق جي باغيچي ۾ هرڻ ۽ مورن سان رانديون ڪندڙ نصير مرزا، ڏاڍي لاڏ ڪوڏ سان پليو، هن جڏهن مئٽرڪ پاس ڪئي تہ ادب جي مطالعي سبب کيس شاعريءَ جي هوا لڳي وئي، ۽ هن سدائين خوش رهندڙ پنهنجو تخلص ”شاد“ اختيار ڪري شاعري شروع ڪئي، ادب جي گهٽي ايپاس ۽ شاعريءَ سندس من ملول ڪري ڇڏيو، هن جي اندر جا احساس ۽ جذبا بيدار ٿيا ۽ سندس دل تي دکن جا پاچا لڙي آيا ۽ هن کي محسوس ٿيو تہ هن دُکي دنيا ۾ ”شاد“ ڪو بہ ڪونهي، ظاهري طرح پکين جان خوش ٿيندڙ ”شاد“ دل ۾ ديپڪ جان دُکندا رهندا آهن، پوءِ هن ”شاد“ تخلص کان پاڻ کي آجو ڪيو، ۽ نصير شاد مرزا مان نصير مرزاٿي ويو.

نصير کي نظم ۽ نثر پنهي تي سُٺي مهارت حاصل آهي، سندس نثر مان بہ شاعريءَ جو واس پيو ايندو. هن جا هيل تائين ڪتاب شايع ٿيل آهن: ” خوشبوءِ جي سنگ سنگ“ (شاعريءَ جو مجموعو) ”سفر من اندر“ (سفرنامو) ۽ ٻارن لاءِ شاعريءَ جو ڪتاب ”ڌرتيءَ جا تارا“ سندس ٿيئي ڪتاب سنڌي ادبي سنگت ۽ انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجيءَ جا انعام يافتہ آهن. پنهنجي ٿهيءَ مان گهٽي شهرت ۽ مچتا حاصل ڪرڻ جي باوجود نصير وٽ اهائي نئڙت ۽ نياز مندي آهي. هن ڪڏهن پنهنجي تخليقن کي پڏايو ناهي، چو تہ سندس خيال ۾ شهرت هوائي بلبل جيان آهي، جيڪا موسمن وانگر ايندي ويندي رهندي آهي. پنهنجي تخليق بابت هو لکي ٿو تہ: ”ڪلاڪار لاءِ اهو بنهہ ضروري ڪونهي تہ هو جيڪي ڪجهہ تخليق ڪري پڙهندڙ کي ان جو تفسير بہ پڌائي (۽ خواب جي ڪا بہ ساپيا ٿي سگهي ٿي) چوڻ ۽ نہ چوڻ جي وچ ۾ هڪ ڪاهي هوندي آهي ۽ مان هن سمي ان ۾ آهيان. لفظن جا رڙ چڪڻ کان اڳ مان اوهان جي روشن ۽ سجل اکين کي پڙهائڻ چاهيان ٿو تہ ڪوتا مون تي مٿان ڪين لٿي آهي، نہ مان ڪوتا مان مڙهيو ويو آهيان، ڪو بہ عمل دراصل رد عمل سبب ظاهر ٿيندو آهي ۽ مون کي بہ وهم آهي تہ منهنجي جيون ۾ بہ ڪٿي، ڪنهن نہ ڪنهن جاءِ تي ڪو حادثو ٿيو ضرور آهي، جنهن مون کي لفظ ڪمپوز

ڪرڻ جو ڏانءُ ڏنو. منهنجي ڪوتا، منهنجي خواهش ۽ خوابن جي ساڀيا بجاءِ ان جو اداس عڪس آهي، ڪنهن نظرئي جي ڪُلي پرچار بجاءِ احساس ۽ جذبن جو هلڪو ڦلڪو اولڙو آهي“.

دوستن سان قرب ڪندڙ هي شاعر پنهنجي مسلڪ سان بہ جذباتي طرح محبت ڪري ٿو، ڪن معاملن ۾ اسان لڪ ڪان ڪم وٺندا آهيون. پر نصير بنهہ پڌرو آهي، محرم ۾ پنهنجي خاندان وانگر ڪارو ويس ڪندو، ماتم ۽ مجلسن ۾ موجود رهندو، نصير، پيار جي معاملي ۾ ڪڏهن سپنن جا ڪاڪ محل ڪو نہ جوڙيا، نہ وري ڪنهن خيالي محبوبہ جي تصور ۾ هن پاڻ کي اداس ۽ ويراڳي بڻايو آهي. عام زندگيءَ ۾ جيئن هو هر بناوٽ کان دور آهي، تيئن پيار جي معاملي ۾ بہ سچو ۽ صاف آهي. هو چاهي ها تہ پنهنجي شهرت ۽ عزت مان فائدو وٺي، ڪيترن کي پنهنجو جملن جي چار ۾ ڦاسائي ها. هو ان کي دوکو ٿو سمجهي تہ هر خوبصورت چهري سان محبت جو اظهار ڪجي، هو محبت ۾ شرڪ جو قائل ناهي، هن يونيورسٽيءَ ۾ جنهن ڪلاس فيلو ڇوڪريءَ سان محبت ڪئي، ان کي شاعراڻن جملن ۾ منجهائڻ بدران، سنئون سڌو چئي ڏنائين تہ:” مان توهان سان شادي ڪرڻ چاهيان ٿو“ ڇوڪريءَ جي رضامنديءَ کان پوءِ نصير ڇوڪريءَ جي پيءُ نصير کي اهو چئي سڱ ڏيڻ کان انڪار ڪيو تہ ”توهان شيعا آهيون“ اهو ٻُڌي نصير مرزا خاموشيءَ سان هليو آيو.

شاعريءَ ۾ لفظن جي ٽُڪبندي کي نہ پر فڪر ۽ خيالن کي اهميت هوندي آهي، نصير وٽ بہ سوچ ۽ خيالن جي خوبصورتي آهي، نوان احساس ۽ نيون تشبيهون سندس شاعريءَ جو بنياد آهن. هن جو هر نظم منفرد آهي، سندس شاعري پڙهڻ سان ائين محسوس ٿئي ٿو ڄڻ اسان اهڙي نگر ۾ اچي نڪتا آهيون، جتي آبشارن جو آواز، گلن جي سرهاڻ ۾ پکين جو لاتيون، گهاٽا وڻ، گلن سان واسيل پيچرا ۽ ٻيا اهڙا خوبصورت منظر هجن، هو لفظن سان پورٽريٽ ٺاهي ٿو، اهڙو پورٽريٽ هن پنهنجي امڙ جو بہ ٺاهيو آهي، جنهن کي ڪو بہ مصور رنگن ۾ اُڀاري نٿو سگهي“.

جهوني ڪنهن ٻڙ جي وڻ جان
سرير آهي
ماءُ منيءَ جو.

چوڙين بنا پُتيون پانهون
چڻ سنسان جزيري ڏي
ويندڙ راهون
وارن جو ويڙهوتو چڻ
چانديءَ جي تارن جو
پنڇيءَ بن آکيرو
سدا ملوڪ ۽ وٽندڙ چهرو
هاٿي آ چڻ
نندي ڪنڌ جو ڦاٿل نقشو.

حياتيءَ جو سفر اڻکٽ ۽ ٿڪائيندڙ آهي، سيئي انسان پنهنجي خوابن جي ساپيا لاءِ آس جا ديپ ٻاري، انڌيري راهن جا مسافر آهن.

اهڙن احساسن کي هڪ شاعر هن طرح محسوس ڪري ۽ لکي سگهي ٿو.

سر تي ڪو به نه سورج ڪرڻو
چوڌس آ انڌڪار
چانءَ نه ڪائي سفر ڌهر ۾
ماڳ پرانهون پار
چاتيون ڪولي وهندڙ دريا
وچ ۾ چڻ ديوار
پوءِ به هوا جيئن سفر ۾ آهي
سارو هي سنسار.

نصير، نازڪ احساس ۽ جذبن جو شاعر آهي، سندس نظم ”خوشبوءِ جي سنگ سنگ“ هميشه ياد رهندڙ نظم آهي، ان ۾ هڪ وچوڙي پوڳيل دل جي ڪيفيت کي اهڙو ته اثرائتو بيان ڪيو آهي جو پڙهندڙ ان کي پنهنجي ڪيفيت محسوس ٿو ڪري.

آءٌ شيلف جي ڪُنڊ ۾ رکيل
آهيان اهڙو ڪتاب
جنهن کي تو کان سواءِ
ڪنهن به کولي پڙهيو ڪو نہ آ
هيڏي وشال ڌرتيءَ تي
منهنجو ڪو پي نہ آ
آءٌ جيون جو تنها مسافر آهيان.

شاعريءَ ۾ جيڪڏهن اعليٰ خيالن کي اثرائتي انداز ۾ بيان ڪبو تہ اُهي پڙهندڙن کي ضرور متوجہ ڪندا، ان سلسلي ۾ پين فني خوبين سان گڏ جيڪڏهن لفظن ۾ موسيقي يا ترنم هوندو تہ اهي دل تي وڏيڪ اثر انداز ٿيندا. نصير جي پين ڪيترن نظمن سان گڏ سندس نظم ”الوداع“ ۾ موسيقيءَ جو تاثر وڏيڪ اُڀري ٿو.

سونهن سرهاڻ کي
پنهنجي مهراڻ کي
گهر کي گهاٽ کي ماڳ جي لاٽ کي
تند کي سڳنڌ کي صبح جي ڏنڊ کي
شفق جي رنگ کي چاهہ کي چنگ کي
الوداع الوداع.

نصير جو نثر بہ نهايت ئي اثرائتو آهي، هو نثر ۾ خوبصورت تشبيهون استعمال ڪرڻ ۾ مهارت رکي ٿو، سندس سفر نامو ”سفر من اندر“ نثر جو هڪ اعليٰ ڪتاب آهي، انهيءَ سفر نامي جي پهرين صفحن ۾ حيدرآباد کان لاهور ريل رستي وڃڻ جو ذڪر ڪجهہ هن طرح ڪري ٿو، جڏهن ريل سنڌ ٽپي پنجاب جي حدن ۾ داخل ٿئي ٿي:

”ريل ڇڻ اونداهين سرنگهہ منجهان ڊوڙي رهي آهي، اچانڪ ڏڏڪي تي ڪچيءَ ننڊ مان جاڳي پيو هوس، ريل جي ڦيٿن هيٺيان سنڌ جو نقشو ڪسڪي چڪو هو ۽ جادوگر رستن تي ڊوڙندي، ريل مُنيون پيڙتي لاهور ڏانهن وڌي رهي هئي.“

نصير مرزا جي تخليق جو سفر اڃان جاري آهي، هن شاعريءَ توڙي نثر ۾ پنهنجو نانءُ ڪڍيو آهي. ٻارن لاءِ ڪيل سندس شاعري به ٻارن ۾ ڪافي مقبول آهي، سندس اهي سڀ محنتون ۽ محبتون هن جي ذاتي ملڪيت نه پر اسان جو سرمايو آهن، لڪن ماڻهن جي هجوم ۾ هو منفرد آهي، هن جي هڪ ڌار سڃاڻپ آهي، اسين سندس فن ۽ فڪر تي فخر ڪيون ٿا ته هو اسان جي ٻاجهاري ٻوليءَ جي ادب کي وڌائڻ ۾ مصروف آهي. شال سندس سوچ شاداب هجي ۽ ان ۾ محبت جا گل ڦُٽن ۽ اهو ائين ئي اسان لئه ليڪ لکي ۽ انهيءَ سفر ۾ ڪڏهن به ٿڪجي نه.

جيئن ته هو آيو ئي روشني ڦهلائڻ آ، اُن ڪري سندس سوچ ۾ به سچائيءَ جي سرهاڻ سمايل آهي هن جي اهائي آس آهي ته:

گهگهه ۾ گهاٽ تي  
ديپ ٿي پيو ٻران  
شال ٻرندو رهان،  
چوڪ چؤواٽي تي  
سچ سوريءَ ٽنگيل  
وقت تلوار جان  
چپ مٿان لڙڪيل  
سچ پوءِ يي آهي  
پٽ ۾ پکڙيل.  
سچ جي راهه ۾  
جي مان وڙهندي مران  
شال مرندو رهان.

(اڳارو 14 جولاءِ 1987ع تي بيدل بيڪس آرٽس ڪائونسل پاران روهڙيءَ ۾ نصير مرزا سان ملهايل شام جو موقعي تي پڙهيل.“)

# ڪتمنڙي جهڙو شاعر

جڏهن نومبر جي نائين تاريخ تائين، ڳُل تي نَوَ ستون بہ نہ لکي سگهيس تہ ڪيس چيم: ”مان اڄان تائين توتي مضمون لکڻ جي شروعات بہ نہ ڪري سگهيو آهيان.“ تہ موٽ ۾ ڪتمنڙو ڪاپي پاسي رکندي وراڻيائين، ”مان ڪو گهوڙو آهيان ڇا، جو مون تي مضمون تو لکين!“

مون هن ڏانهن غور سان نهاريو، هُو اُن وقت واقعي مون کي گهوڙو لڳي رهيو هو. پهرين سوچيم تہ هن تي، گهوڙي تي مضمون لکڻ واري انداز ۾ مضمون لکندس، پر پوءِ دل جي چوڻ تي، پنهنجي قلم تي سوچ کي سواري ڪري، ڪاڳر جي ميدان تي ڪنهن بہ طرف ڊوڙڻ لاءِ ڇڏي ڏنم.

اياز ڳل نيڪ طبيعت جو مالڪ ۽ سٺي شاعريءَ جو خالق آهي. ڪتمنڙا ڪائڻ سندس پسند مو مشغلو آهي. هميشہ ڪيسا پريون پيو هلندو. ايتري قدر جو، جڏهن ليڪچراريءَ جي انٽرويوءَ لاءِ ڪميشن آڏو پيش ٿيو تہ سندس وات ۾ ڪتمنڙو هو. گهڻن ڪتمنڙن ڪائڻ جي ڪري سندس لهجي ۾ بہ ميٺاج سمايل آهي. بلڊپريشر گهٽ هئڻ سبب، ڪيس ڪاوڙ بہ قسمت سانگي ايندي آهي، پر جي ايندي اٿس تہ اها ڪاري ڪاوڙ هوندي آهي. اهڙي طرح هو ڪاوڙ جا هفتا بہ ملهائيندو آهي. هو ڪاوڙبو بہ تمام معمولي ڳالهين تي آهي، جن ڏانهن هوند ڪنهن جو بہ ڌيان نہ وڃي. مثال طور چوندو تہ مان فلاڻي جاءِ تي آيس، تُون پين دوستن سان ويٺو هئين، پر مون سان اوپرن وانگر ملئين، يا فلاڻي گڏجاڻيءَ ۾ منهنجي پر مان اٿي پي جاءِ تي چو وڃين ويٺئين، وغيره. ان مان سندس حساس طبيعت جو اندازو لڳائي سگهجي ٿو. پين سان سندس ڪاوڙ ڪيتري دير قائم رهندي آهي، ان جا پورا انگ اکر ڪونهن، باقي ڪيس اعتراف آهي تہ مونسان ڪاوڙ ڪرڻ ڪان پوءِ، هُو اها ڪڏهن بہ برقرار رکي نہ سگهيو آهي. اسان پاڻ ۾ ڪيترا ڀيرا ڪاوڙيا هونداسين، پر هر ڀيري هڪٻئي لاءِ طلب وڌي اهي. گڏ گهاريل سالن جي انهيءَ سات ۾، اسان ٻنهي مان، ڪنهن بہ جڏهن سڪَ سڳي ۾ چڪ محسوس ڪئي آهي تہ انهيءَ کي ڍَر ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي آهي.

ادب جي اڱڻ ۾ بانبڙن پائڻ کان وٺي ڊوڙڻ تائين (هيل تائين) سندس سارو سفر منهنجي اکيان آهي.گلن جهڙا پارڙا جون گڏجاڻيون، سنڌي ادبي سنگت جا ميڙ هجن يا ادبي شامون، هر جاءِ تي گڏ رهيا سي. اهو سمورو تعلق ادب جي حوالي سان هو. تعلق ۾ اهرو جو ڏينهن ۾ چار پنج پيرا نہ ملون تہ ماني هضم نہ ٿئي. انهيءَ ويجهڙائپ جو هڪ سبب اهو بہ آهي جو جن جي ذات منهنجي نالي ۾ سمايل آهي، يعني مان ادل ۽ هُو دَلُ (ذات جو)

هتي سندس ذات جي حوالي سان هڪ تاريخي واقعي جو ذڪر بہ ڪندس، جنهن جو اسٽديءَ طرح، ڳُل جي شاعر هئڻ واري پسمنظر سان تعلق مون زوريءَ ڳنڍيو آهي. مغلياڻيءَ جي ڇيڇ ۽ شاهہ جي هٿ واري ڳالهہ تان مُغل شاهہ لطيف تي ٻاهُرِيا هئا ۽ سگُ ڏيڻ کان انڪار ڪندي في الحال لطيف کي لوڏن ۾ وڌو هئائون. مجازي محبت جي چوٽ جُدا ۽ ڪوٺڙيءَ مان ٽپڙ پڌرائڻ جو ڏکُ ڌار، سو لطيف سائينءَ کي مغلن پنهي پاسن کان سُور ڏئي ڇڏيا. ان وچ ۾ اياز ڳُل جا مائٽ دَلَ، مردن جي غيرحاضريءَ جو فائدو وٺي، مغلياڻين کي ڦري لٽي، پينگو ڪري ويا. شاهہ لطيف ان سلسلي ۾ مغلن جي مدد ڪرڻ پئي چاهي، پر هنن اها آڇَ ٺُڪرائي، شاهہ صاحب کي ڪاوڙائي هيئن چوڻ تي مجبور ڪيو تہ:

بيگ تنهنجي بيگڙي، ڪوٺڙيءَ مان ڪانَ
اٿم آس الله ۾ دَلَ مارينئي مانَ.

لطيف سائينءَ جي بددعا اثر ڏيکاريو، مرزا بيگ ساٿين سميت، اياز ڳُل جي مائٽن هٿان مارجي ويو ۽ مائين مغلياڻي پٽائيءَ کان معافي وٺي ڪيس مطلوبہ سيده بيگم پرڻائي ڏني. جي دَلَ، داداگيري نہ ڪن ها تہ هوند مغلن جي ڪنڌ مان ڪلو نہ نڪري ها ۽ شاهہ کي مطلوبہ محبت نہ ملي ها، يعني اهو اسٽديءَ طرح دَل برادريءَ جو لطيف سائينءَ سان سهڪار ٿيو. موت ۾ ڀٽائيءَ جي دعا بہ دَلَ برادريءَ کي توري گهٽي ضرور لڳي آهي جو شاعرن ۽ اديبن جا ڏَنَ نہ سهي، پر بہ ٽي ان ذات ۾ ڀلا شاعر ۽ اديب پيدا ٿيا آهن، جن مان بہ نالا چڱا مشهور ٿيا آهن، هڪ دَل عبدالحئي راهي امروٽي ۽ ٻيو دل اياز ڳُل امروٽي. دل عبدالحئي راهي تہ دبئي وڃن کانپوءِ راهہ بدلائي في الحال ادب جي دنيا مان ڪک پن تي ويو آهي، باقي اسان وارو هي ڊيولڻ، پنهنجو پراڻو سينيما اسڪوپ نالو سُسائي، ادب جي اسڪرين تي پنهنجن

غزلن ۽ گيتن جا سلائيڊ ڏيکاري رهيو آهي. منهنجي ذاتي خيال ۾ هن جي شاعر ٿيڻ ۾ لطيف سائينءَ جي انهيءَ آڳاٽي دُعا جو ڪجهه نہ ڪجهه حصو ضرور هوندو، پر هيءُ همراهہ سيد جي دُعا سان فقط شاعر ٿيڻ واري حد تائين راضي ناهي، پر سيدن مان اجا وڌيڪ ڀاڄهَہ ۽ ڪرم نوازيءَ جو طالب آهي.

دَل جي دُعا، شل قادر ڪري قبُول.

هُونئن گُل شاعر تہ تمام پلو آهي، پر هن ۾ ڪجهه غير شاعراڻا لڇڻ بہ موجود آهن، جيڪي اسان شاعرن ۾ اڪثر ڪري اٽلپ هوندا آهن. مثال ترتيب، يعني ڪتابن ۽ سامانن کي ڍنگ سان ٺاهي رکڻ ۾، هي چڱين ڀلين سگهڙ زالن کان گوءِ کٽي ويندو. هن جي ڪمري جي هر شيءِ ترتيب سان رکيل نظر ايندي. ڪتاب هجن يا ڪپڙا، رسيدون هجن يا رومال، اڳٿ کان انڊرويئر تائين سندس هر شيءِ سليقي سان رکيل هوندي. جيڪا هڪ غير شاعراڻي خاصيت آهي.

ڪتابن کي جُلد ڪرائڻ، خطن کي فائيلن ۾ محفوظ رکڻ ۽ پين اهڙن ڪمن ۾ پاڻ کي مصروف رکيون پيو ايندو. ترتيب ۾ رڪارڊ رکڻ واري عادت کان مجبور ٿي، وچ ۾ هن ڏٺل فلمن جون سئنيما واريون ٽڪيٽون ۽ هوٽل ۾ پيتل چانهين جا بل بہ سانڍڻ شروع ڪيا هئا، پر دوستن جي ٽوڪڻ تي هاڻي ٽڪيٽون ۽ بل سنڀالي نہ رکندو آهي.

انڪانسواءِ ڪتابن وانگر هي نُون ڪڙڪ نوٽن کي بہ سنڀالي رکڻ جو شوقين آهي. جيڪڏهن پرسان ويٺو هوندو تہ جهٽ ڏيئي منهنجي کيسي مان ڪڙڪ نوٽ ڪڍي، ان جي جاءِ تي پراڻا نوٽ رکندو. يعني نوان ڪڙڪ نوٽ جمع ڪرڻ سندس هابي آهي. عام طور اسان اديبن ۽ شاعرن وٽ ڏوڪڙ جتاءُ نہ ڪندا آهن، يعني سُتت ئي هٿن مان ترڪي ۽ کيسي مان کسڪي ويندا آهن. ائين ڪٽي چئجي تہ سدائين سُڃائيءَ سان سنگت هوندي آهي. پر هيءُ همراهُ پئسن کي پُٽن وانگر پاليندو آهي. هن وٽ پهچي نوٽن جا پَر ڪٽجي ويندا آهن.

گُل سائي ڀاڄيءَ کان ائين ڀڄي، جيئن جيرام ٺهي ڳائي گوشت کان، ان ڪري ڪيس سنگت ۾ ”گوشت خور گُل“ جي نالي سان بہ ياد ڪيو ويندو آهي. گوشت خور

ڳُل جون هونئن تہ ڪيتريون ئي حرڪتون آهن پر في الحال سندس هڪ يادگار حرڪت ياد اچي ٿي. اها ڳالهہ تہ سڀ مڃيندا تہ عورت هر دؤر ۾ مردن لاءِ ڪشش جو سبب رهي آهي. ادب ۾ بہ عورت کي وڌيڪ اهميت حاصل آهي، ان جو مونکي بہ ذاتي تجربو آهي، جو شروع ۾ منهنجون بہ ڪجهيون ڦڪيون لکڻيون، عورت جي نقلي نالن سان ايڊيٽرن خوشيءَ سان ٺاهي ٺُڪي شايع ڪيون هيون.

هن يار بہ شاهده بلوچ جي ڪوڙي نالي سان، قلمي دوستيءَ جي ڪشش ڏياري ڪيترن ئي قربدارن کي چِتو ڪيو هو. آخرڪار معاملو ان حد تائين وڌيو جو همراهہ اچي پِٺا روڊ تي نڪتا ۽ مائي سڳوريءَ جو پڇائيندا پئي وتيا. انهيءَ صورتحال ڳُل کي سست ڪري وڌو ۽ آئيندي ان قسم جي حرڪت کان توبهہ تائب ٿيو.

هن جي ذاتي زندگيءَ جي حوالي سان ٿورو گهڻو لکڻ ڪانپوءِ اها زيادتي ٿيندي، جيڪڏهن مان هن موقعي تي هُن جي شاعريءَ تي ڪجهہ فليش نہ هڻندس. ائين ناهي تہ ڪو ڳُل جي شاعري خامين کان خالي آهي، پر ههڙي خوبصورت ٽڏڙي شام تي مان ڳُل جي گرم گرم غزلن ۽ نرم نرم نظمن تي نقاد واري نظر نہ پر هڪ پرستار واري پيار پري نماڻي نظر وجهندس. ادب ۾ هونئن بہ ڪري تنقيد جي ڪوٽ آهي. چوتہ اهو پورهيو هڪ محنت طلب آهي ۽ پيو ان ۾ نيت جو نيڪ هجڻ ضرور آهي. خير محنت تہ ڪٿي اسان ڪري وينداسين پر اسان جي نيتن تي اعتبار ڪونهي. اندر جي اوپر ڪرڻ ۾ اسان وڏا آڙيڪاپ آهيون. جيئن ڪجهہ نقاد ان قسم جي منافقي ڪن ٿا، تيئن ڪجهہ ليکڪن ۾ بہ صحيح تنقيد برداشت ڪرڻ جي توفيق ڪونهي. ان ڪري يار ويس ماٺهو تنقيد جي گُر کي استعمال ڪرڻ کان لنوائين ٿا. چو تہ محنت کان علاوه ان ۾ سماجي وهنوار واري گراف ۾ ناراضگيءَ واري لڪير جي مٿي وڃڻ جو انديشو آهي. جيئن تہ مان ڪو فُل ٽائيم نقاد وغيره ناهيان چو تہ هر نقاد وٽ ڏار ڏار ماپا ۽ فريم هوندا آهن. هُو چاهيندا آهن تہ فلاڻي ڪي فلاڻي ليکڪ کي هيئن لکڻ گهرجي يا وري ليکڪ کي اڳوات تيار ڪيل فريم ۾ فٽ ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا آهن. انڪري مان پنهنجي دوست جي شاعريءَ کي ڪنهن بہ ڪسوٽيءَ تي پرکڻ بجاءِ سنئون سڌو جيئن محسوس ڪيو آهي، ان جو مُتاچرو ذڪر ڪندس. هونئن بہ شامون تخليقڪار جي تخليقن جو اعتراف هونديون آهن، جن مو مقصد ان جي فن جي لڪيل خوبين کي اجاگر ڪري، وڌيڪ ماڻهن تائين متعارف ڪرائڻ آهي.

www.sascitysukkur.com E-Mail: abdullateefansari@yahoo.com

گُل جي شاعريءَ جو مکيہ گڻ ٻولي ۽ لهجي جي سادگي آهي. هن جي سموري شاعريءَ ۾ خوبصورت عڪس، ڳوڙها ويچار اندر جا احساس ۽ جذبا، عام فهم ۽ مروج لفظن ۾ بيان ٿيل آهن. جيتوڻيڪ ان جي شاعريءَ جو گھڻو حصو ذات جي ڏک جي حوالي سان آهي، پر ائين هرگز ڪونهي تہ هن حياتيءَ جي ٻين حصن ڏانهن ڌيان نہ ڏنو آهي. ڌرتيءَ جي محبت، روشن آئيندي جي اميد، همت سان مسئلن کي منهن ڏيڻ جهڙن ويچارن سان گڏُ هن جي شاعريءَ ۾ سونهن ۽ سچائيءَ جو هر رنگ موجود آهي. هو هر سچي شاعر جيان پوري انسانيت سان محبت ڪري ٿو ۽ چوي ٿو تہ:

جيڪي انسانيت سان پيار ڪن ٿا
تن جون ئي زندگيون سجايون هِن.

اهڙِي طرح هو پوري دنيا کي محبت جي پيتا ڏئي ٿو:

شاعر جا دنيا جي نالي
شعر محبت ناما آهن.

انسانيت سان محبت جو سلسلو پنهنجي ڌرتيءَ جي پيار کان شروع ٿئي ٿو. مٽيءَ جي محبت، ڌن دولت ۽ زماني جي عارضِ اعزازن کان گهڻو مٿي آهي.

سنڌ ساڻ پيتجن ڪهڙيون ڪهڙيون عظمتون
پيار جي ملي پوي جا ڪنداسين دولتون.

اُصول پسند، وفا شعار ۽ زمين پرست
اسانجون دوست برابر گهٽيون خطائون هن.

سنڌڙي تنهجو سُنهن تہ توکي
سپُنن ۾ پِي ساريو آهي.

توسان پيار ڪندڙ چا چاٽي
سرڪاري تمغن جون ڳالهيون.

هن پنهنجا ڏک سُک، ڌرتيءَ سان لاڳاپيا آهن، تنهنڪري ڌرتيءَ جو هر ڏُک هن جو پنهنجو آهي. اهو ئي سبب آهي جو ڌرتيءَ جي درد تي هن جي ذات تڙپي ٿي:

ياد ڪري ڏُک ڌرتيءَ جا
شعر رُنا ها منهنجا رات.

هو ذات کي پنهنجي ذاتي ملڪيت نہ پر ڌرتيءَ ۽ ان جي انسانيت جي امانت ٿو سمجهي. ان ڪري هن جي شاعريءَ جو عمل، وقت جي وندر بجاءِ هڪ اهم مقصد لاءِ آهي.

هي جو ڪجهہ آءٌ لکان ٿو، ڪنهن تي ڪو احسان نہ آ،
ڌرتيءَ جو ڪو قرض آ جيڪو آءٌ چڪائڻ چاهيان ٿو.

زماني سازيءَ ۽ عام سماجي سوچ کي پاسيرو رکي، ذات جي حوالي سان ڏسجي تہ هيءُ ڌرتيءَ جو سڀ کان سگهارو فرد آهي، جو تہ هي قلم تي قدرت رکي ٿو. جيئن نپولئن چيو هو تہ:

(دنيا ۾ ٻہ طاقتون آهن، تلوار ۽ قلم ۽ آخر ۾ هميشہ تلوار تي قلم سوڀارو ٿيو آهي.)

ان مان قلم جي اهميت جو اندازو لڳائي سگهجي ٿو.

گُل بہ پنهنجي قلم جي قوت کي صحيح رُخ ۾ استعمال ڪيو آهي. هُن اجاين ۽ بيسود خيالن جي ورجاءَ کان بچندي، پنهنجي ذات وسيلي هيٺين پيڙهيل طبقي جي محنتي ڏُکي انسانن کي جيئڻ جو اتساهہ ڏياريندي، انهن جي روشن آئيندي جي آس ڪئي آهي:

هَر هتوڙا، زخمي هٿَ
منزل ماڻيندا ڏسجو.

هڪ پُر اميد انسان جي حيثيت ۾ هُن وٽ دنيا جو ڪوبہ عمل ڏکيو ناهي ۽ هر خواب جي ساڀيا ممڪن ٿي سگهي ٿي پر ڳالهہ آهي بيداريءَ جي:

هر ڪم سولو ٿي پوندو جي،
دل جاڳي دل وارا جاڳن.

اُميد جا گُل بہ ڏکن جي پوتي مان ڦٽن ٿا. جيڪڏهن ڏک نہ هجي ها تہ سُک جو تصور نہ ابري ها ۽ اونداهيءَ ۾ ئي روشنيءَ لاءِ تڙپ پيدا ٿئي ٿي. جيئن تنوير عباسيءَ چيو آهي تہ:

درد پيغمبر،
جنهن جو معجزو آهي سجاڳي.

اهڙي شاعر وٽ تخليق جو درد ضرور آهي. چوتہ اثرائتي لکڻي درد مان ئي جنم وٺي ٿي ۽ اهڙي طلب گُل بہ ڪئي آهي.

لُڙڪ اکين جا وڃن ٿا سُڪندا
ڪ نوان درد پرائڻ گهرجن.

تخليق جو درد يا سماجي حالتن جو هاڃو ۽ اهڙا ڪيترائي ڏک حياتيءَ سان لاڳاپيل هوندي بہ اها پياري ٿي لڳي، هڪ شاعر ڪي، شاعر جيڪو اسان جي جذبن جو بہ ترجمان آهي:

زندگي توڙي جي عذاب ڪوئي
ناهي پوءِ بہ سندس جواب ڪوئي.

هڪ پُر اُميد تخليقڪار جيئن جي جاڪوڙ ۾ ڪڏهن به مايوس نه ٿيندو آهي. هن وٽ انسانن لاءِ آئيندي جا جذبا ۽ همت جا حوصلا هوندا آهن ۽ هو حالتن مان بيزار انسانن کي سيني سان لائي چوندو آهي:

هيءَ ڏکي رات سهي، ڪُٽندي ضرور
درد نه رهندا ۽ دانهون ساڳيون.

رات توڙي گهٽي انڌاري آ
روشنين جي تلاش جاري آ.

ڪڪريون تر ڏي به ويندون دوستو!
بارشون آخر ته ٿينديون دوستو!.

ڏک اسان جي ڏيهه ۾
ڏينهن ٻه ٿي مهمان.

هو فقط آئندي ۽ آسري تي روشن آئيندي جا خوبصورت خواب نه ٿو ڏيکاري، پر ان لاءِ عمل جو اصول به ٻڌائي ٿو. جو ته الماريءَ ۾ رکيل ڪتاب ۾ ان ۾ بند ٿيل خواب، حياتيءَ کي سنوارڻ جو سبب نه ٿا بڻجن، پر ان لاءِ جلتو ۽ پڇتو پوي ٿو، جيئن شيخ اياز چيو آهي:

آءُ ڪڙهائيءَ ڪڙهه، آءُ ته پرکيون پاڻ کي
هوندئن ته پيو پڙهه، پڙهڻ مان ڇا ٿو وري.

اهڙي ريت اياز گل به پنهنجي محبوبه کي عمل جي دنيا ۾ اچڻ لاءِ چوي ٿو:

اڄُ ڪجھ عمل جي دنيا ۾ متي!
ڪيسين رهندينءَ تون دُعائن ۾ گُم.

فڪر جي لحاظ کان گل وٽ، جتي پشم جهڙا نازڪ جذبا آهن، اتي رُڪ جهڙيون سگهاريون سوچون بہ آهن. جيئن فڪري طور تي هُن وٽ وِيچارن جي ورائٽي آهي، تيئن فني لحاظ کان بہ هن وٽ مختلف رنگ آهن. هُن جي شاعريءَ ۾ استعمال ٿيل مترنم ٻولي، تشبيهون ۽ ڪيترائي خوبصورت عڪس، هن جي فني خوبين کي اجاگر ڪن ٿا. شاعري بہ خيالن جي موسيقي آهي، جيڪا اسان تائين لفظن جي وسيلي پهچي ٿي ۽ اهڙا مترنم لفظ گُل جي شاعريءَ ۾ بہ آهن:

ڪيت ۾ سنگ پچن، رنگ رچن انگ نچن.

اهڙيءَ طرح پرينءَ کان ڌار گهاريل اُداس گهڙيءَ، گُل کي ڪنهن بيوه جي اجڙيل سينڌ سمان لڳي ٿي. جيڪا هڪ سهڻي تشبيهہ آهي.

توسواءِ هرگهڙي پرين آهي،
ڪنهن بيوه جي سينڌ جيان اجڙيل.

گُل جي شاعريءَ ۾ ڏنل عڪس ايترا تہ خوبصورت ۽ چٽا آهن جو پڙهندڙ انهن ۾ پاڻکي گُم ٿيل محسوس ڪندو. تَر جي واري، ترڪيلن جي چهرن ۽ چولين جي اندلٺ رنگن سان تصوير ٺاهيندي هو پنهنجي ڏرتيءَ سان محبت جو اظهار ڪري ٿو:

ست رنگ چوليون چلڪيل چهرا، ڳاڙهسري واري
سنڌڙي تنهنجو چاھ پيئي ٿي اکڙين منجھ پري.

ڪنهن اداس اسٽيشن تي محبوب جي جدائيءَ جو عڪس، نگاهن کان ڏُور ٿيندڙ ٽرين، جنهن سان گڏ عاشق جي اکين جي روشني بہ هلي ويئي آهي.

منهنجي نظر هلي وئي آ تنهنجي گاڏيءَ سان
انڌن وانگر استيشن تي بيٺو آهيان مان.

گهر کان ڏُور، هيڪلائپ، رات جو پويون پهرُ ۽ جهيٺو چنڊ اهڙي ڳنڀير ڪيفيت ۾ هواجو آتڻُ ڏينڻ ان سمي جو پورٽريٽ گُل لفظن جي بُرش سان هيئن پينٽ ڪيو آهي:

رات جو پويون پهرُ مان هيس ۽ چنڊ تڪل
هوا ڳراڙتڙي پائي چيو اُتي گهر هلُ.

اهڙا ڪيترائي خوبصور عڪس گُل جي مجموعن ۾ آهن. هُن پارن لاءِ به لکيو آهي ته پارن لاءِ به. سبني صنفن ۾ پنهنجي فڪر جو اظهار ڪندي هن غزل لکڻ ۾ پنهنجا گوهر وڌيڪ ظاهر ڪيا آهن. جنهن ڪري ڪيس غزلن جو بادشاهه نہ سهي، پر غزل جو گولو چئي سگهجي ٿو. غزل جي راڻيءَ جو لقب ڪنهن شاعره لاءِ مخصوص آهي، جيڪا اجا ظاهر نہ ٿي آهي. بهرحال ”راڳ جي راڻيءَ“ جو خطاب جاري ٿيڻ کان پوءِ ”غزل جي راڻيءَ“ جي اعزاز جو به جلد اعلان ٿيڻ گهرجي.

غزل جو گولو اهو خوشنصيب شاعر آهي جنهن جي ڪتابن جا مُهاڳ سنڌ جي پن بک ڏاهن، ڊاڪٽر تنوير عباسي ۽ محمد ابراهيم جويي صاحب جن لکيا آهن. انڪانسواءِ هيءُ انهن شاعرن مان هڪ آهي جن جي شاعريءَ جي وڻ تي شهرت جا شِڪرا جلد اچي ويٺا آهن.

شال گُل جي فن جا فانوس

سندس سوچ جي تيل سان

ادب جي ايوان ۾

پنهنجي حصي جي جوت پکيڙيندا رهن

هن سان هھڙيون خوبصورت شامون

سدائين پيو ملهائجن
پر هن جي فن ۽ فڪر جي
ڪڏهن به شام نہ ٿئي.

**(5 ڊسمبر 1986ع تي سنڌي ادبي سنگت پنوعاقل پاران اياز گل سان ملهايل شام جي موقعي تي پڙهيل.)**

# چچريل زندگيءَ جا قافلا

جشن مهراڻ جي سنڌي مشاعري جون تياريون زور شور سان جاري هيون. رشيد ڀٽي صاحب بہ سيڪريٽريءَ جي حيثيت سان ڏاڍو مصروف ٿي نظر آيو. اسين نوجوان بہ سنڌس سنهي سُڪي ڪم ۾ ساڻس ٻانهن ٻيلي هئاسين. جشن جا ڪجھ دعوت ناما مليا تہ مون اهي ويجهي دوستن ۾ ورهائڻ شروع ڪيا.

تلهن شِيشن واري عينڪ پائيندڙ هڪ دوست ڪريم بخش قاسميءَ مون کي ٻڌايو تہ، مون واري دوست غلام نبي عر گُل جي سؤٽ غُلام رسول، چپر ئي چپر ۾ ڪهڻيون ڪهاڻيون لکيون آهن، پر اجا تائين سنڌس ڪهاڻيون ڇپيون ناهن، جڏهن تہ کيس ڇپجڻ جو تمام گهڻو شوق آهي. هن مون کي چيو تہ ڪڏهن مان ساڻس ملي سنڌس ڪهاڻيون ڏسان ۽ کيس ان سلسلي ۾ صلاح مشورو ڏيان.

مون ان وقت تائين رسول ميمڻ کي فقط ٻري ڪان ڏٺو هو. هاءِ اسڪول پڙهڻ دوران بہ ڪڏهن ويجهو وچي ساڻس ملاقات ڪونہ ٿي هئي. ان ۾ سنڌس اڪيلائي پسند طبيعت جو بہ هٿ هيو. هو هميشہ چپ چاپ اڪيلو اڪيلو پنهنجي منهن گهمندي يا ٻيٺل نظر ايندو هو.

ڪريم بخش قاسميءَ جڏهن ٻڌايو تہ هو ڪهاڻيون وغيره لکندو آهي ۽ ڪتابن سان ڪافي دلچسپي اٿس، تہ منهنجي دل ۾ ساڻس ملڻ جو چاھ وڌيو. سو جشن مهراڻ جي ڪارڊ کي بهانو بڻائي، سنڌس گهر جي دروازي تي وڃي پهتس. ٿوري دير ڪانپوءِ چاتل سچاتل ڳنڀير شخصيت وارو نوجوان رسول ميمڻ سامهون هو. جنهن سان آءٌ پهريون ڀيرو ڳالهائي رهيو هوس. هو بہ مون کي نالي ڪان اڳ ۾ ئي سڃاڻيندو هو ۽ ٻڌايائين تہ سوجهري ۾ شايع ٿيل منهنجي مزاحيہ ڪهاڻي پڙهي اٿائين. بهرحال اها اسان جي پهرين ۽ مختصر ملاقات هُئي ۽ مون کيس مشاعري ۾ اچڻ لاءِ گهڻو زور ڀريو ۽ هن اچڻ جو پڪو واعدو ڪيو.

رسول ميمڻ جي ڳنڀير مائيٽي شخصيت تي سوچيندي آءٌ کيس ماضيءَ جي ڌنڌلن عڪسن ۾ ڳولڻ لڳس.

اسين هاءِ اسڪول جي ميدان تي ستَ ڪُٽ راند ڪيڏنديِ، ڪينهونءَ سان هڪبئي ڪي ستي رهيا آهيون. ڏوڙ اڏامي هڪبئي ڪي پيوت ٻٽائي ڇڏيو آهي. اوچتو اسان جون ڪينهون، سامهون سرنهن جي وڻ تي ٻيٺل هڪ ڏکهي چوڪر جي پرسان وڃي ڪري ٿو. هو ڏکهو چوڪر ننڍيون ننڍيون وکون ڪٽندو، حوض جي پرسان پشم جي وڻ ڏانهن هليو ٿو وڃي.

موڪل جو گهنڊُ وڳو آهي. اسين هنبوچيون هٽندا، هڪبئي سان يوڳ چرچا ڪندا، گهرن ڏانهن وڃي رهيا آهيون. ٻئريج روڊ تي محمد بخش پٽيءَ جي محمدي بوڪ اسٽال وٽ ڪجهه دير ترسي ڪتاب ڏسون ٿا. اُتي روڊ جي پرئين پاسي، فوٽ پاٿ تان اهوئي اڪيلو اداس ڏکهو چوڪر ويندي نظر اچي ٿو.

هڪ ڏينهن منهنجي دوست غلام نبي عرف گُل، جيڪو اسان سيني ۾ تمام ٽنڪ ۽ شرارتي هوندو هو، مونکي جنن پرين واري فلم گُل بڪاولي ڏيکارڻ جي قربائتي ڪوٺ ڏني. آءٌ پروگرام موجب سندس گهر ويس. غلام نبي گُل، گهر جي ٻاهران تمام گهٽو هُل ڪيون، پاڙي جي چوڪرن سان اکر مورت ڪيڏي رهيو هو ۽ آهستا آهستا پنهنجا پئسا هارائي رهيو هو. اوچتو اهو ئي اداس چوڪر اتي نظر آيو، هو هميشہ جيان چپ چاپ ٻين سيني چوڪرن کان پريرو پنهنجي دنيا ۾ گُم هيو. جڏهن غلام نبي عرف گُل پنهنجا سمورا پئسا هارائي تريون چنڊيِ ڪاوڙ مان اٿيو ته مون کي گُل بڪاولي وارو پروگرام گڙٻڙ ۾ نظر آيو. پر گُل هٿ جي صفائي ڏيکاريندي، اوطاق ۾ ستل پنهنجي ڏاڏي جي ڪوٽ مان ڪجهه ڏوڪڙ ڪسڪائي آيو ۽ اسين ٻئي گل بڪاولي ڏسڻ لاءِ روانا ٿيا سين.

مون هلندي غلام نبي عرف گُل کان اڪيلي اداس چوڪر بابت پڇندي چيو، "گُل! اهو ڏکهو چوڪر جيڪو تنهنجي گهر وٽ ٻيٺو هو، ڪير آهي؟"

"اهو ڙيِ! منهنجو سؤٽ اٿئي." غلام نبي گُل وراٽيو.

ان ڏينهن مونکي ان ڏکهي اڪيلي اداس چوڪري جي نالي جي خبر پئي هئي. غلام رسول، سيني کان الڳ پنهنجي دنيا ۾ گُم.

ماضيءَ قريب جا اهي ڌنڌلا عڪس وڌيڪ ڌنڌلا ٿي ويا.

ماضيءَ جو اهو ئي اداس اڪيلو ڇوڪر رسول ميمڻ اڄ مشاعري ۾ شريڪ ٿيڻ آيو.

جشن مهراڻ جو مشاعرو شروع ٿئي ٿو.

صدارت جي ڪرسيءَ تي شيخ اياز ويٺو آهي ۽ خاص مهمان آهي پير حسام الدين شاهه راشدي. رسول ميمڻ مائيڪ تي اچي پنهنجا بيت پڙهڻ شروع ڪري ٿو. ادبي دنيا جي اسٽيج تي اچي اهو ان جو پهريون قدم هو. سندس بيتن جي پولي ۽ اٺت ڏسي اعتبار نه ٿي آيو ته اهي بيت هڪ نئين شاعر جا آهن. رسول ميمڻ جڏهن بيت پڙهي پورا ڪري ٿو ته پير حسام الدين شاهه راشدي ڪيس پاڻ ڏانهن سڏي، ڪانئس اهي بيت وٺي پاڻ پڙهڻ لڳي ٿو.

اهو ئي اڪيلو اداس رسول ميمڻ، پوءِ اسان جي سات ۾ شامل ٿي ويو. هو سنگت جي هر ميڙ ۾ ايندو هو ۽ ڪجهه نه ڪجهه پڙهندو هو. انهن ئي ميڙن، رسول ميمڻ کي لکڻ لاءِ اتساهه ڏياريو. جنهن جو اعتراف هن پاڻ به پنهنجي ڪتاب، ”اُوشا جي آشا“ جي مهاڳ ۾ ڪيو آهي. فتاح ملڪ جي پراڻي آفيس ۾ ڪچهريون ٿينديون هيون. ڪهاڻيون ۽ شاعريءَ جا ديوان ڪچن ۾ ڪٽي، سج لٿي مهل اسين چرچ واري لاهي لتاڙي وچي فتاح ملڪ جي آفيس ۾ رسندا هئاسين. ڪڏهن فتاح صاحب جي نه هئڻ ڪري نشاط ريسٽورنٽ ۾ به ويهي پنهنجي ڀاڙ سارِيندا هئاسين. پوءِ واري سنگت جي ميڙ رشيد ڀٽي صاحب جي اوطاق تي ٿيڻ لڳا. رسول ميمڻ اتي به ايندو هو. انهن ميڙن ۾ رسول ميمڻ جڏهن به ڪهاڻي يا شعر پڙهندو هو. تڏهن سندس آواز ۾ عجيب قسم جي تبديلي اچي ويندي هئي ۽ ائين محسوس ٿيندو هو ته اهو آواز ريگستان مان پڙاڏا ٿيو پيو اچي. اداس اڪيلي ڇوڪر جي اندر ۾ پرندڙ جبل هو، جنهن جا لاوا ڇڻ ته انهن ساعتن جي اوسيئڙي ۾ هئا. ماضي قريب جي انهن ميڙن کي ياد ڪندي هاڻ ائين ٿو محسوس ٿئي ته اسين سڀُ پوڙها ٿي ويا آهيون ۽ پراڻين يادن کي ساري ٿڌا شوڪارا ڀري رهيا آهيون.

انهن ساروٽين كي سارڻ جو مطلب اهو كونهي ته اسانجن دوستن هاڻي لكڻ ڇڏي ڏنو آهي، پر اهي قربانئيون محفلون جنهن ۾ سڀ پنهنجون پنهنجون لكٽيون پڙهندا هئاسون، هاڻي تتيون تين.

هونئن ته مان ٻه مڙئي لكندو ۽ ڇپجندو پيو اچان. حبيب بروهي ٻه ڇپر ۾ سنڌيءَ سان گڏ بروهكي، اردو، پنجابي ۽ انگريزي شاعريءَ جون كتڏيون پريندو پيو اچي ۽ جڏهن ٻه واجد پاسو ڏنس ته مجموعي جي مهورت تي سڀ پاڻ ۾ گڏ هونداسين.

اهڙيءَ طرح كچونءَ رفتار كهاڻيكار رفيق سومرو ٻه سال كن اڳ هك اڌ كهاڻِي لكي، پنهنجي ادبي جياپي جو ثبوت ڏيندو پيو اچي.

اسان جو كروڏي دوست مُبن مگريو هك سٺو پڙهندڙ ضرور آهي، پر اڄ تائين تمام گهڻين كوشش جي باوجود ليكك ٻڄي نه سگهيو آهي. ان ۾ سندس كچيءَ جي تُڙ جهڙي كهري طبعيت ۽ چڙواڳ ذهن جو ٻه هٿ آهي. هك پيري كهاڻي لكيائين، جيكا وري پسند نه اچڻ تي اندس هوٽل جي تنور ۾ اڇلي ڇڏيائين.

اياز گُل جو ته ڌنڌو ئي ڇڻ شاعري كرڻ آهي. نه نوكريءَ جو اونو نه لولي جي ڳڻتي. كتمنڙا كائيندو وتي ۽ غزل ٺاهيندو وتي.

اهڙي طرح شفن مگريو وري هنگامي حالتن مثلاً مشاعري وغيره جي اوچتي كوٺ تي كڏهن كو غزلڙو ڦهكائي ركندو آهي نه ته وري بس. ان كري هك ليكك طور پاڻ كي اجا تائين مڃائي نه سگهيو آهي.

جيتوڻيك اهو شروعاتي جوش هينئر نه رهيو آهي، پر پوءِ ٻه رسول ميمڻ مسلسل لكندو اچي. هن شاعريءَ سان گڏ كهاڻيون ٻه لكيون آهن.

”ڇچريل زندگيءَ جا قافلا“ ۾ ڏنل كهاڻيون رسول ميمڻ جي اڳين مجموعن وارن كهاڻين جي اسٽائيل كان مختلف آهن. هي ٻه انهيءَ ساڳئي شروعاتي دؤر جون

ڪهاڻيون آهن، پر لکڻ جي نموني ۽ موضوع مختلف هئڻ ڪري اڳين مجموعن ۾ شامل ٿي نہ سگهيون.

مون غلام رسول ميمڻ جون ڪهاڻيون ڪيترا ڀيرا پڙهيون آهن، ان ڪري نہ تہ هو منهنجو دوست آهي پر ان ڪري تہ هو منهنجي پسند جو ليکڪ آهي. هو مونکي شاعري توڙي ڪهاڻين ۾ فن جي بلندين تي نظر آيو آهي. واڌو واڪاڻ کان پرهيز ڪندي فقط ايترو چوندس تہ هن جي تخليق ۾ محسوس ڪرائڻ جي سگهہ تمام گهڻي آهي. رسول ميمڻ جي ڪهاڻين جي مختلف پهلوئن تي گهڻو ڪجهہ لکي سگهجي ٿو، موقعي مهل جي نزاڪت کان، آءٌ فقط هن جي چند ڪهاڻين ۾ استعمال ٿيندڙ ڪجهہ تشبيهن جو ذڪر ڪندس.

”بارش کان پوءِ“ ڪهاڻيءَ ۾ مينهن جي هڪ جهلڪ هينئن ٿو پيش ڪري:

”هر طرف پاڻيءَ مان لهندڙ ۽ ڦاٿندڙ ڦوٽڙا هئا، ائين ٿي لڳو ڄڻ پوري ڌرتيءَ کي ماتا نڪتي هجي ۽ اها عذاب کان داهيندي هُجي.“

ساڳئي ڪهاڻيءَ ۾ اڳتي هلي، برسات ۾ جاءِ ڪرڻ ۽ ان جي هيٺان ماڻهن جي ديجي وڃڻ کي لفظن جو هي روپ ٿو ڏئي:

”ڇت هيٺ جهُڪندي ويئي، پوءِ اوڏڪين يتين هڪ ٿلهي سوڙ جيان، انهن جي وجود کي مينهن کا بچائي ورتو.“

”شينهن جو ٻچو“ ڪهاڻيءَ ۾ جنگ جي وايو منڊل ۾ سج جي لهڻ کي هڪ سٽ ۾ نهايت خوبصورتيءَ سان پيش ڪيو اٿائين:

”سج کي تيرُ لڳو ۽ اولهہ ۾ وڃي ڪريو.“

ڪهاڻي ”سڪون ڪٿي آهي“ جون هي سٽون ڄڻ تہ هڪ ننڍڙو نظم آهي:

”اوٻُک!
تُون ڪڏهن بہ ختم نہ ٿيندڙ
گهنڊُ آهين
جيڪو دنيا جي ديول تي
هميشہ لڏندو رهندو.“

اهو فقط رسول ميمڻ جي ڪهاڻين جو فقط هڪ پهلو هو. اهڙيءَ ريت سندس شاعري بہ نهايت پختي ۽ سحر انگيز آهي. سندس ڪي ڪي عڪس تہ ڪڏهن بہ وسرڻ جهڙا ڪين آهن. ترِ ۾ سج لهڻ جو عڪس ڏسو:

”توهر پويان سجُ
لهندي لهندي ترِ ۾
چڻ اوندهہ جو ٻجُ.“

اهڙي نڪور تشبيهہ شايد ئي اکين مان گذري هُجي، سندس واين ۾ بہ فني توڙي فڪري لحاظ کان تمام گهڻي گهرائپ آهي. مثال طور سندس ڀن واين جا بند پيش ڪجن ٿا:

”لِڱهہ اڇي ليڙيا
واءُ وڇايا وار
ڏيئا ڏيئا ڏار
وڻن تي وڃ ڪري.“

اڌي آڌو اڇي ڪُتي ويا
پيرا تنهنجا پانڌي
نيري جل تي ناوَ هلي!
ڪنول ٻٽيا هن ڪانڌي.

مواد کان سواءِ واين جي انهن بند ۾ تجنيس حرفِيءَ جي خوبيءَ سميت بي انتها رواني آهي. سندس هڪ نظم جي بند ۾ ڏنل ويچار پڙهو:

تي، ڌرتيءَ تان ائين چنڊُ ڏٺو
جيئن سانوڻ ۾ ڪنهن مورُ ڪٺو
يا وسڪاري ۾ وري پيو هو
روئندي ڪنهن جو يارُ رُٺو.

ان کان سواءِ رسول ميمڻ گهوڙهي فڪر وارا آزاد نظم بہ رچيا آهن، جيڪي سندس وسيع اڀياس جو دليل آهن.

اسين سڀُ سکر جا نوجوان ليکڪ هڪ ئي پاڙي ۾ پيا رهون ۽ انهن سيني کي اپارڻ ۽ همتائڻ ۾ رشيد ڀٽي صاحب ۽ فتاح ملڪ جن تمام وڏو ڪردار ادا ڪيو آهي. رشيد ڀٽيءَ جو آستانو، اسان نئين ٿُهيءَ جو چڻ مرڪز رهيو آهي ۽ اهو مرڪز هڪ قسم جي ادبي جاگرافي پڻ آهي.هن وقت ان جي اوير ۾ رسول ميمڻ تہ اولهہ ۾ رسول بروهي، اتر ۾ ادل سومرو تہ ڏکڻ ۾ اياز گُل رهن ٿا. شال انهيءَ جاگرافيءَ ۾ اجا بہ ڦهلاءُ اچي. اسان جا سيئي ساٿي ائين ئي پنهنجي پنهنجي ذات ڏيئي کي روشن رکندا، نفرت جي انڌيرن سان اٽڪندا، پيار جا قول ورهائيندا اڳتي اڳتي وڌندا رهن.

هر رات ۾ انڌيرن ۾ ٽم ٽم ٻرن ڏيئا
چرڪن ٿا سوين چپرا اوير
جي امارن کان.

**(پهرين جنوري 1982ع تي رسول ميمڻ جي چوٿين ڪتاب، ”چچريل زندگيءَ جا قافلا“ جي مهورت جي موقعي تي پڙهيل.)**

# ڳاءِ وري ڪجھ ڳاءِ بانورا

مون لاءِ
ان ڪان وڌيڪ پراسرار
ٻي ڪائي ڳالھ نہ آهي
تہ ڪوئل ڪوڪي چو ٿي
۽ املتاس جي وڻ تان
آڪاس ۾ ڇا ٿي ڏسي.

**(شيخ اياز. ٽڪرا ٽٽل صليبَ جا).**

ڪوئل جي ڪوڪ هجي يا ڪو مڌر آلاپ، انساني من کي ضرور موهي ٿو، ۽ ان انسان جي انسان هجڻ ۾ شڪُ ڪري سگھجي ٿو، جنهن جي من تي سنگيت جي لهرن جو اثر نٿو ٿئي. چو تہ راڳ ازل کان انساني من ۾ سمايل آهي ۽ راڳ جي لفظي معنىٰ ئي آهي موج يا روح جو ريلو. سورنهن سال اڳ زندگيءَ ۾ پهريون ڀيرو مون تي راڳ جي جادوءَ جو اثر ٿيو هو. سکر ۾ 1974ع جي چوٿين مارچ جي شام جو جڏهن پرت پريل پهراڻ ۽ جرڪندڙ سنڌي ٽوپيءَ واري هڪ خوبصورت نوجوان راڳي پنهنجي سُريلي ۽ منفرد آواز ۾ شيخ اياز جون وايون ۽ نظم ڳاتا تہ ٻڌندڙ چِڻ تہ پنڊ پهڻ ٿي ويا ها. اهو آواز ۽ انداز منهنجي لاءِ بنهہ نرالو ۽ منفرد هيو، چو تہ اڳ مون ڪنهن بہ راڳيءَ کي انهيءَ ڍنگ سان اهڙا نرالا ٻول ڳائيندي نہ ٻڌو هو. من جي ماڻار ۾ هڪ هلچل پيدا ٿي وئي ۽ مان پري کان اسٽيج تي پنهنجن سُرن جي سُرهاڻ پکيڙيندڙ انهيءَ راڳيءَ لاءِ من ۾ اکين ۾ عقيدت جا عڪس اتاري بيٺو هوس. ماڻهو ان دل واري فنڪار کي ”بيدل“ جي نالي سان سڏي رهيا ها. هزارين نگاهون متس کُتل هيون ۽ هو پنهنجي عقيدتمندن جي ميڙ ۾ ٻهڪي رهيو هو. هن جي اکين مان خوشيءَ ۽ فخر جا ڳُڙيل اولڙا ٻکي رهيا ها.

انهيءَ شام کان ٻہ سال پوءِ، اسين ڏهہ پندرهن نوجوان سيتارجا ريلوي اسٽيشن تي ريل جي انتظار ۾ ويٺا هئاسي. سيني جي اکين مان راتوڪو اوجاڳو ليئا پائي رهيو هو. لطيف جي ڏينهن جي سلسلي ۾ موسيقيءَ جي محفل رات گهٽي دير تائين هلي

رهي هئي. هر ڪنهن جلدي گهر وڃي ٽڪُ تي پڄڻ چاهيو. هڪ پٽرن سان پريل مال گاڏي(Goods Train) آئي، سڀ ان تي چڙهي ويٺاسي. ڪليل گاڏن واري هلندڙ گاڏي مان چوڌسائن مان فطرت جا سڀ منظر پڌرا هئا. پٽرن تي ڪچهري جاري هئي ۽ نوجوان راڳي جهونگاري رهيو هيو. ڪنهن دوست مونکي نالو وٺي سڏيو ته راڳيءَ جهونگارڻ بند ڪري پڇيو. ”ڪهڙو آهي ادل سومرو؟“.

راڳيءَ واتان پنهنجو نالو ٻڌي منهنجي چهري تي خوشيءَ جو رنگ ڦهلجي ويو. اسان وڏي پاٻوهه مان هڪ ٻئي سان ملياسون. اها هئي اسان جي پهرين سڃاڻپ. تن ڏينهن ۾ ادب ۾ نئين نئين شروعات هئي ۽ ڪجهه رسالن ۾ منهنجون لکڻيون شايع ٿيون هيون ۽ اهو حوالو واقيت جو سبب بڻيو. منهنجي لاءِ اهو گهڻي خوشيءَ جو ڪارڻ هو جو هڪ منفرد فنڪار مون کي سڃاڻي رهيو هو.

ان کان پوءِ اسان جون وقت بوقت ملاقاتون ٿيندون رهيون. هڪ ڀيري حيدرآباد جي رستن تي تنها گهمندي ملي ويو. ڪجهه دير گهُمي ڦري بيدل مونکي رفيق ڪاچيلي جي اوطاق تي وٺي آيو. جتي هو ترسيل هو. مون کي محسوس ٿيو ته بيدل جي من ۾ ڪو مانداڻ متل هو ۽ اهڙا ڪجهه آثار سندس چهري تي ٻه ظاهر هئا ۽ پوءِ هارمونيم کڻي هُن درديلا آلاپ شروع ڪيا ته سندس اندر جي لکل ڪيفيت پڌري ٿي پئي. اتيئي مون پهريون ڀيرو هن کان نصير مرزا جو نظم ”خوشبوءِ جي سنگ سنگ“ ٻڌو. جهڙا هُئا ٻول، تهڙي ئي بيدل بيهاري هئي ڪمپوزيشن. منهنجي خيال ۾ اهو پهريون سنڌي آزاد نظم آهي جنهن کي ڪنهن فنڪار اهڙي منفرد ۽ ڀرپور انداز ۾ ڳايو آهي. ان وقت واقعي بيدل جي حالت رولاڪ بادل جيان هئي ۽ نصير جي نظم هن جي اندر جي احساسن جي صحيح ترجماني ٿي ڪئي. امداد حسينيءَ جي اها راءِ ته بيدل تي ڪي گيت يا نظم زوريءَ مڙهيا ويا آهن، منهنجي خيال ۾ غلط آهي، ڇو ته مان سمجهان ٿو ته بيدل ڪڏهن به پروفيشنل ٿي نه آلاپيو آهي نه ئي وري هُن ڪو گيت يا غزل پنهنجي مرضِيءَ کان سواءِ ڳايو آهي.

⇦ مان ڏوهي هان مان ڏوهي، (شيخ اياز)
⇦ وڃو ڪويليو وڃو (شيخ اياز)
⇦ اوهان کي هٿ ۾ هٿ ڏئي هلڻ وارا
⇦ هر موڙ تي دوست ملندا ئي رهندا (امداد)

⇦ چوي ڪير ٿو، تون ڪجهه نہ ڪر (شمشير)

سڀُ بيدل جا من پسند ٻول آهن، جن ڪي هُن پنهنجي ڀرپور فن ۽ دل جي گهرائيءَ سان ڳايو آهي. بيدل ”پهرين آڪٽوبر جي تان“ جي عنوان سان سيمفوني رچي آهي، جيڪا پيروي ٺاٺ جي راڳ مالڪوس ۾ ترتيب ڏني اٿائين. هندو موسيقيءَ ۾ راڳڻ ڪي تمثيلي طرح ديوتائون سڏيو ويو آهي ۽ انهن راڳڻين کي مجسم (Personify) ڪري هر هڪ جي دلڪش تصوير سندس مضمون موافق ڪڍي اٿائون. مالڪوس جو روپ هن ريت آهي:

”هڪ سگهارو جون، مُنهن مان رتُ پيو چٽيس. اکيون نشي ۾ مخمور اٿس. هٿ ۾ لٺ اٿس، لباس سندس نيلو آهي ۽ ڳچيءَ ۾ موتين جي مالا پيل اٿس.*“

۽ مونکي اهو ئي روپ بيدل جو محسوس ٿيندو آهي. هن سنگيت جي اوسر لاءِ ”وائسز گروپ“ جي نالي سان سنگيت جي سامين جو هڪ سٿُ تيار ڪيو آهي:

سامين ساز سنوان ڪيا، تندُ وڄائي تار.
(شاهہ ـ سُر رامڪلي)

وائسز گروپ، سنڌي موسيقيءَ جي دنيا ۾ نوجوان راڳين جي هڪ منفرد ۽ نرالي تنظيم آهي، جنهن موسيقيءَ جي قديم روايتن سان تعلق رکندي، فن جي دنيا ۾ نوان لاڙا متعارف ڪرايا آهن. ترقي پسند ليکڪن جي انجمن جي گولڊن جوبلي ڪانگرنس جي شروعات ۾ وائسز گروپ جي ساٿين بيدل جي اڳواڻيءَ ۾ جڏهن شيخ اياز جو اردو نظم:

ميري ديده ورو ميري دانشورو!

ڳاتو تہ ميڙ تي ماتارَ ۽ منَ منَ ۾ مانداڻ مچي ويو. داد ۽ تحسين جو اظهار سيني ٻڌندڙن جي اکين مان ظاهر هو.

ڪن فيڪون
شاعر موسيقار مُصور
سڀ ۾ ساڳيو جوش جُنون

اهڙا ڪي چند مثال موجود آهن جو جوش ۽ جنون جا احساس ۽ ڏات جا ايترا شعبا ڪنهن هڪ فنڪار ۾ موجود هجن. جڏهن ڪنهن وجود ۾ فن جي اهڙي اندلٺ ٿهي ٿي ته ان جي اهميت ۽ قدرداني جت ڪٿ ٿئي ٿي. ڏات جي مختلف شعبن سان وانجهيل بيدل پنهنجي ڪهاڻيءَ جي مجموعي، ”پوڳنا جو سفر“ جي مُهڙ ۾ پاڻ بابت لکي ٿو:

”لکڻ پڙهڻ، ڏسڻ پڙڻ، ڪرڻ ۽ مجڻ نه مجڻ جهڙيون مشغوليون منجهان خود انسان پاڻ به عجب عجب ڪردارن جو ويس ڌاريندو آهي. اهڙي طرح مون به ويس ڌاريا آهن، ڪهاڻيڪار، ڪوي، راڳي ۽ مصور جا. جيڪي سيئي گڏجي منهنجي شخصي وجود کي مڪمل بڻائن ٿا ۽ منهنجي شخصيت جا عڪس ٿي اپرن ٿا.“

اهڙي گهڻ پاسائين شخصيت هئڻ ڪري بيدل جا عيقدتمند به گهڻا آهن. ڪي راڳ جي حوالي سان ته ڪي ڪهاڻيءَ ۽ شاعريءَ جي حوالي سان بيدل کي چاهين ٿا. ڏات جي مختلف شعبن ۾ سندس تخليق جو سفر جاري آهي ۽ آس آهي ته انهيءَ جذبي سان هو سنگيت جي سُرن، شاعريءَ ۽ ڪهاڻيءَ جي هُيڪارن سان اسان جي ادبي ۽ ثقافتي دنيا کي واسيندو رهندو. بيدل، مها ڪوي شيخ اياز جو به من پسند راڳي آهي. شيخ اياز جي اها خواهش آهي ته بيدل سنگيت جو سفر ان ئي اتساهه سان جاري رکندو اچي. ان ڪري ئي ڪيس چوي ٿو ته:

ڳاءِ وري ڪجهه ڳاءِ بانورا!
ڳاءِ وري ڪجهه ڳاءِ.
امرتُ رس چلڪاءِ بانورا!
ڳاءِ وري ڪجهه ڳاءِ.
سجُ ٿيي ڏي ان ڪان اڳ ۾
رنگ نوان برساءِ بانورا!
ڳاءِ وري ڪجهه ڳاءِ.

پويان پَل پُڪارون آهن
تن ڪي تون لنواءِ بانورا!
ڳاءِ وري ڪجھ ڳاءِ.
ڳاءِ وري ڪجھ ڳاءِ بانورا!
ڳاءِ وري ڪجھ ڳاءِ.

**(16 نومبر 1989ع تي موري ۾ بيدل مسرور سان ملهايل شام جي موقعي تي پڙهيل.)**

# اسين نه رهياسين ته چا ٿيو!!!

ننديپڻ ۾ جڏهن جاگيراڻي محلي جي پرائمري اسڪول ڏانهن پڙهڻ ويندو هوس ته هُو اڪثر اُس جي تڙڪي وٽ ڪرسيءَ تي ويٺل نظر ايندو هو. عجيب پُراسرار محسوس ٿيندڙ ان شخص کي مان غور سان ڏسندو هوس، جنهن لاءِ سڄي اسڪول جي ٻارن ۾ هُليل هو ته اهو دهريو ۽ ڪافر آهي. مون کي ان وقت انهن لفظن جي معنىٰ ۽ مفهوم جي ڪابه خبر ڪانه هئي، بس منهنجي ڪچڙي ذهن تي اهو تاثر ويٺل هو ته اهي دهريا ۽ ڪافر عجيب ۽ مختلف مخلوق ٿين ٿا، جن سان اسان جو ڪوبه واسطو ڪونهي. انڪري مان ڏڇي ڏڇي هُن جي پرسان لگهندو هوس ته متان مون کي به ڪافر نه ڪري ڇڏي. انهيءَ کي گهڻو ڪري ڪتاب هٿن ۾ هوندا هئا. اسڪول جي ٻنهه لڳ پنهنجي آفيس ۾ جيڪڏهن ويٺو هوندو هو ته لکڻ پڙهڻ ۾ مصروف نظر ايندو هو. هڪ ڏينهن هُن پنهنجي آفيس جي ٻاهران تمام گهڻا ماڻهو گڏ ڪيا ها. پنهنجي هٿن سان وڏن وڏن ڪارڊن تي الائجي ڇا لکندو، سيني کي ڏيندو ٿي ويو ۽ اهي ماڻهو جوش مان ٻانهون اڀيون ڪري، ڪارڊ کڻي، قطارون ٺاهي نعرا هڻندا شهر طرف روانا ٿيندا پئي ويا. مونکي ان وقت ڪارڊ تي لکيل جملن ۽ نعرن جو ڪوبه مطلب سمجهه ۾ نه ٿي آيو. مون اتي بيٺل ڪجهه ڇوڪرن کان پڇيو ته هي ائين ڇو ٿا ڪن، پر ان جو جواب به منهنجي سمجهه کان مٿي هو. ان ڪري اها ڳالهه ڪيترائي ڏينهن منهنجي ننڍڙي ذهن ۾ ڦرٽيءَ وانگر ڦرندي رهي ته آخرڪار هو ڇاهي چاتو، جو هُن ايترا ماڻهو ٻاڙي ۾ گوڙ ڪرڻ لاءِ گڏُ ڪيا ها؟

اوچتو ڪافر گم ٿي ويو. گهڻا ڏينهن گُذري ويا جو ٻاڙي ۾ نظر نه آيو، سو همڪلاسي ڇوڪرن کان پڇيم ته ”ڪافر ڪاڏي ويو آهي؟“ هنن جواب ڏنو ته: ”هو هڪ ٻئي وڏي ڪافر سان هندستان ملڻ ويو آهي.“ ان وقت فقط اهو سمجهه ۾ آيو هو ته هندستان ڪو وڏو ملڪ آهي، جنهن جو هُو سئر ڪرڻ ويو آهي. اُستاد عبدالله جمعي جي خطبي ۾ ٻڌائيندو هو ته: ”ڪافر کي الله تعالىٰ گهڻي دولت ڏيندو آهي ۽ مؤمن کي تڪليفون ڏئي امتحان وٺندو آهي.“ سو پڪ ٿي ته هو پنهنجي دولت کپائڻ هندستان ويو آهي. ڪجهه ڏينهن کان پوءِ خبر پئي ته هو هندستان کان موٽي آيو آهي ۽ پاڻ سان ڪجهه بتَ آندا اٿائين جن جي هو عبادت ڪندو آهي. مون اڳ ۾ بت ڪڏهن به نه ڏٺا ها، سو انهن کي ڏسڻ جي اندر ۾ آس جاڳي. جيئن

تہ ان جا ڪيترائي مٽ مائٽ ڇوڪرا اسڪول ۾ پڙهندا ها، ان ڪري هڪ ڏينهن انهن سان گڏجي مان هن جي گهر ٻتَ ڏسڻ ويس. ان وقت هو پاڻ گهر ۾ موجود نہ هو تنهنڪري اسين بي ڊپا ٿي سندس ڪمري ۾ وياسين. سڄي ڪمري ۾ چئني پاسن کان ڪتابن جون الماڙيون هيون. ۽ هڪ جاءِ تي ٻہ ٽي ٻتَ بہ رکيل ها. مان انهن نندين مورتين کي چڱي دير تائين غور سان ڏسندو رهيو هوس پر ڳالھ منهنجي سوچ کان مٿي هئي.

عيد جي ڏينهن جڏهن نوان ڪپڙا پائي بابا سان گڏجي جاگيراڻي محلي ۾ استاد محمد عارف واري مسجد ۾ عيد نماز پڙهڻ لاءِ ويس تہ مون کي ان وقت گهڻي حيرت ٿي، جڏهن ڏٺم تہ هو بہ عيد نماز پڙهڻ لاءِ ويٺو هو. ان وقت استاد جا لفظ ياد آيا تہ: ”ڪافر نماز نہ پڙهندا آهن نہ ئي الله تعاليٰ کي مڃيندا آهن.“

پنجون درجو پاس ڪري مون هاءِ اسڪول ۾ داخلا ورتي. جيئن تہ محلو ساڳيو هو، انڪري وقت بہ وقت هو مونکي نظر ايندو هو، خاموش پنهنجي دنيا ۾ گُم. ائين درجي کان منهنجو ادب ڏانهن لاڙو ٿيو. سائين ممتاز علي مغل صاحب جي نصيحت تي عمل ڪندي ڏيهاڙي معصوم شاهہ لائبريري ويندو هوس. جيئن اپياس جي رفتار وڌندي وئي تيئن مون پنهنجي ذهن ۾ تبديلي محسوس ڪئي. مئٽرڪ تائين مون کي لڳو تہ منهنجي ذهن جي اونداهين ڪمري ۾ آهستي آهستي روشندان کلي رهيو آهي. انتر تائين ذهن جي ڪمري ۾ چڱي روشني ڦهلجي چڪي هُئي. ان وچ ۾ شاعري ۽ ڪهاڻيون لکڻ لڳو هوس. جڏهن سنڌي ادبي سنگت جي ڪلاسن ۾ آيس تہ مؤمن - ڪافر جون سموريون حقيقتون ظاهر ٿي پيون. اهو ڪافر هاڻي هڪ مانائتي ليکڪ رشيد ڀٽيءَ جي روپ ۾ منهنجي سامهون هو. مونکي خبر پئجي وئي تہ سچ ڇا آهي ۽ ڪوڙ ڇا آهي!. مونکي محسوس ٿيو تہ منهنجو ذهن جيڪو اڳ ۾ سوڙهو اونداهو ڪمرو هو، هاڻي ڪشادو ميدان ٿي پيو آهي.

سائين فتاح ملڪ جي آفيس ۾ سنڌي ادبي سنگت جي اجلاسن ۾ ڀٽي صاحب سان ملاقات ٿيندي هئي. هو نوجوانن جي لکڻين تي سُٺي نموني ڳالهائيندو هو ۽ صلاحون ڏيندو هو. پاڙيسري هجڻ جي ناتي گهڻو ڪري روز گڏجڻ ٿيندو هو. ائين ئي ڀٽي صاحب جي شخصيت واضع ٿيندي وئي.

چند ستارا راهون آهن،
منهنجون عبادتگاهون آهن.
تُون تہ چوين تو ملحد آهيان،
ڪائنات جو چپو چپو.
مون لئہ مسجد وانگر آهي،
۽ ماڻهوءَ جي دل مون لئہ آ
جامع مسجد وانگر.
ڪلهہ ڪان مان ۽ فيض انهيءَ مہ،
پهرين صف مہ آهيون.
ساڳي صف مہ،
بُلي شاهہ، يتائيءَ پارا.
ڪيئي ملحد آهن
ڪيئي ملحد آهن.

**(شيخ اياز)**

”اسان تي الزام آندا“ جگ جيئڻ جا، وانگر تنگ نظر ۽ تعصبي ماڻهنجون فتوائون بي معنیٰ آهن. سائين جمال ابڙي جي لفظن ۾ تہ: ”روزا اسين رکون، نماز ۽ تهجد اسين پڙهون، خدا جو خوف دل ۾ سدائين، پوءِ بہ اسين ڪافر سڏجون.“

سچل سائينءَ چواڻي:

ڪو ڪيئن چوي ڪو ڪيئن چوي
مان جوئي آهيان سوئي آهيان.

رشيد يتيءَ جو جنم 20 آگسٽ 1933ع تي سکر جي علمي ادبي گهراڻي ۾ ٿيو. سندس والد مولوي عبدالحميد يتي پنهنجي دؤر ۾ ناميارو عالم، اديب ۽ صحافي هو. پنهنجي والد جي ڪري، رشيد يتيءَ کي ننڍپڻ کان ئي نامور علمن ۽ اديبن جي صحبت حاصل رهي، جنهن ڪري سندس تربيت ۽ سوچ ۾ پختگي ننڍپڻ کان ئي شروع ٿي.

نوجوانيءَ واري دؤر ۾ ڪراچيءَ ۾ پڙهائيءَ دوران، هڪ انگريزي اخبار ۾ ڪمپازيٽري ڪري ڪيس خرچي حاصل ڪندو هو، جنهن ڪري هن ۾ شروع کان ئي خودداريءَ جو مادو پيدا ٿيو. اهڙي ريت هن آخر تائين پنهنجي پيرن تي بيهي محنت ڪري ڪائڻ جي روايت برقرار رکي. ڪاڏي کان ڪپڙي لتي تائين، سادگي پسند رهيو. شخصيت ۾ اجائي ٺاهه ٺوهه ۽ نماءَ جو مخالف هوندو هو. دوستن جو پيارو ۽ بيرونق ڪچهرين ۾ ٽهڪن جي رنگيني پکيڙيندڙ. علمي ادبي، سماجي ڪمن ڪارين ۾ اڳيرو ته لکڻ ۾ به تيز. ناول، ڪهاڻيون، ترجما، شاعري، جيل جون ڊائريون، ڪالم، مهاڳ، خاڪا ۽ مقالا وغيره هر موضوع تي لکڻ جي ڀرپور صلاحيت جو مالڪ ۽ ڪيترن ئي ڪتابن جو خالق. وقت ڪي اجايو وڃائڻ بدران ڪنهن نه ڪنهن عمل ۾سجايو ڪندڙ. ڪُتبخانن کان بنديخانن تائين سندس پيرن جا نشان پکيڙيل. عام زندگيءَ ۾ خاموش خاموش محسوس ٿيندڙ پر دوستن جي ڪچهرين جو مرڪز هوندو هو.

سنڌي ادبي سنگت، ادبي سوسائٽي سنڌ مسلم ڪاليج، پاڪستان رائيٽرس گلڊ، شاهه عبداللطيف فائونڊيشن، سنڌ گريجوئيٽس ايسوسيئيشن، انسٽيٽوٽ آف سنڌالاجي ۽ ٻين علمي ادارن ۽ تنظيمن جو ميمبر ۽ عهديدار رهيو. علمي ۽ ادبي سرگرمين ۾ حصي وٺڻ ڪري سندس وڪالت وارو پيشو گهٽ متاثر ٿيندو هو. اهوئي سبب آهي جو هو وڪالت جي حوالي سان گهڻي شهرت حاصل ڪري نه سگهيو. پڇاڙيءَ ۾ ڪجهه سالن کان آغا بدرالدين دُراني لاڪاليج ۾ قانون جو آنرري پروفيسر هو. صحافين ۾ به پٺتي صاحب پنتي نه هو. هُو روزانه الوحيد ڪراچي ۽ روزانه نئين سنڌ ڪراچيءَ جو ايڊيٽر ۽ روزانه هلال پاڪستان جو ايڊيٽر به رهيو. سندس مستقل ڪالم، روزانه هلال پاڪستان ڪراچي، هفتيوار صبح سنڌ ڪراچي، هفتيوار برسات ڪراچي ۽ ماهوار سوجهرو ڪراچي ۾ شايع ٿيندا هئا.

سندس ڇپيل ۽ اڻڇپيل ڪتابن جو تفصيل هن ريت آهي:

1. آدرشي ڪهاڻيون. ڪهاڻي پبليڪيشن بمبئي 1962ع.
2. گهڙي گهڙي هڪ گهاءُ (ڪهاڻيون) پاڪستان رائٽرس گلڊ.
3. دنيا جا عظيم افسانا (ترجمو) سنڌي ادبي بورڊ 1958ع.

4. آڏي ڍال مَ ڍار. (ترتيب) پاڪستان رائٽرس گلڊ سکر 1966 ع .
5. رياست ۽ آزادي (ترجمو) سنڌي ادبي بورڊ 1966 ع.
6. عاشق زهر پياڪ (ناٽڪ) مهراڻ پبلشر سکر 1968 ع.
7. ڪميونسٽ پڏرنامو (ترجمو) عوامي ڪتاب گهر 1975 ع.
8. سچ جو فلسفو (تجزيو) عظمت ادبي اڪيڊمي حيدرآباد 1985 ع.
9. پاڪستان جا پراڻا شهر. سنڌي ادبي بورڊ 1981 ع.
10. پاپ ۽ پيڙا (ناول ـ ترجمو) اڻ ڇپيل.
11. باغي (شاعري ـ ترجمو) اڻ ڇپيل.
12. چتر ليکا (ترجمو) زندگي پبليڪيشن حيدرآباد.
13. سياري جي رات (طنزيه ڪهاڻيون) شهباز پبليڪيشن حيدرآباد 1985 ع.
14. اوپاريون لهواريون (ڪالم تقريرون) سنڌي ادبي اڪيڊمي حيدرآباد 1985 ع.
15. ديس سُتا دل وارا جاڳيا (ڪهاڻيون) سنڌي ادبي اڪيڊمي حيدرآباد 1986 ع.
16. جڏهن جهوڪ جهُريو (ترجمو) عظمت ادبي اڪيڊمي حيدرآباد 1985 ع.
17. ويرن جي وسندي (ناول ـ ترجمو) عظمت ادبي اڪيڊمي حيدرآباد 1986 ع.
18. سنڌ ۽ هند جي ادبي شخصيتن جي خطن جي چونڊ (ترتيب هيٺ).
19. ادبي تنقيدي مضمونن جو مجموعو (ترتيب هيٺ).
20. تقريرن جو مجموعو (ترتيب هيٺ).
21. اخباري ڪالمن مان چونڊ (ترتيب هيٺ).
22. ورهاڱي کانپوءِ سنڌ ۾ ادبي هلچل جي تاريخ (زير تصنيف).
23. ڪليمن جارو جي برف (ڪهاڻيون ـ ترجمو) اڻپورو.
24. گُدارت (ناول ـ ترجمو) اڻپورو.
25. شاهه عبداللطيف آف ڀٽ (ترجمو) اڻپورو.
26. اسين لوچون لوهه ۾ (جيل جي ڊائري) پريس ۾. سنڌي ادبي اڪيڊمي حيدرآباد.
27. تضاد بابت (ترجمو) عظمت ادبي اڪيڊمي حيدرآباد 1986 ع.

مختلف ٻولين جي ڄاڻ رکندڙ سنڌي ٻوليءَ جو، ناميارو اديب رشيد ڀٽي، نثر جي ايترن ڪتابن جي تخليق ۽ ترجمي ڪرڻ کان سواءِ شاعريءَ ۾ به دلچسپي

رڪندو هو. سندس مزاحيه شاعري گهڻي مقبول آهي، جيڪا اڪثر ڪري مشهور گيتن ۽ غزلن جي پيروڊي طور جوڙيل آهي. جنهن ۾ وزن بحر به ساڳيو ئي رکيو اٿائين. خاص طور تي مشهور شاعر نياز همايوني جي گيت:

تنهنجي دنيا سڀ رنگ سانول،
مون وٽ روپ نڪو ڀهروپ الا.

جي پيروڊي، ڀٽي صاحب هن ريت ڪئي آهي:

تنهنجي دنيا سُرخي سيندل
مون وٽ سُوٽ نه ڪو فُلسوٽ الا.

اهڙيءَ طرح هڪ ٻيو مزاحيه شعر آهي؛

وري ياد آيا ٻهانا اوهان جا
هي ڏاڏا اوهان جا هي نانا اوهان جا

اسان جي ته دنيا آ ٽيڙهي پڊعيدن
هي لنڊن هي پيرس ويانا اوهان جا.

ڀٽي صاحب پنڌ ڪرڻ جو ڪوڏيو هو. جنهن لاءِ پنڌ گهمڻ جا فائدا ٻڌائيندو هو ۽ روز چڱي مفاصلي تائين چنڊ ويندو هو. هڪ ڀيري مان، سائين فتاح ملڪ ۽ ڀَٽي صاحب، سچل جي عرس جي موقع تي درازن وڃي رهيا هئاسين. راڻيپور پهچي ڀَٽي صاحب چيو ته: ”هتان سچل جي درگاهه تائين پنڌ هلنداسين. گهمڻ سان ورزش به ٿي ويندي.“ سو راڻيپور ڪان پنڌ شروع ڪيوسين. واٽ تي ڀَٽي صاحب جي ڪيترن ئي دوستن گاڏيون روڪي گڏ هلڻ جي صلاح ڪئي. جيئن ته ڀَٽي صاحب کي پنڌ ڪرڻو هو سو ڳالهه ٿاهي سيني کي چيائين: ”يار مون سچل جي درگاهه تي باس باسي هُئي ته عرس جي موقعي تي راڻيپور کان پيرين پيادي درازن تائين ايندس، سو توهان هلو مون کي پنڌ پڄڻو آهي.“

حاضر دماغ هو ان ڪري پنهنجي هر ڳالهه ڪي وزن ڏياري ويندو هو. وري جڏهن سچل سائينءَ جي درگاهه تي پهتاسين ته اتي اديبن ۽ شاعرن ڪي هڪ وڏو ڪمرو ڏنو هئائون جنهن ۾ گلم وڇايل هو ۽ فقط هڪ کٽ پيل هئي. ٻيا سڀُ هيٺ گلم تي ويهي رهيا ۽ سائين غلام محمد گراميءَ کي مٿي کٽ تي ويهاريائون. اتان لنگهندڙ ماڻهن لاءِ اهو منظر ڏيان ڇڪائيندڙ هو ته هڪ بزرگ کٽَ تي ويٺو آهي ۽ ٻيا سڀُ هيٺ ويٺا آهن. دروازي جي پرسان ڀَٽي صاحب ۽ نياز همايوني صاحب جن ويٺا ها. هڪ همراهه کان رهيو نه ٿيو، سو در وٽ ويٺل ڀَٽِي صاحب کان پڇيائين:

”يائو! ڪر خبر اهو کٽَ تي ويٺل ڪير بزرگ آ..؟“

ڀَٽي صاحب ٺهه پَهه ورائيس: ”بابا! اهو اسان سيني جو مرشد سڳورو آهي.“ اهو ٻڌي همراهه بوٽ لاهي، نهايت عقيدت سان ٻانهون ٻڌي گرامي صاحب کي پيرن تي هٿ رکي وڃي مليو.

ان کان پوءِ اتان قطارون ٻڌجي ويون. هڪڙا ويا ته ٻيا آيا پئي. گرامي صاهب اڇي پريشان ٿيو. ماڻهن کي گهڻوئي چيائين ته: ”بابا مان پير مرشد ناهيان.“ پر هو نه ٿي مُڙيا ۽ ان کي مرشد جي انڪساري تي سمجهيائون.

خوش مزاجيءَ وارو انداز ڀٽي صاحب جو پڇاڙيءَ تائين رهيو. پڇاڙيءَ ۾ جيتوڻيڪ گهڻو ڪمزور ٿي ويو هو، پر ان هيٺائيءَ جو احساس سندس شخصيت تي ڇانيل نه رهيو. پاڻ کي هردم خوش رکڻ جي ڪوشش ڪندو. پنهنجي بيماري ان جي علاج، ليبارٽري ٽيسٽن ۽ دوائن وغيره جي ڇاڻ هيس ۽ ڊاڪٽرن سان اڪثر ڪري دوائن ۽ بيمارين جي حوالي سان بحث ڪندو هو. جڏهن به مان جاگيراڻي محلي مان گذرندو هوس ته سلام جي موٽ ۾ ڪونه ڪو اهڙو جملو چوندو هو جو خود به خود گهڙي پل سائس ڪچهري ڪرڻ تي دل چوندي هئي. رک رکاءَ وارو ماڻهو نه هو. جيڪي چوڻو هوندو هوس سيني کي منهن تي چئي ڏيندو هو. جنهنڪري ڪيترائي ماڻهو سندس مان ناخوش به هئا. انسان هو ۽ انسانن سان اختلاف به ٿي سگهن ٿا، پر سندس ادبي پورهئي کان سندس مخالف به انڪار نه ڪري سگهندا.

سائين شيخ اياز جي اڻچپيل شاعريءَ جي مجموعي ”پٽ جي چانوَ اڳي کان گهاٽي“ ۾ کيترن نظمن جو تاثر نمايان آهي. هڪ نظم جو مفهوم ڪجهه هينئن ٻه آهي ته ”ٽيبل تي هي اڻپورا نظم ائين پيا هوندا ۽ مان هن دنيا کي ڇڏي ڏور هليو ويندس.“ ٻٽي صاحب ائين ڏهاڙي مختلف ادارن پاران مليل ٽن ڪتابن جا ترجما ڪندو هو. ڪتابن جي خوشبو سان واسيل سندس اهي اڻپورا ترجما ائين پيا آهن، ڇڻ هينئر ڪجهه دير لاءِ ٻٽي صاحب ٻاهر وي هجي ۽ موٽي اچي رهيل ڪم پورو ڪندو.

موت برابر مهڻو ناهي، پر ائين اوچتو وڇوڙو ايذائيندڙ آهي. دوست يار سڀ انتظار ۾ ها ته اجهو ٿو ٻَٽي صاحب علاج لاءِ ٻاهر وڃي، پر هو اهڙي پار هليو ويو، جيڏانهن وڃڻ جي واٽ آهي پر ورڻ جو ڪو ڪُس ڪونهي. جاگيراڻي پاڙي ۾ حميد سنڌي، پروانو ٻٽي، غلام رباني ۽ مرغوب بخاري جن هونئن ٻه اڪثر ايندا رهندا هئا ۽ ٻَٽي صاحب سان وڏيون ڪچهريون ڪري وڏا ٽهڪ ڏيندا هئا، پر 16فيبروري جي ملاقات ٻئي رنگ جي هئي. سيني کي ڪلائڻ وارو خاموش ابدي ننڊ ۾ ستو پيو هو ۽ سندس چوڌاري ساٿس گڏ کلڻ وارا اوچنگارون ڏئي روئي رهيا هئا. شيخ اياز، فتاح ملڪ، تنوير عباسي ۽ محبوب شيخ جن ته سڏڪن ۾ پئجي ويا هئا. ٻَٽي صاحب ڇڻ ان سمي کين ڪلندو چئي رهيو هجي:

”سنڌڙي رهي..
اسان نه رهيا سون ته چا ٿيو.......!!!!“

# ڪي ماڻهو تاريخ تين ٿا

ڌرتيءَ تي انسان جو سفر روزِ اول کان جاري آهي. جن ماڻهن جو سفر فقط پنهنجي ذات جي سنوار سُڌار تائين محدود رهيو، انهن جي قدمن جا نشان وقت جي طوفانن ڊاهي ڇڏيا ۽ انهن جا ناوَ حالتن جي هوائن ۾ ائين وکري ويا جيئن سامونڊي وير ۾ ڪناري تي پارن جا جوڙيل واريءَ گهرڙا. پر زندگيءَ جي رڻ پٽ ۾ ڪي اهڙا آواز به هوندا آهن، جن جي صدا ڪڏهن به جهڪي نه ٿيندي آهي. جن ماڻهن جون حياتون مايا جي موهه ۽ دنياوي ڏوهه جي دائري ۾ ڦرنديون آهن انهن جي دلين ۾ سدائين ”موت“ جو ڊپُ سمايل هوندو آهي.

هُونئن ته هر انسان جي حياتيءَ جي ميوزيم ۾ موت جو پوائتو بُت رکيل آهي، پر روشن ضمير آزاد انسانن لاءِ موت بي معنيٰ هوندو آهي، ڇو ته اهڙن انسانن جي حياتي انسانيت لاءِ ڇپر ۽ ڇانوَ هوندي آهي، ان ڪري انهن جا ناوَ، هر هانوَ ۾ هُرندا آهن ۽ موت انهن جي شهرت ۽ عظمت جي عڪس کي ڏنڌلو ڪري نه سگهندو آهي؛

جنهن آزاد گذاريو آهي
تنهن لاءِ موت ته ڪا شيءِ ناهي.
وک وک تي پنجوڙ ڏسي
شينهن ڪڏهن گجگوڙ ڇڏي آ؟
ڪنهن به عقابي چنبي پوَ ۾
آکيري جي اوٽ وتي آ؟
ڏِر جو ڏِڄُ گدڙ لئه آهي
جهِرڪي جهڙپ ڏسي ڏرندي آ
جنهن آزاد گذاريو آهي
تنهن لئه موت ته ڪا شي ناهي.

(شيخ اياز)

پير حسام الدين راشدي ﺑﻪ اهڙن روشن ضمير آزاد انسانن مان هڪ هو، جنهن سموري حياتي علم ادب جي عشق ۽ پيار جي پرچار ۾ گُذاري.

اسان نوجوان ادب دوستن يا ليکڪن کي، اڪثر ڪري محقق، تاريخدان ۽ لسانيات جا ماهر، پنهنجي تحقيق وانگر خشڪ ۽ محسوس ٿيندا آهن. انهن جي اوپرائپ، کُهرائپ سبب ائين لڳندو آهي ڄڻ هُنن ۽ اسان جي وچ ۾ ورهين جي وٿي هُجي.

جشنِ مهراڻ 75ع جي سلسلي ۾ سکر ۾ هڪ وڏي مشاعري جو اهتمام ٿيو هو، جنهن ۾ خاص مهمان پير حسام الدين راشدي هو. مون ان وقت محسوس ڪيو ﺗﻪ شايد رشِيد ڀٽيءَ جن مرٿئي سنگت  نيائي آهي ﻧﻪ ﺗﻪ حسام الدين راشديءَ جو شاعريءَ سان ڪهڙو واسطو. جڏهن مشاعرو شروع ٿيو ﺗﻪ راشدي صاحب هر هڪ نوجوان شاعر کي ﻧﻪ فقط غور سان ٻڌو پئي پر داد ﺑﻪ ڏنو پئي. اسان جي شاعر دوست رسول ميمڻ جي بيتن کان هو ايترو ﺗﻪ متاثر ٿيو جو ڪانئس اهي بيت وٺي پيهر پاڻ جهونگارڻ لڳو. وري جڏهن ساڻس ڪچهري ٿي ﺗﻪ هو نهايت سِپاجهو، ڪلمُک ۽ نوجوان محسوس ٿيو ۽ اها ﺑﻪ خبر پئي ﺗﻪ راشدي صاحب پاڻ ﺑﻪ ڪنهن وقت فدائي الراشديءَ جي نالي سان شاعري ۽ افسانہ وغيره لکندو هو. ”الزليخا“ جي نالي سان هڪ ناول ﺑﻪ لکيو هئائين. ان ملاقات ۽ معلومات کان پوءِ مونکي محققن بابت پنهنجي راءِ تبديل ڪرڻي پئي. ڪراچيءَ ۾ ڪيترن ميڙن، ادبي شامن، ڪتابن جي مهورتن جي موقعن تي راشدي صاحب کي ٻڌڻ جو موقعو مليو. سندس شخصيت ۽ ڏاهپ جا هر مڪتبہ فڪر جا ماڻهو قدردان ڏٺم. هو مونکي هميشہ تازو توانو ۽ نوجوان محسوس ٿيو. رشيد ڀٽيءَ لکيو آهي ﺗﻪ پير صاحب هڪ دفعي نجي محفل ۾ چيو هو ﺗﻪ: ”نوجوان ۽ نئين نسل سان ڪچهري ڪري مان پاڻ کي نوجوان محسوس ڪندو آهيان ۽ ايمان تازو ٿي ويندو اٿم چو ﺗﻪ منهنجي زندگيءَ جو سرمايو منهنجون تخليقون، منهنجي لائبريري ۽ سنڌ جو نئون نسل آهي.“

انهيءَ ڳالهہ ۾ بلڪل صداقت آهي. پير صاحب جڏهن اسان جي نوجوان تاريخدان ۽ محقق غلام محمد لاکي جا مقالا پڙهيا ﺗﻪ سندس محنتا لاءِ هُن جي ماڻ ۾ مانيءَ جو اهتمام ڪري ساڻس ڪچهري ڪئي ۽ سندس محنت کي ساراهيو. سندس هر دلعزيز شخصيت جي چانوَ ڏُور ڏُور تائين ڦهليل هئي. هن علم دوست

انسان، جنهن جي سمهڻ جو ڪمرو به ڪتابن سان ستيل هوندو هو. جا دروازا هميشه سيني لاءِ کليل هوندا هئا. الحمرا سوسائٽيءَ جو ”علي رضا“ هائوس هجي يا جمشيد روڊ وارو ”بيت الضياء“، سندس اڱڻ مهمانن جي آجيان لاءِ هميشه ڪشادو هوندو هو.

مولائي شيدائيءَ جو تحقيقي ڪم، قلمي نسخا ۽ پير راشديءَ جو ڪم ڏسي اعتبار نه ايندو آهي ته ايترين سماجي مصروفيتن جي باوجود هنن اهڙو محنت طلب ڪم ڪيو هوندو. انهن جي پيٽ ۾ اسان نوجوانن جو اهو حال آهي جو ڪجهه شعر لکي ائين ٿا سمجهون ته سنڌي ادب تي چڻ وڏا وڙ ڪيا آهن. پنهنجي سستي ۽ گهٽ محنت واري حالت ڏسي لڳندو آهي، اسان جا اهي بزرگ چڻ ته ڪي مشيني ماڻهو هئا جن ايترو سارو علمي پورهيو ڪيو آهي. اها ڪنهن کي خبر هوندي ته ننڍڙو ڏنل شاهه جنهن جون چمڻ سان اکيون چڻ ته نه هجڻ جي برابر هيون. جنهن لاءِ سندس ڏاڏي کي نجومي دوست کي اهو چوڻو پيو ته: ”غلام محمد، ڪڻ هن کي، ڪوڙا نجومي تو ته چيو ٿي ته هيءُ ڏاڍو خوشنصيب پار ٿيندو ۽ وڏو نالو ڪڍندو، پر هن کي ته اکيون ئي ڪونهن نالو ڌوڙ ڪڍندو.“ سو وڏو تي پنهنجي ذات ۽ ذاهپ جي روشني ڏورانهن ڏيهن تائين ڦهلائيندو. جيڪو بنا ڪنهن تعليم سندَ جي اهڙا علمي ڪارناما انجام ڏيندو جو جت ڪٿ سندس مڃتا ٿيندي، جيڪو ويهن ورهين جي عمر ۾ اخبارن جا ايڊيٽوريل لکندو ۽ روايتي خوشامدي واري صحافت جي سيني تي مُڳَ ڏريندو.

ننڍپڻ جو ذڪر ڪندي پير علي محمد راشدي لکي ٿو ته: ”هڪ ڏينهن حسام الدين راند ڪندي، ڪمري ۾ اچي منهنجي ڪتابن سان ڪڙاند (حرڪت) ڪرڻ لڳو، مون کيس دڙڪو ڏيندي چيو، اڙي جٺ تون منهنجي ڪتابن کي هٿُ نه لاءِ، هُن مون ڏانهن ڏٺو ۽ هيئن چوندو هليو ويو ته آءٌ جٺ آهيان، چڱو ادا....“

منهنجي خيال ۾ پير علي محمد راشديءَ کي ڏنل پنجن لفظن جو اهو جواب چڻ هڪ چيلينج هيو ته، ”مان توکي ثابت ڪري ڏيکاريندس ته مان جٺ نه آهيان.“ ۽ حسام الدين واقعي ثابت ڪري ڏيکاريو ته هو ذاهپ ۽ ذات جو نه فقط ڏٺي هو پر پنهنجي پاءُ جي پيٽ ۾ وڏيڪ محنتي به هو. 1951ع ۾ خيرپور جي هڪ علمي ميڙ ۾ صدارتي تقرير ڪندي، برصغير جي وڏي تاريخدان ۽ محقق سيد سُليمان ندويءَ

پير حسام کي ”مؤرخ سنڌ“ سڏيو هو. حڪيم سعيد لکي ٿو ته: ”پير حسام الدين هڪ عظيم انسان هو. پير ته هُو رڳو نالي جو هو پر هزارن پيرن کان برتر ۽ بزرگ هو.“

اخبار ”المنار“ جي پريس اسان جي پاڙي ۾ آهي، جنهن جو پير صاحب ڪڏهن ايڊيٽر هيو. ليوڪس پارڪ جي سامهون نارائڻ داس موٽرن واري جي بلڊنگ جو اهو مسواڙي ڪمرو اڄ به آهي، جنهن ۾ پَٽَ تي سمهندي، ۽ ساڌ ٻيلي جي مندر مان پرشاد وٺي گُذارو ڪندي، راشدي صاحب پنهنجي پاءُ سان سنڌي صحافت جي خدمت ڪئي. جنرل لائبريري اڄ به آهي جتي ڪڏهن مولائي شيدائي، مولانا دين محمد وفائي ۽ پير حسام الدين ۽ علي محمد راشدي جن مطالعي سان گڏ علمي ادبي رهاڻيون ڪندا هئا. انهن هنڌن وٽان گذرندي پنهنجن بزرگن جون يادگيريون ذهن تي تري ايندون آهن. سکر جي گهٽين ۽ رستن تي ڦهليل پير حسام الدين راشديءَ جي قدمن جا نشان اڄُ ڪوبه ڏسي نه ٿو سگهي پر ادب دوست ماڻهن جي دلين تي هن جي لاءِ محبت ۽ احترام جي جذبن جا گُل سدائين ٽڙيل هوندا.

جهڙي ريت هومر جي مرڻ کانپوءِ يونان جي مختلف شهرن جي ماڻهن دعوىٰ ڪئي ته هومر سندن شهر جو رهواسي هو. تهڙي ريت پير حسام الدين راشديءَ جي وفات کانپوءِ ايراني چون ٿا ته حسام اسان جو هو، اردو اديب چون ٿا ته حسام الدين اسان جو هو. سنڌي چون ٿا ته هو اسان جو هو. اها آهي انسان جي عظمت. انسان هليو ويندو آهي پر سندس پوکيل محبتن جي ٻُوٽن جي خوشبو سدائين قائم رهندي آهي:

مٽيءَ منجهه ملي ڪي ماڻهو چڏي وڃن ٿا واس
جن جي سار ۾ سالن تائين سارو لوڪ اداس.

اي ادب تي اڏندي وچڙي ڳالهه قطارن ڪونج،
اڄ به انهيءَ جي ڪرڪي جي آ روهه روهه ۾ گونج.

هو جو ڪالهه هليو ويو آهي ڏاهو ڪيڏو ڏور
تنهن جون سارون روز پچارون پل پل تنهجو پور.

ذات ڌاهپ جي آڌو آ موت بہ خود مئل.
جسم حوالي قبرن جي پر علم تہ آهي اٽل.

مڪلي نامو آهہ اسان وٽ مڪليءَ تي آ هُوءِ.
ڦهليل هُن جي ڌاهپ جي آ نگر نگر خوشبو.

ڳالهيون ڳوٺ وٽن جون پڙهندا، ماڻهو هُن ڪانپوءِ
جهرجهنگ هن جون يادون رهنديون لُڇندي هن لئہ لوءِ.

هن ڌرتيءَ جو دانشور آ صديءَ صديءَ جو سچُ
علم ادب ۽ محبت وارو مچندو رهندو مَچُ

جڳ ۾ جيڪو ٻٽبو سڀ لئہ تڏڙي تڏڙي چاڻ
من من جي ڪاڳر تي لکيل سوئي رهندو ناڻ.

# ڪاله قطارون جن

جمعي جي ڏينهن شام جو سيئي دوست، سنڌي ادبي سنگت شاخ سکر جي ڪچهريءَ لاءِ گڏ ٿيا هجون. هر ڪنهن منٽ بوڪ تي پنهنجو نالو لکي صحيح ڪئي، سنگت جي مقرر وقت کان اڌ ڪلاڪ کن وڌيڪ گذري ويو هو، سيني چيو ته سنگت جي ڪاروائي شروع ڪئي وڃي.

”ڪجهه دير ترسو، متا ولي دائودپوٽو پهچي وڃي.“

اها سٽ منهنجي زبان تي ايندي ايندي رُڪجي وئي.

تنهن ڏينهن اسان کان رُسي ويو هو، چيو هو هئائين، ”سنگت جي ڪچهرين ۾ شريڪ ٿيڻ نه ايندس.“ وري اسان سيئي ڪيس پرچائي وٺي آيا هئاسون. هاڻ ٻه ته اسان کان رُسي ويو آهي، سنگت جي ماهوار چندي جي رسيد ٻه سندس نالي ڪٽي رکي آهي. ڪڏهن ڪانئس سنگت جو چندو ٻه وٺي ايندا سون ته ڪيس پرچائي ٻه ايندا سون. هو ايڏو ضدي ٻه ته ڪين آهي، سندس ڪجهه شعر ٻُڌنداسون ته پاڻي ٿي پوندو.

سيني دوستن جي راءِ سان وليءَ سان شام ملهائڻ جو پروگرام رٿيو هوسي. اخبارن ۾ خبر ٻه شايع ٿي وئي، خميس 19 جولاءِ 1979ع تي ساٿس پريس ڪلب سکر ۾ شام ملهائڻ جون تياريون ٿي رهيون هيون. ڪيترن دوستن کي اڳواٽ زباني ڪوٺ ٻه ڏئي ڇڏي هئي. پروفيسر شير محمد بلوچ کي ٻه اڳواٽ خاص مهمان جي حيثيت ۾ شرڪت لاءِ چئي ڇڏيوسي. رسول ميمڻ پلاسٽڪ ڪوٽيڊ ڪارڊ مونکي دعوت نامن ڇپرائڻ لاءِ ڏنا.

پوءِ دعوت ناما ڇو ڪين ڇپيا. آخر ڪهڙو سبب هو؟

ائين پروگرام ڪجهه ڏينهن پوئتي هليو ويو.

ادبي شام جي پيهر تاريخ مقرر ڪرڻ لاءِ ولي وٽ صلاح مشوري لاءِ ويس ته وراڻيائين ته: ”ڪهڙي به تاريخ رکو يار!........ يلا تڪڙ ڪهڙي آهي. رمضان ۾ رکو يا غيد ڪانپوءِ، جڏهن مرضي توهان جي.“

پر وليءَ اهو ڪين ٻڌايو ته ڪيس ڪو گهڻو دعوتنامو پهريائين ملي چڪو هو، سو اسان کان لنوائڻ لاءِ پئي ائين چيائين ته: ”جڏهن مرضي توهان جي.“

وليءَ سان شام ملهائڻ لاءِ اسانجي پهرين رٿيل تاريخ کان هڪ ڏينهن پوءِ، ملڪ الموت ولي کي فرشتن جي ادبي سنگت پاران، ساڻس طويل شام ملهائڻ لاءِ اوچتو وٺي هليو ويو جو اسين سڀيئي آسري ۽ اوسيئڙي ۾ ئي رهجي وياسين.

اها اسان سڀني جي هارَ هُئي.

ولي دائودپوٽو ڏنڊي ڏاڙيءَ وارو ماڻهو هو. تنهنڪري ڪيس واند جمعي واري ڏينهن ٿيندي هُئي. هر جمعي تي سندس اهو معمول هو ته شام جو سڀ کان پهريائين ڪيئن به ڪري سنڌي ادبي سنگت جي ڪچهريءَ ۾ شريڪ ٿيندو. جيڪڏهن اتفاق سان جمعي ڏينهن، ڪنهن ڪم سانگي، پرپاسي واري ڳوٺ يا شهر ۾ ويو ته اتان واپسيءَ تي وري به سنگت کي منهن ضرور ڏيکاريندو.

ولي سنگت جي ڪچهريءَ ۾ شريڪ ٿئي ۽ ڪجهه نه پڙهي، ڪوڙوئي نه تو لڳي. هر ميڙ ۾ به ٽي شعر ضرور پڙهندو. پوءِ ٿيندي هيس شعرن تي تنقيد. چوندو هو”مون تي ڀرپور تنقيد ڪريو. جيئن منهنجي اصلاح ٿئي.“ پر سائين اسان جي عمر کان هن جي ادبي عمر وڌيڪ، سو شعر اهڙا جو سون وانگر جڙي ٺاهي ڪٽي ايندو. سندس شعرن ۾ پختگيءَ سان گڏ لفظن جي موسيقيءَ جو بيپناهه وهڪرو ـ ڪوشش ڪري نج سنڌي لفظ استعمال ڪندو. دوهن، گيتن، غزلن ۽ بيتن سان گڏ نيون صنفون، آزاد نظم، ترائيل ۽ ٽيڙو وغيره به مير ۾ پڙهڻ لاءِ ڪٽي ايندو. سنگت جو ادبي ميڙ ختم ٿيندو ته پوءِ چانهه جو دور هلندو. پوءِ سموري سنگت ڪڏهن اندس هوٽل ۾ ته ڪڏهن عوامي هوٽل ۾ ـ ڪچهري هلندي، وليءَ کي پنهنجي شاعريءَ جي مجموعي ڇپائڻ جو فڪر لڳندو. پوءِ شفن خرچ جو تفصيل لکندو،

ٽائيٽل تي هيترو، ڪاغذ تي هيترو، ڪُل خرچ ٿيو ٿي هزار روپيا. ولي ڪجھ دير سوچي وري چوندو.

”ڪجھ صفحا گھٽايونس ٿا يار! پلا هاڻي خرچ گھٽو ايندو؟“

پوءِ ائين ولي خرچ کي ٿوري ڪرڻ لاءِ ويندو صفحن کي گھٽائيندو، تان تہ مجموعو وڃي 80 صفحن تي بيهندو. پوءِ ولي ٿيندو مطمئن تہ هاڻي خرچ گھٽ آهي. سو ايندڙ هفتي وڃان تو ڪراچيءَ ٽائيٽل ڇپرائڻ. پوءِ ائين هر هفتي سنبرندي، همراھ بنا سنبرڻ جي اهڙي پار هليو ويو جو هاڻ ڪٽي سندس شاعريءَ جا ڏھ مجموعا ڇپرايون تہ فقط ڏسڻ لاءِ بہ نہ ايندو تہ ڪهڙا مجموعا ڇپرايا اٿوَ. سندس شاعريءَ جا ٽي مجموعا بلڪل تيار پيا هئا، ”جي تي سليان سُور“، ”گھر گھر گونجن گيت اسان جا“ ۽ ”پن پن ۾ پڙلاءُ“ پوين ڀن مجموعن جا ٽائيٽل گھٽو اڳ مونکان ٺهرائي رکيا هيائين. هر جمعي تي وٽندو هو اهي ٽائيٽل گھمائيندو، ڪو يار دوست گڏيس تہ ڏيکاري چوندو: ”بس ايندڙ مهيني مجموعا ڇپجي مارڪيٽ ۾ اچي ويندا.“

اها ئي سندس وڏي ۾ وڏي خواهش هُئي.

سنڌي ادبي سنگت جي دوستن کان موڪلائي پوءِ نياز هوٽل تي هم عمر جهونن دوستن سان ويٺو ڪچهريون ڪندو. نياز هوٽل بند ٿيو تہ وري اڪثر منير هوٽل تي ويندو هو. وفات واري رات بہ ٻارهين وڳي تائين منير هوٽل تي ويٺو هو. پوءِ اتان اٿي بہ گھُمندو ڦرندو رهيو. پيچ پنيءَ جو 4 وڳي ڌاري ٻاڙي وارن ڪيس، سندس گھر جي ٻاهران دڪيءَ تي ويٺل ڏٺو.

رات ساري بيقراري، انتظاريءَ ۾ ولي،
چنڊ ۽ معصوم تارن جو نہ دم نڪري وڃي.

ولي اٽڪلي ۽ ٽڪو پنجو ڪندڙ شاعر ڪين هو، صاف دل هيو. هن ڪنهن جي سرٽيفڪيٽ ذريعي ادب ۾ نامور ٿيڻ جي هرگز ڪوشش ڪانہ ڪئي. نہ ئي هن، ڪنهن ايڊيٽر جي سهاري وٺڻ لاءِ پاڻ پتوڙيو تہ جيئن هو ڪيس، رسالي ۾ نمايان ڪري شايع ڪري.

هن پنهنجي فن رستي اڳتي وڌڻ جي جستجو ڪئي، چو ته هن وٽ صلاحيتون هيون. هن نه پئي چاهيو ته پوئين دروازي کان ادبي ايوان ۾ داخل ٿئي ۽ پين جون منديون لاهي پاڻ کي قداور محسوس ڪرائي.

آءٌ آهيان ڳجهه سچڻ جو، آءٌ آهيان فلسفو،
قافلي جي اڳ ۾ آهيان، ڪاروان کان پوءِ پوءِ.

هن سڌي رستي کان پنهنجي فن جي ذريعي عوام آڏو پيش ٿيڻ ٿي چاهيو پر ادبي داداگيرن کيس ٽڏي اجا به پوئتي ڌڪڻ جي ڪوشش ڪئي. هن جي فن کي رد ڪرڻ لاءِ، متاثنس رجعت پرستيءَ جا الزام مڙهيا ويا. کيس ادبي ميڙن ۾ شريڪ ٿيڻ کان محرم رکيو ويندو هو، پر هو مايوس ڪڏهن ڪونه ٿيو. پنهنجو فکر ڪنيون هڪ سچي فنڪار جان اڳتي وڌندو رهيو. عام زندگيءَ ۾ جهڙي ريت هو پنهنجي پورهئي سان سچو هو تهڙيءَ طرح ادبي دنيا ۾ لکڻ جي عمل ۾ هو ڪڏهن ڊِرو نه رهيو.

هو سنڌي ٻوليءَ جو اهو برک شاعر هو، جنهن مرندي گهڙيءَ تائين لکيو.

سندس شمار صراف بازار جي ماهر سونارن ۾ ٿيندو هو.

اسين جڏهن به صراف بازار مان لنگهندا هئاسين ته سندس دوڪان وٽان تکا تکا ڳُذري ويندا هئاسين ته جيئن متا وليءَ جي نظر نه پوي ۽ اسان کي سڌي پنهنجو تازو ڪلام نه ٻڌائي. مرهيات جي اها عادت هوندي هئي ته جڏهن به ڪو ادب دوست واقفڪار سندس دوڪان آڏو گذرندو هو ته کيس سڌي پاڻ وٽ ويهاري چانهه به پياريندو ته تازو ڪلام به ٻڌائيندو. ڪڏهن اسان کي ڪنڌ پاسا ڏيندي ڏسي وٺندو هو ته پري کان رڙ ڪندو: ”سچاٽانوَ تو! لنوائي ٻيگا ٿا وڃو.“

پوءِ اسان کيس پرچائڻ ٿي، نه سائين اهڙي ڪا ڳالهه ڪانهي، توهين ڪم ۾ رڌل هئا، اهو سوچيوسين ته اوهان کي ڪهڙو اچي سيڙائجي. ”اهي ڪم ته مرندي تائين ڪين ڇڏيندا...... ڀلا اُتوَ گيت غزل ته ٻُڌايو.“

هاڻي اسان کي هجي ڪو پنهنجو شعر ياد نہ پئجايون. لاچار هڪ اڌ ٽيڙو ڪيس پڌائيندا سين. پوءِ موت ۾ ولي جي درجن کن شعرن پڌڻ لاءِ تيار ٿي ويندا سين. پوءِ چانهہ بہ پئي پيئبي تہ وليءَ جا شعر بہ پيا پڌبا. جڏهن ٻُڌي ٻُڌي بور ٿيندا سين تہ پوءِ ذڪر ڪندا سين مصريءَ جو. (مصريءَ تي مرهيات چڙندو هو.) پوءِ ولي بہ اسان مان بيزار ٿي شعرن جو ديوان بند ڪندو.

ڪالهہ جڏهن صراف بازار مان گُذرڻ ٿيو تہ وليءَ جي دوڪان جي ويجهو پهچڻ کان اڳ مان لنوائي رستي جي پرينءَ پَر ٽپي ويس تہ متان ولي دائودپوٽو ڏسي وٺي ۽ سندس شعر نہ پڌڻا پون. سوچيم تہ چاڻ پويان وليءَ جو سڏڻيو. پر سندس سڏ ڪونہ ٿيو. مون پٺ ورائي وليءَ جي دوڪان ڏانهن نهاريو. اتي ولي نہ پر، سندس وڏو پُٽ ڪم ۾ رڌل نظر آيو.

هڪ دفعو وري غور سان دوڪان ڏانهن نهاريم.
مونکي دائودپوٽو نظر آيو. هميشہ جان مصروف.
تمام گهڻي جذبي سان ڪم پي ڪيائين.
پنهنجي ۽ پنهنجي اولاد جي پيٽ خاطر.
پنهنجي اولاد جي روشن آئيندي لاءِ.

اوچتو منهنجي ذهن تي ولي جي هيءَ سٽ ياد آئي:

”مُون ۾ منهنجو پيءُ
ويٺو تو وايون ڪري.“

# ڏيئا جليا ڳوٺ ۾

ادب ۽ آرٽ جو سفر بہ انساني حياتيءَ جي تجربن سان گڏ اڳتي وڌندڙ ۽ مسلسل آهي. صحتمند ۽ تعميري قدر بدلجندڙ حالتن ۾ بہ زنده رهندا ايندا آهن. جڏهن تہ فرسوده روايتي رجحان وقت جي پيرن هيٺان لتاڙجي، فنا ٿي ويندا آهن. انساني سوچ سدائين ڦُلاربي رهي آهي. نيون ڪوجنائون، نوان نظريا، نوان فڪر ظاهر ٿيندا رهيا آهن. سُڄاڻ سرجڻهارن پنهنجيءَ سوچ جي ڦهلاءَ جا نوان گَسَ ۽ پيچرا پئي ڳوليا آهن، جنهنڪري سوچ جو سفر سينواريل تلاءَ بڻجڻ بجاءِ، ڇوليون هڻندڙ تيز وهندڙ واهہ وانگر اڳتي وڌندو رهيو آهي.

هڪڙي دور ۾ سنڌي شاعري، روايتي غزل جي فرسوده چار ۾ جڪڙيل هئي، پيرمُغان، رقيب روسياهہ، دشت صحرا ۽ ٻين فارسي لفظن استعارن ۽ تشبيهن تي گهُمند ڪري، وڏي تاهہ تُوهہ سان شاعريءَ کي سجائي، محفلن ۽ درٻارن جي رونق بڻايو ويو. ڪلاسيڪي عوامي صنفن کي جهالت جي علامت سڏي حقارت سان ٺُڪرايو پئي ويو.

نيٺ اهڙو واءُ بہ وريو جو سجاڳ ذهنن، فارسي چوغو ليڙون ليڙون ڪري ڇڏيو. اجائي بناوت وارو سطحي سوچ جو دؤر پورو ٿيو ۽ ترقيءَ سان لاڳاپي وارو سُونهن ۽ سادگيءَ جو دورو شروع ٿيو.

جهڙي ريت انگريزي شاعريءَ ۾ وردسورٿ، سيموئل ڪالرج ۽ سندن ساٿين، انگريزي شاعريءَ مان يوناني ۽ لاطيني ثقافت جي اثرن کي ختم ڪرڻ لاءَ Elaboration يعني تاهہ تُوهہ واري تحريڪ جي مند کي ٽوڙي، شاعريءَ ۾ Simplification سونهن ۽ سادگيءَ جي لاڙن کي اڀارڻ لاءِ رومانوي تحريڪ کي زور وٺرايو، تيئن اسان جي ٻوليءَ جي سُڄاڻ شاعرن بہ اظهار جا نوان وسيلا اختيار ڪري، فارسي ڪلچر کان متاثر ٿيل اجاين روايتي قدرن جو انت آندو. اهڙي طرح بيٺل پاڻيءَ ۾ هلچل پيدا ٿي، اظهار جون نيون راهون کليون ۽ ٻاهريون جديد صنفون متعارف ٿيون. گهڻيءَ مخالفت جي باوجود، آزاد نظم جي صنف، نوجوان شاعرن ۾ مقبول ٿيندي وئي ۽ اهو سلسلو، بيقافيہ نظم ۽ نثري نظم کان ٿيندو، تجريدي نظم تائين اچي پهتو آهي.

جذبن ۽ احساس ڪي، ڪهڙي نه روپ ۾ بيان ڪري سگهجي ٿو. ڪنهن صنف جون پيچيده ضرورتون جيڪڏهن فڪر جي راهہ ۾ رُڪاوٽ بڻجن ٿيون ته ان کي اختيار ڪرڻ اجايو آهي ڇو ته هر صنف ۾ جذبن جو اظهار ڪرڻ، ڪنهن وڏائيءَ جو اهڃاڻ ناهي.

رُبائي، قطعي، سانيٽ ۽ ترائيل جي پيٽ ۾ جديد شاعريءَ ۾ هائيڪوجي صنف وڏيڪ مقبوليت حاصل ڪئي آهي. اختصارُ هن صنف جي مقبوليت جو مکيہ ڪارڻ آهي. اڄُ جي تيز رفتار دؤر ۾ رهندڙ شاعر سانيٽ جي چوڏهن سٽُن ۾ پنهنجي خيال کي منجهائڻ بدران، مختصر لفظن ۾ وڏي ڳالهه ڪرڻ ٿو چاهي ۽ هائيڪو ان سلسلي ۾ هن لاءِ وڏيڪ سبب بڻجي ٿو.

اجتماعي طور لکيل جپان جي طويل مطلع ڪلاسيڪي صنف ”هائيڪائي“ جي مخالفت ڪندي شيڪيءَ Sheiki انهيءَ طويل نظم جي ٽن سٽن واري مطلع ”هوڪو“ کي سچو ادب سڏي هن صنف جي خودمختياريءَ جو اعلان ڪيو. فطرت جي سڏي سنئين تجربي مان تخليق ٿيل هن صنف کي ڏيڍ ٽنگو بيت سڏيو، جيئن شاهه لطيف جي بيت جي ٽن پدن مان هائيڪو يا ٽيڙوءَ جو روپ هن ريت بيهندو:

”جان جيئين تان جَلُ
ڪانهي جاءِ جلڻ ري
تتيءَ ٿڌيءَ هَلُ.“

ائين ڪٿي چئجي ته هيءَ صنف اسان وٽ اڳ ۾ ئي ڪنهن نہ ڪنهن روپ ۾ موجود هئي. اسان وٽ ڪجهه مروج پول به هائيڪي جي موضوع سان اختلاف جي باوجود هيءَ صنف تيزيءَ سان مقبول ٿيندي وئي ۽ اڄ نوجوان ليکڪن جي هيءَ پسنديده صنف آهي.

موضوع توڙي هيئت جي لحاظ کان هيءَ صنف خود پنهنجي ڌرتيءَ تي اختلافي مسئلو رهيو آهي. هيڪي گودو Hekigodo رُڪنن کان ڇوٽڪارو حاصل ڪندي آزاد هائيڪي جو رواج وڌو، پر هو هائڪي مان موسم جي عنصر،

خارج ڪرڻ جو حامي نهو. سيسينسوئي Seisensui ته موسم جي علامت کي به هائيڪو جي وسعت ۾ رُڪاوٽ سمجهيو هُن هائيڪو کي هڪ علامتي نظم سڏيو.

اسان وٽ نارائڻ شيام ۽ تنوير عباسي، جديد هائيڪو جا اڳواڻ شاعر آهن، جن هن صنف جي گهُربل ضرورتن کي پورو ڪندي ڏيهي عڪسن وارا خوبصورت هائيڪو رچيا آهن. شيخ اياز وري هن صنف جو سنڌيءَ ۾ پهريون مجموعو آڻي، ان کي وڌيڪ مقبوليت ڏني. تڏهن به مجموعي طور اسان وٽ هائيڪو کي جيئن جو تيئن قبول نه ڪيو ويو. شيخ اياز چيو آهي ته: ”مسئلن جي ديس ۾، تصور جي عياشيءَ لاءِ ڪنهن به اهل دل شاعر وٽ گنجائش ناهي“. امداد حسينيءَ ٽستي يا ٽيڙوءَ جو نالو ڏئي، موضوع جي اعتبار کان هن صنف ۾ داخلي توڙي خارجي ڪيفيتن جي اظهار لاءِ وڌيڪ گنجائش پيدا ڪئي. اهو ئي سبب آهي جو موضوع جي فرق سبب ٽيڙو ۽ هائيڪو اسان وٽ ٻه ڌار ڌار صنفون ليکيون وڃن ٿيون.

طارق عالم جي سڃاڻپ هوندي ته سنڌس نثري تخليقن جي حوالي سان وڌيڪ آهي، پر هن جي من ۾ اصل کان هڪ ڪوي موجود آهي، جيڪو ڪڏهن ڪڏهن موج مستيءَ ۾ اچي ڪوتائن جا موتي پکيڙي ٿو. سنڌس ناولٽ ”رهجي ويل منظر“ پڙهڻ سان اهو محسوس ٿئي ٿو ته اهو ڪنهن شاعر جو تخليق ٿيل آهي. انهيءَ ناولٽ ۾ بيان ڪيل منظر نگاري ۾ ڪٿي ڪٿي هائيڪو جو تاثر به ملي ٿو. ”مورن اوچا ڳاٽ“ جي تخليق به انهيءَ ڪويءَ جي ڀرپور احساسن ۽ جذبن جي اٿل جو هڪ روپ آهي.

طارق عالم جنهن تيزيءَ سان هي هائيڪو ۽ ٽستا رچيا، مجموعي جي صورت ۾ شايع ڪرايا آهن، تنهن مان هن صنف سان، سنڌس گهڻي لڳاءَ جي خبر پوي ٿي. هُن ”مورن اوچا ڳاٽ“ وسيلي هائيڪو جي ڀرپور آجيان ڪئي آهي.

طارق جي هائيڪن ۾ فطرت سان تعلقُ، ڪنهن واقعي ڏانهن اشاري ۽ انهيءَ واقعي جي مسلسل هجڻ جا اشارا ملن ٿا، گهاڙيٽي جي حساب سان ماترائن جي گهٽ وڌائيءَ جي باوجود، جذبا ۽ احساس مشاهدي ۽ تخيل جي سگهه ۽ هُن جي جمالياتي پروڙ سيني شين تي حاوي آهي.

گھري ٿيندڙ شام
لُڏي پئي ديوار تي
چنبيليءَ جي لام

دريءَ مان درشن
لئمپ جي ڏنڌلي روشني
عورت اڌ روشن

رات هُئي سنسان
چاندوڪيءَ ۾ روشن هو
مسجد جو دالان

امبر تارن ۾
ڏيئا جليا ڳوٺ جا
ڪچن جارن ۾..

اهڙا ڪيترا خوبصورت عڪس طارق جي هائيڪن ۾ پسي سگهجن ٿا ۽ پڙهندڙ انهن منظرن کي پنهنجي اکين جي بنهه ويجهو محسوس ڪري ٿو لفظن جي انهن پورٽريٽس سان گڏ، طارق اهڙن منظرن کي به سٽن ۾ محفوظ ڪيو آهي، جن مان پنهنجي ڌرتيءَ جي حالتن جي عڪاسي ٿئي ٿي ۽ اهي تصويرون اسان جي تاريخي امانت آهن.

رستا سڀ ويران
ڍاڪڻ جي سيٽ جان
ڪرفيو جي دوران

ٻالڪ خوف وچان
هيٺ ڏٺو فوجي ڏانهن
ڪُليل ڪڙڪيءَ مان

طارق جو من بہ سندس هائيڪن وانگر اجرو ۽ خوبصورت آهي. دوستن ڪي تمام گهڻو قرب ڏيندڙ ۽ هر حال ۾ خوش گذاريندڙ. مان جڏهن حيدرآباد هيس، تن ڏينهن طارق مون ڪي آواره بادل وانگر لڳندو هو، وقت جي ڪائي پرواهہ نہ. ملندو تہ فل ڪمپني ڪندو، ”طارق! فلاڻي هنڌ هلڻو آهي“، ”هلو“ انڪار صفا نہ، ٽيٽر، هوٽل، هاسٽل، ڪچهريون، حيدرآباد جون هوائون، ڪُول ڪارنر. خوابن جهڙا پَل هئا اهي رستا، جن تي ڪڏهن راتين جي ٽڙيل هوائن ۾ طارق جا زندگيءَ سان ڀرپور ٽهڪ گونجندا هئا، اڄ طارق جا هائيڪو بہ انهن واٽن تي وڃڻ ڪان گهبرائن ٿا.

اڃان منگهہ ساڳيا، اهيئي هوائون
مگر سُڃ رستا، نہ دلبر ادائون.

هاڻي اهي منظر ياد ڪري نيڻ جهڙالا ٿي وڃن ٿا. ”مورن اوچا ڳاٽ“ جي مهاڳ ۾ نصير مرزا هڪ هنڌ لکيو آهي تہ. جپاني هائيڪي جي هڪ دلچسپ ٽيڪنڪ مطابق، واقعي کي ابتو ڪري بيان ڪيو ويندو آهي. ان طرح آخري سٽ ٽائين شعر جو مفهوم ظاهر ٿنو ٿئي ۽ آخري سٽ تي اوچتو سچي ڳالهہ سمجهہ ۾ اچيو وڃي. بعد ۾ نصير مرزا ان حوالي سان، طارق جي هڪ هائيڪي جي آخري سٽ، شروعات ۾ آڻي ان جي تاثر ۾ واڌارو آندو آهي.

مجموعو پڙهندي مون کي بہ اهڙو ئي هڪ خوبصورت هائيڪو نظر آيو آهي، جنهن ۾ پڻ ساڳي گنجائش موجود هئي.

وڇايون تاڙيون
ٻارن، مُهاڻن جي
اڏاميون آڙيون.

منهنجي خيال ۾ اهو هائيڪو جيڪڏهن هن طرح لکجي تہ وڌيڪ تاثر ڇڏيندو.

اڏاميون آڙيون
مهاڻن جي پارڻن
وڇايون تاڙيون.

جپان ۾ ڪيوشيءَ Kyoshi جيڪو بنيادي طرح افسانہ نگار هو، هائيڪي کي زندھ رکڻ ۽ ان جي بنيادي هيئيت برقرار رکڻ لاءِ پنهنجي اخبار Cukoo ذريعي ڪوششون ورتيون. تيئن طارق بہ سنڌيءَ ۾ هائيڪو جي اؤسر ۽ ان جي ڦهلاءَ لاءِ ”مورن اوچا ڳاٽ“ ذريعي هڪ بنيادي ڪم ڪيو آهي. ”پن ڇڻ پڇاڻان“ ڪانپوءِ هي مجموعو نون شاعرن کي هائيڪو ڏانهن متوجهہ ڪرڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪندو.

باشوءَ لکيو آهي تہ: ”جيڪو ٽن کان پنجن تائين هائيڪو پنهنجي حياتيءَ ۾ تخليق ڪري ٿو، اهو هائيڪو جو شاعر آهي ۽ جيڪو ڏهن تائين هائيڪو رچي ٿو اهو هائيڪو جو استاد آهي.“

انهيءَ حساب سان اسان وٽ هائيڪو جا ڪيترائي استاد ليکبا. جيڪڏهن ڏهن هائيڪن جي تخليقڪار کي استاد سڏجي ٿو تہ پوءِ طارق عالم کي هائيڪو جو ”استادن جو استاد“ سڏبو. شال مورن جي اوچن ڳاٽن وانگر طارق جي تخليقن جو ڳاٽ بہ سدائين اوچو رهي ۽ هو زندگيءَ جو پل پل هر حال ۾، ائين ئي مُرڪندي مُرڪندي گذاري. مان هن لاءِ پنهنجن جذبن جو اظهار هن ٽيڙوءَ ۾ ڪيان ٿو.

هائيڪو ۽ هالار
رضيہ طارق گهر ۾
هميشہ هيڪار.

(طارق جي هائڪن/ٽيڙن جي مجموعي ”مورن اوچا ڳاٽ“ جي مهورت واري تقريب ۾ تاريخ 2سيپٽمبر 1990ع تي پڙهيل)

# سمنڊ ڪنارو لهندڙ سجُ

## (عبدالغفار تبسم جي شعري مجموعي ”شفق وارا چانورا“ جو مهاڳ)

غفار تبسم جي شاعري رسالن ۽ ڪتابن ۾ ڇپي گهٽ، پر ريڊيو ۽ ٽي وي تي نشر وڌيڪ ٿي آهي. سندس رچنائن جو رسالن ۾ نه ڇپجڻ جو ڪارڻ ڪوبه ٿي سگهي ٿو، پر نه ڇپجڻ جي ڪري هن تخليقي عمل ۾ ڊرائپ ڪانه ڪئي. اهو ئي سبب آهي جو تمام گهٽ عرصي ۾ سندس شاعريءَ جو ٻيو مجموعو اسان جي هٿن ۾ آهي.

جڏهن تبسم جو پهريون شعري مجموعو ”گلن جهڙا گل“ مارڪيٽ ۾ آيو هو، تڏهن ڪيترن ادب دوستن کي اهو چوندي ٻڌم ته منجهس ڪجهه شعر فحش آهن. جڏهن مون اهو مجموعو پڙهيو ته مون کي ان ۾ فحش قسم جي ڪابه شيءِ نظر ڪين آئي، پر ڪن هنڌن تي جذبن ۽ احساسن جو اظهار تمام بيباڪيءَ سان ڪليل نموني ٿيل هو.

ڪنهن به پيار جي گيت تي
فحاشيءَ جو الزام ائين اهي
جيئن انارڪليءَ جو موت..... (شيخ اياز)

تبسم پيار جو شاعر آهي. هن جي سموري شاعريءَ جو موضوع عاشقاڻو آهي. هُن جي ٻولي بنهه سادي ۽ وڻندڙ آهي. جمالياتي رنگ جي گهٽتائيءَ جي باوجود به سندس جذبا اثرائتا آهن ۽ هو پنهنجا اهي جذبا ٻين صنفن جي ڀيٽ ۾ غزل ۾ وڌيڪ آسانيءَ ۽ خوبصورتيءَ سان بيان ڪري ٿو. وڇوڙو، ميلاپ، آسون، اميدون، اوسيئڙو، ميارون، رسڻ پرچڻ ۽ ٻيا اهڙي قسم جا ويچار هن تجربن جي Risk کڻڻ بجاءِ اڳ ۾ ئي مقبول ۽ مروج گهاڙيٽن ۾ ڪاميابيءَ سان پيش ڪيا آهن.

سيني شاعرن پنهنجي محبوب جي سونهن جي ساراهه مختلف تشبيهن ۽ استعارن وسيلي ڏار ڏار نموني ڪئي آهي. ان سلسلي ۾ تبسم جو انداز به نرالو آهي.

هن پنهنجي پرينءَ ڪي سج يا چنڊ چوڻ بجاءِ انهن گرهن جي احتجاج ذريعي پنهنجي محبوب جي مهانتا مڃرائي آهي:

”چنڊ ماٿهو موڪليا ۽ سج جا آيا سفير
احتجاج آندو اٿئون، تنهنجي مٿا چانڊاڻ تي.“

شاعر مايوسين جا منڪر هوندا آهن. هنن جي تخليقن ۾ حياتيءَ سان پيار ڪرڻ جا ويچار سمايل هوندا آهن ۽ پيار ئي هڪ اهڙو سگهارو سهارو آهي، جنهن جي آڌار تي ماٿهو جبل جهڙو جيون مُرڪي مُرڪي گهاريو وجي. مشهور اقتصادي ماهر ۽ مفڪر جي - ايس مل، جڏهن حياتيءَ مان بيزار ٿي، خودڪشيءَ جي ارادي سان گهران سنبري نڪتو ته اتفاق سان سندس هٿ ۾ ان ويل وردسورٿ جي شاعريءَ جو مجموعو هو. پنهنجو بوريت ڪي هٽائڻ ۽ خودڪشيءَ لاءِ اڃ ۾ سوچيل ماڳ تي جلدي رسڻ لاءِ هُو واٽ تي وردسورٿ جي شاعريءَ جو مطالعو ڪندو پئي ويو. وردسورٿ جي شاعريءَ جان مل جي بيزار دل تي ايترو گهرو اثر ڪيو جو هن ڪي حياتيءَ سان پيار ٿيڻ لڳو. اهڙي طرح هو خودڪشيءَ جو ارادو بدلائي گهر موٽي ويو.

سچن جذبن واري شاعري جيون جي اڙانگي سفر ۾ جاکوڙ لاءِ اتساهه ڏياري ٿي. تبسم جي شاعري به اسان جي من ڪي سونهن ۽ پيار جي وايو منڊل ڏانهن ڇڪيو وجي، جتي پهچي حياتيءَ جي اهميت جو احساس ٿئي ٿو. هن جي خيال ۾ جيون ڪيترو به ڏکيو ڇونه هجي، پر آسن اميدن جي ڏکي فهرست اڳيان بنهه مختصر آهي.

هر ڪا آس پڄي ويندي پر
ناڪافي آ ننڍڙو جيون.

تبسم جيون جو هر پل مرڪي مرڪي گهارڻ جو حامي آهي، ڇوته ڏکين گهڙين ۾ فقط ماتم ڪرڻ مسئلن جو حل ڪونهي.

کيڏو يي درد هجئي پر تون هميشہ لب تي
مون کي استاد چيو هو تہ تبسم رکجانءِ.

دونهن ـ نگر جي هُل هشام کان دور واهيري جي ويل، پرين جڏهن سمنڊ ڪناري، ٽڏڙي هير ۾ پنهنجا وار وکيري، ڪنهن ديوار تي ويهي افق ۾ ٻڏندڙ سج ڏانهن نهاريندو هوندو تہ چا ان سمي کيس ڪو ياد ايندو. اهو احساس هڪ پيار ڪندڙ آدرشي من جو:

ڪلفٽن جي پٽ تي ويهي شام جو تون
ڏنيون هونديون سج لهڻ واريون گهڙيون
تڏهن ياد توکي مان آيو تہ هوندس.

جڏهن ميلاپ جي مارگ تي پابنديون ۽ پهرا هجن، پيار جا پوپٽ وڇوڙن جي واڇوڙن ۾ وڪرجي وڃن، تڏهن محبوب سڪ ـ سڳي سان چڪجي، سپني ۾ هليو اچي ۽ يادن جا ورق وريو پون ـ يادون، جيڪي وڇوڙي ۾ ڏيڍ ڏينديون آهن.

ڪلهہ رات ڪوسپني ۾ آيو
يادن ڪو ورق اٿلايو هو.

جدائي ۽ رُسامي واريون ڪيفيتون پيار جو لازمي عنصر آهن.

(اهو سچ آهي تہ وڇوڙو عذاب ڏيندڙ آهي ۽ پيار ۾ وڇوڙي جو نہ هئڻ بہ گهائيندڙ آهي..... ”ملٽن“)

۽ تبسم بہ پيار ۾ رسڻ پرچڻ واري اها لذت ماڻڻ جو قائل آهي:

ڪو مزو ناهِ الفت ۾
رسڻ پرچڻ اگر نہ هوندو.

تبسم، اداڪاريءَ ڪان شاعريءَ تائين هڪ باصلاحيت فنڪار آهي. وٽس مبالغي جهڙي ڪابہ شيءِ ڪونهي. هُو پنهنجا ويچار نهايت عام فهم ۽ سادي ٻوليءَ ۾ بيان ڪري ٿو. ڪٿي ڪٿي سندس جذبا عاشقاڻي احساس جي بلندين تائين پهچي ٿا وڃن، جتي معنيٰ ۽ مفهوم اندلٺ روپ اختيار ڪريو ڇڏين. اهڙي حالت ۾ هرڪو پنهنجي ذهني صلاحيت ۽ پهچ موجب ان جو مفهوم ڪڍي سگهي ٿو.

منهنجي رڳ رڳ مان ٿو جرڪي جمال ۽ جلوو
منهنجي وجود ۾ داخل ٿي پيو خدا آهي.

(ڪلاڪار لاءِ اهو بنهہ ضروري ڪونهي تہ هو جيڪي ڪجھ تخليق ڪري، پڙهندڙ کي ان جو تفسير بہ ٻڌائي ۽ خواب جي ڪابہ ساڀيا ٿي سگهي ٿي.. نصير مرزا.)

تبسم مواد سان گڏوگڏ فني خوبين ڌانهن بہ ڪافي ڌيان ڏنو آهي. هن جي ڪيترن ئي سٽن ۾ لهرن واري رواني آهي.

تنهنجي آئي، ڪنڌ جهڪائي، مند بہ هاءِ ٿي شرمائي
گهور گهٽائون پي گهونگهٽ پائي، گهنڊ ورائي ٿي گذري.

هتي هم قافيہ لفظ (آئي، جهڪائي، شرمائي، پائي، ورائي) هڪ قسم جي موسيقي پيدا ڪن ٿا. آخر ۾ تبسم لاءِ فقط هڪڙي ڳالھ تہ هو جديد غزل جي گهرجن کي سمجهندي، نج سنڌي گيڙو ويس غزل جي تخليقي عمل واسطي، فارسي ترڪيبن ۽ لفظن کان پاڻ بچائڻ جي ڪوشش ڪندو ۽ مون کي پڪ آهي تہ هو ان ڏس ۾ ضرور ڪامياب ويندو.

# انفرادي اظهار جي ڳولا

دنيا جي ٻين سڌريل ٻولين جي ادب وانگر، سنڌي ادب ۾ وقت ۾ وقت تبديل ٿيندڙ حالتن، واقعن ۽ لاڙن جا اثر قبول ڪيا آهن ۽ اهڙو رنگ اسان جي ٻوليءَ جي نثر ۽ نظم جي صنفن ۾ موجود آهي. شاعريءَ ۾ تجربن جي وسعت جو فائدو وٺندي، اسان جن شاعرن، اظهار جي نون طريقن جي ڳولا پئي ڪئي آهي. هر نئين دؤر جو شاعر، يڪسانيت کي ٽوڙڻ لاءِ تجربن کي ترجيح ڏئي ٿو. هو پنهنجي تجربيگاهه ۾ نون استعارن گهڙڻ ۽ پراڻن لفظن کي نئين معنائن ڏيڻ جا تجربا ڪري ٿو. انهن تجربن ۾ ڪڏهن لفظ هن جو ساٿ نه ڏيندا آهن. ۽ اهو تجرباتي اظهار مبهم ٿي پوندو آهي.

اسانجن شاعرن، ڪن حالتن ۾، صنفن جي پيچيدگين کي فڪري راهه ۾ رڪاوٽ سمجهندي، آزاد نظم ۽ نثري نظم ۾ پنهنجن ويچارن ظاهر ڪرڻ کي اوليت ڏني آهي. ان سلسلي ۾ ڪجهه شاعرن پنهنجي لاءِ ته اظهار جي اهڙي سهوليت ورتي، پر انهن پنهنجو فڪر اهڙن ڳوڙهن لفظن، استعارن ۽ ترڪيبن ۾ ظاهر ڪيو، جنهن جي مفهوم تائين، پڙهندڙن جي رسائي نهايت ڏکي ٿي پئي، جنهن ڪري سهل پسنديءَ جو فائدو شاعر ته ورتو، پر پڙهندڙن لاءِ ساڳيون رُڪاوٽون رهيون. هونئن ته شعر ۾ بنيادي حيثيت خيال کي آهي. پر اثرائتي فڪر يا خيال کي بيان ڪرڻ واري وسيلي جو به فني لحاظ کان معياري هجڻ ضروري آهي، ته جيئن خيال (Content) ۽ هيئت (Form) ۾ هم آهنگي پيدا ٿي سگهي.

سنڌي ٻوليءَ جي نامياري شاعر محترم ملڪ نديم جو ڪتاب، ”تجريدي نظم“ نئين نالي سان، پاڻ ڏانهن ڌيان ڇڪائيندڙ ڪتاب آهي. ڪتاب جي اپياس سان خبر پوي ٿي ته هيئت جي لحاظ کان اها ڪا نئين صنف ناهي، پر ان ۾ شامل سيئي نثري نظم آهن. انهن نثري نظمن ۾ مفهوم جي لحاظ کان ڪي بنهه واضح نظم آهن. ڪن ۾ استعاراتي ته ڪن ۾ علامتي رنگ آهن. ۽ ڪي تجريدي نظم آهن. تجريدي نظمن ۾ استعمال ٿيل علامتون، مبهم ۽ اڻچٽيون آهن. جن جي مفهوم کي تخليقڪار جي تشريح کانپوءِ ئي سمجهي سگهجي ٿو. انهيءَ اعتبار کان هن ڪتاب کي سادي مفهوم وارن نظمن، علامتي، استعاراتي ۽ تجريدي نظمن جو مجموعو چئي سگهجي ٿو. جيڪي گهاڙيٽي جي حساب سان نثري نظم آهن. نامياري شاعر شيخ اياز جا، نثري نظمن جا مجموعا، ”پٽڻ ٿو پور ڪري“ ۽ ”ٽڪرا ٽٽل صليب

جا” شايع ٿي چڪا آهن. ان ڪانسواءِ پين جديد شاعرن جا به اهڙا مجموعا شايع ٿيا آهن. مختلف تشبيهن، استعارن ۽ علامتن سان سينگاريل، شيخ اياز جي اهڙن نظمن جو مفهوم واضح ۽ چٽو آهي. هن پنهنجي هڪ بلند خيال کي سادين سٽن جي هن نثري نظم ۾ ڪيئن نه سمايو آهي:

**جڏهن آسمان ۾ پکي نه هوندا**
**ڌرتيءَ تي شاعر نه رهندا!!**
**ته قيامت ٿيندي.**

ملڪ نديم جي هن ڪتاب ۾ اهڙا اڻرائتا نظم به شامل آهن، جن ۾ ٻولي سادي آهي ۽ محسوس ٿئي ٿو ته اهي نظم شاعر جي ذهن مان ڇڻ ڦُٽي نڪتا هجن ۽ شاعر شعوري طرح انهن کي ڳجهي بڻائڻ جي ڪوشش ڪانه ڪئي آهي.

تو شام، ملڻ جو واعدو ڪيو آهي
شام ٿائين ته مان پوڙهو ٿي ويندس!
پڇتاءَ جو
پرچاءَ جو
تنهنجي اک جو ڳوڙهو ٿي ويندس
رات ٿائين ته
منهنجي محبت جي رتُ سان
هر عاشق جي اڱڻ جا
رابيل رڱجي ويندا.
جوين جي جادوءَ سان
سچ کي لهڻ نه ڏي
پريت جي پيغمبريءَ سان
سانجهيءَ کي اچڻ نه ڏي
سانجهيءَ کي اچڻ نه ڏي. (نظم نمبر 31)

هن نظم ۾ پيار جي لطيف احساسن کي نهايت فنڪاراڻي انداز سان بيان ڪيو ويو آهي، جنهن ۾ هڪ سٺي نظم جون سڀئي خوبيون موجود آهن. بلاشڪ اهڙي شاعري ملڪ نديم جهڙي پلي شاعر کي سونهين ٿي.

اهڙي ئي معيار جي ٻئي نظم ۾ جذبصي جي تمام گهڻي شدت موجود آهي. ان نظم ۾ اظهار جو انداز ڪجهه تيز آهي. پر پرپور تاثر ڇڏيندڙ آهي. نظم جو عنوانُ آهي، ”سنڌي سميتا پاٽيل جي نالي“:

سميتا پاٽيل جي ياري هُئي
اندرا گانڌيءَ سان
هتان جي هر سميتا پاٽيل جي وجود تي
وڪوڙيل آهي وَل وڃُن جي،
جنهن جي رابيل جهڙي رُوح تي
وسندو آهي روزانو
پگهريل رُڪ جو مينهن
جنرل وارڊ ۾ داخل اداڪارا ڏي
هتي ڪابہ اندرا گانڌي
مزاجَ پُرسيءَ لاءِ نہ ايندي آهي.
ويتر سنڌي ٽيڻ چڻ
گار آهي جوءِ جي
ايوانن کي حويلين کي
ڪوٺن کي، محلن کي.          (نظم نمبر 55)

ظاهري طرح گُل ورهائيندڙ پر نفرتن کي ڦهلائيندڙ هڪ منافق ڪردار کي ملڪ نديم، مختصر لفظن ۾ هيئن ظاهر ڪيو آهي:

اگڻ اگڻ ۾
اگر پوکي
ڪيسي ۾ هيدا وچون سانديي
اندر ڪُتي کي Kiss ڪري

ٻاهر پاڙي ۾ گُل ورهائين ٿو.          (نظم نمبر32)

سرڪاري عنايتون ۽ رعايتون حاصل ڪندڙ اديبن ۾ مقصد خاطر تڪليف سهڻ جي ڪيتري توفيق ٿي سگهي ٿي؟

هي ٻڙ جا وڻ
يا ڪانڊيرن جا ڏڻ
فتاز ۾ گُل ڪائين ٿا.
پوءِ ڪيئن ڪائيندا
ريگستان جي واري
رُڪَ رڙڪڻ ته وڏي ڳالهه آهي.          (نظم نمبر 47)

مٿين نظمن ۾ اظهار جي وهڪري سان گڏ انهن ۾ استعمال ٿيل ترڪيبون، استعارا ۽ علامتون جيئن: "پريت جي پيغمبري". "رابيل جهڙو روح"، "وچن جي ول" ۽ "اندر جو ڪُتو" بنهه نيون آهن ۽ آخري نظم ۾ سينيئر اديبن لاءِ "ٻڙ جو وڻ" ۽ نون اديبن لاءِ "ڪانڊيرن جا ڏڻ" به نوان استعارا آهن. انهن نظمن کان سواءِ "تو چيو آ ايندس مان"، "ٽي وي اسٽيشن"، "مُنهنجي ديس جون اسپتالون" ۽ "ڪپهه جا هٿ آهن"، ملڪ نديم جا نهايت اثرائتا ۽ جذبي جي شدت سان ڀرپور نظم آهن. جن ۾ استعمال ٿيل لفظ ۽ استعارا مبهم ناهن ۽ هڪ عام پڙهندڙ انهن نظمن ۾ بيان ٿيل فڪري سطح تائين پهچي سگهي ٿو. اهي نظم جديد شاعريءَ ۾ هڪ خاص جاءِ والارين ٿا. اهڙن نظمن واري حصي ۾ چند نظم اهڙا به آهن، جن ۾ خيالن جو ڳانڍاپو (Association Of Ideas) ناهي. اتي ملڪ نديم حقيقت ۾ فينٽسيءَ کي پاڻ ۾ ملائڻ وارو اسلوب اختيار ڪيو آهي. مثال طور 25 نمبر نظم جو پهريون حصو:

منهنجو علاج نه ٿي سگهيو
ڪيسي جا سيئي پئسا کُٽي ويا
پوءِ پيار جي اينٽي بايوٽڪ سان
نفرتن جا سيئي زخم ڇٽي ويا.

اهو نهنجي جاءِ تي هڪ مڪمل نظم آهي، جنهن ۾ ٿورن لفظن ۾ هڪ اثرائتو خيال به سمايل آهي ته ”پيار جي اينٽي بايوٽڪ“ واري بنهه نئين ترڪيب به ڏنل آهي. پر انهيءَ نظم جو حصو جيڪو پنهنجي جاءِ تي ڌار معنيٰ رکي ٿو، ان نظم سان چڻ زوريءَ ڳنڍيو ويو آهي:

ڪمپيوٽر شراب پي
ان رات ڏاڍو ڪلي ٿو
جنهن رات منهنجي ڳوٺ مٿان
بم ڪري ٿو.

ملڪ نديم جي هن ڪتاب ۾، انهن نظمن کان سواءِ منجهيل يا مُبهم علامتون ۽ استعارن وارا نظم به آهن جن کي تجريدي نظم (Abstract Poem) جو نالو ڏنو ويو آهي. انهن نظمن ۾ ڏنل استعارا ۽ علامتون، شعوري طور تي گهڙيل ۽ مبهم آهن، جو انهن جو مفهوم فقط شاعر ئي ڄاڻي ٿو ۽ هڪ عام پڙهندڙ لفظن جي ظاهري جوڙجڪ تي فقط مسڪرائي سگهي ٿو. انهن لفظن جي مبهم ۽ پيچيده هئڻ جو اعتراف، شاعر پاڻ به ڪتاب جي شروعاتي صفحن ۾ هن ريت ڪري ٿو: ”مون کي عالمي ادب جي مطالعي کان بغير اهڙي قسم جي مبهم، اڻ چٽ ۽ سخت علامتي نظمن لکڻ جو ڏانءُ 1986ع کان پاڻ مرادو اچي ويو هو. جڏهن ته شروعات ۾ مان پاڻ اهڙو نظم نه سمجهي سگهندو هوس.“

جيستائين علامتي شاعريءَ جو سوال آهي ته، اسان جي ڪلاسيڪي توڙي جديد شاعرن جي شعرن ۾ اهڙو رنگ موجود آهي. شاهه لطيف جي شاعريءَ ۾ ته علامت نگاريءَ جون بي انتها رنگينيون آهن:

- **سيوا ڪر سمونڊ جي، جت جرُ وهي ٿو جال**
  **(سريراڳُ)**
- **پتنگ چائين پاڻ کي، ته اچي آڳ اجهاءِ.**
  **(يمن ڪلياڻ)**

## • بُرو هو پنيور، آرياڻيءَ اجاريو.

**(حُسيني)**

انهن مصرعن ۾ ڏنل علامتون: ”سموند“، ”پتنگ“، ”آڱ“، ”پنيور“، ”آرياڻي“، منجهيل يا پيچيده ناهن. اهڙي طرح اسان جي نمائندن جديد شاعرن شيخ اياز، تنوير، شمشير، فتاح ملڪ، امداد، استاد وغيره جي شاعريءَ ۾ ڏنل علامتون، استعارا ۽ تشبيهون وغيره وضاحت طلب ناهن ۽ پڙهندڙ انهن جي مفهوم کي بنا ڪنهن مدد جي سمجهي سگهي ٿو. شيخ اياز جو هڪڙ بيت آهي ته:

پائي مٽيا ڪانچ جا، چوري چاتيءَ تي
هيٺان هيرن کي، چاجي لاءِ لڪائين.

هن جمالياتي عڪس واري بيت ۾ هير جو استعارو ڪيترو نه واضح آهي، ملڪ نديم جا علامتي نظم سندس ئي لفظن ۾ ته اڻ چٽا ۽ مبهم آهن. فرانس ۾ علامتي تحريڪ جي علمبردار شاعره مئلارمي (Mallarme) اهڙي قسم جي شاعريءَ جي بچاءَ ۾ لکيو آهي ته:

”نظم هڪ معمي وانگر آهي
جنهن کي هر ماڻهو پاڻ حل ڪري.“

مئلارميءَ جي اها ست، چڻ ملڪ نديم جي انهن تجريدي نظمن لاءِ آهي، جن مان ڪجهه هي آهن:

ڪجيءَ جو وڻُ
ٻن ميري ڪارڪن تي
رسيل نارنگي خريدي
ڪنن ۾ مجون اٽڪائي
گولڊ ليف جو سگريٽ پيو چڪي. (نظم نمبر 8)

دل چيو هو
تنهنجي پاڇي کي پادر هڻان
اي نلڪا
اي لغڙا! (نظم نمبر 27)

شيشي جا چمون ۽ پيڙا
چانديءَ جي پليٽ ۾ ڏسي
گدڙ جي ڳگهَ وهي ٿي. (نظم نمبر 40)

تتل ڏامرَ سان ٽڙُ ڪري
ڦيرو گيٽ ڀڏائڻ هليو آ
فرج ۾ سمهيل واڱڻ کي. (نظم نمبر 44)

انهن يا اهڙن ٻين لفظن ۾ استعمال ٿيندڙ ترڪيبون ۽ استعارا واقعي ڪنهن معمي کان گهٽ ناهن. ڏينهون ڏينهن جڏهن ماڻهن جو رجحان سادگيءَ ڏانهن وڃي رهيو آهي ته اهڙي مبهم مفهوم کي سمجهڻ لاءِ مشڪل ئي ڪنهن وٽ وقت هجي. هڪ سچاڻ ۽ ترقي پسند شاعر، جڏهن اهڙي شاعري ڪندو ته لازمي آهي ته ان لاءِ ڪونه ڪو جواز يا سبب ضرور گهڙيندو، ۽ اهڙن جوازن ۾ معاشرتي روايتن جي رڪاوٽ ۽ رياستي ادارن جو دٻاءُ وغيره به ٿي سگهي ٿو. هن ڪتاب لاءِ ستين نمبر صفحي تي ڇاٽايل آهي ته اهو ڪتب مارشل لا جي گهُٽيل ماحول ۾ لکيل آهي. جڏهن ته انهن مُنجهيل تجريدي نظمن ۾ ڪوبه بغاوتي اظهار سمايل ڪونهي، جنهن سبب رياستي ادارن جي ڪاوڙجڻ جو امڪان هجي، پر ان جي ابتڙ اهڙا خيال ٻين نظمن ۾ واضح طور ڪيا ويا آهن، جيئن نظم نمبر پنجين جون ڪجهه سٽون آهن:

”مونکي ڳوٺ ۾ ڳائيندو ڏسي
ڇريو ٿي پيو آهي

اهو ريڙ جو جنرل
جنهن ان رات
منهنجي جسم جي سڄي ڪاڏي هئي.“

اهڙو پڌرو اظهار ”سنڌ جي سميتا پاٽيل جي نالي“ نظم ۾ به ٿيل آهي.

تجريدي مصوري يورپ ۾ بي معنىٰ نه ٿي سمجهي وڃي. اها مصوري، بگڙيل ۽ ٽڙيل پکڙيل شڪلين ذريعي هڪ مبهم اظهار جو نالو آهي. اهڙين شڪلين جو، جيڪو مفهوم تخليقڪار جي ذهن ۾ هوندو آهي، سو ضروري نه آهي ته ڏسندڙ جي ذهن ۾ به اهو ئي پيدا ٿئي. ائين به ٿيندو آهي ته انهن تجريدي تخليقن بابت جيڪو خيال، ڏسندڙن جي ذهن ۾ ايرندو آهي، اهو خيال تخليقڪار جي ذهن ۾ ئي نه هوندو آهي. انسائيڪلوپيڊيا آف برٽينيڪا ۾ تجريدي مصوريءَ جي سمجهاڻي طور لکيل سٽن مان ڪجهه هي آهن:

*“Deliberately avoiding the use, or conceding the identity of any recognizable from of reality, abstract art is a complete rejection of subject, a total reliance on aesthetic elements.”*

يعني ڪنهن به مجيل حقيقت جي سڃاڻپ کي پوشيده رکڻ ۽ ان جي استعمال کان ڇاڻي واڻي لنوائڻ، هن ۾ سبجيڪٽ رد ٿئي ٿو پر سڄو مدار جمالياتي عنصر تي آهي. انهيءَ تجريدي مصوريءَ مان اثر وٺندي، يورپ جي شاعرن مُبهم علامتن ۽ استعارن وارا نظم لکيا آهن. ملڪ نديم، تجريدي شاعريءَ ۾ خيالن جو اظهار ڪرڻ جي باوجود تجريدي مصور تي ڪاوڙجي ٿو ۽ چئي ٿو:

عورت جو جسم ڪُتي جو
منهن زائفاٽو ٿاهي
ماءُ کي ڏيکارڻ ڪان اڳ ۾
اي ريڙ جا آرٽسٽ
لئٽرين ۾ لنچ ڪري
تو پاڻ کي

پيشاب ۾ پُونءِ جي کوهه ۾
چونڊ دفن ڪيو. (نظم نمبر 56)

چا عورت هر حال ۾ مقدس آهي؟
چا هو انسان ۾ موجود بديءَ جي جبلتن کان خالي آهي ۽ برائيءَ جو ڪوبه تصور ان سان لاڳو نه ٿو ڪري سگهجي؟!

1885ع ۾ حقيقت نگاري (Realism) جي ضد ۾ علامت نگاريءَ (Symbolism) جي تحريڪ شروع ٿي، جنهن جا فرانسيسي شاعري بودليئر، مئلارمي ۽ برطانوي شاعر پيٽر ۽ وائلڊ وغيره اڳواڻ هئا. ان شاعريءَ جا ننڍي کنڊ جي شاعريءَ تي به اثر پيا. اردوءَ ۾ ميراجي ان تحريڪ جو باني هو. انهن سيني شاعرن علامتن جا نوان تجربا ڪيا. اسين شاعري ۾ نون تجربن جي مخالفت نه ٿا ڪريون چو ته تجربن ماسن ئي واٽون لهنديون آهن. پر ساڳئي شيءِ کي نئين نالي ڏيڻ سان اهو نئون تجربو ڪونه سڏبو. صحتمند تجربن جو پڙهندڙن کي به فائدو ملي ٿو ته اهڙن لاپائتن تجربن جي وسيلي تخليقڪارُ پنهنجي انفراديت به رکي سگهي ٿو. پر انهيءَ جي ابتڙ ڇاٽي واٽي گهڙيل ۽ مبهم لفظن ۽ علامتن واري شاعريءَ ۾ عوام جي ڪهڙي شرڪت ٿي سگهندي؟

ملڪ نديم پنهنجي سموريءَ شاعريءَ ۾ بين ادبي ڪاوشن جي حوالي سان ادبي حلقن ۾ پنهنجي هڪ ڌار حيثيت رکي ٿو. هُن جي مڪتبه فڪر ۾ مقصد کي اوليت حاصل آهي. هُن جي عام شاعريءَ ۾ هيٺين طبقي جي محرومين، اهنجن ۽ مسئلن جي اپٽار آهي. ڌرتيءَ ۽ عوام سان واڳيل اهڙو شاعر، جيڪو عوامي ٻوليءَ ۾ پڌري اظهار جو حامي هُجي، جڏهن مغربي تجريدي ذهنن جي پوئواريءَ ۾ خيالن جي عياشي ڪندو ته ان جا پڙهندڙ مايوس ضرور ٿيندا. هُن کي خبر آهي ته هُو جنهن ٻوليءَ جو شاعر آهي، ان جي عوام وٽ شاعري فقط وندر يا تفريح نه پر هڪ سگهه آهي. ان ڪري، هڪ سچاڻ شاعر جي حيثيت ۾ هن جي، پنهنجي ٻوليءَ جي موتيءَ جهڙن لفظن کي اجايو خرچ ڪرڻ نه گهرجي...

اکرن کي ائين خرچ نه ڪر
اکرن مان ڪي ستون جڙن ٿيون

سٺَ سٺَ مان ڪي گيت ٿا گونجن
گيتن ۾ ئي
دل جا سانديل، سُورَ سوين ڪي سڏڪن ٿا
جيءَ جا ڪيئي بند جهروڪا کُلي پون ٿا،
هن شاعر ڪي چئُہ!

(لڇمڻ ڪومل)

(سنڌي ادبي سنگت پاران محترم ملڪ نديم جي ڪتاب ”تجريدي نظم“ تي 11جنوري 1990ع تي ڪوٺايل ورڪشاپ ۾ پڙهيل.)

# سنڌيءَ ۾ ٻارن جون ڪهاڻيون

سنڌي ٻولي قدامت جي لحاظ کان ننڍي کنڊ جي قديم ٻولين مان هڪ آهي. هن ٻوليءَ ۾ ٻڌايل ڪهاڻيون ۽ ڳاتل گيت صدين جي سينن ۾ ڦهليل آهن، جنهنڪري اهڙا هزارين گيت ۽ قصا هوندا، جيڪي تاريخ جي صفحن ۾ محفوظ ٿيڻ بجاءِ وقت جي حالتن جي هوائن ۾ پکڙجي گم ٿي و يا هوندا. سنڌيءَ ۾ نظم جي شروعات ته 14صديءَ عيسويءَ ۾ ٿي، پر نثر ۾ ان جي ابتدا ارڙهين صديءَ جي وچ ڌاري ٿي. موجوده ادبي تاريخ موجب، سنڌيءَ ۾ ڇپيل پهرين نثري آکاڻِي، منشي اڌارام ٿانورداس جي: ”آکاڻي راءِ ڏياچ ۽ سورٺ جي“ آهي. جيڪا 1849ع ۾ شايع ٿيل، ڪئپٽن اسٽئڪ جي سنڌي گرامر ۾ ضميمي طور ڏنل آهي. اها ڪهاڻي ديوناگري لپيءَ ۾ آهي، ڇوته موجوده عربي لپيءَ جي شروعات 1863ع کان ٿي. انهيءَ ضميمي ۾ ٻيون به گمنام ليکڪن جون ڪهاڻيون هيون، جن مان هڪ ڪهاڻي: ”شهزادي املهه ماڻڪ ۽ شهزادي حسين پريءَ جي آکاڻي“ هئي، جيڪا بعد ۾ 1934ع ڌاري ديوان ڏيارام عربي ـ سنڌي لپيءَ ۾، سنڌو مخزن ۾ ڇپائي هئي. منهنجي خيال ۾ ان آکاڻيءَ ٻارن جي ادب ۾ شمار ڪري سگهجي ٿو. ان کان پوءِ غلام حسين قريشيءَ جي ”ٻنيي زميندار جي ڳالهه“ (1854ع) ۾ ميران محمد شاهه اول جي ”سڌاتوري ۽ ڪڌاتوري جي ڳالهه“ (1855ع) سنڌيءَ جون اوائلي آکاڻيون هيون. سنڌيءَ ۾ ٻارن جي ڪهاڻين جي اؤسر جي جائزي پيش ڪرڻ لاءِ مون ان کي چئن دورن ۾ ورهايو آهي.

## پهريون دؤر

هن حصي ۾ ٻارن جي اهڙين ڪهاڻين جو ذڪر ايندو، جيڪي اڻويهين صديءَ تائين شايع ٿيون. پروفيسر منگهارام ملڪاڻيءَ پنهنجي سنڌي نثر جي تاريخ ۾ ميران محمد شاهه اول جي 1861ع ۾ شايع ٿيل ڪتاب ”مفيد الصبيان“ کي سنڌيءَ ۾ ٻارن جي ڪهاڻين جو پهريون مجموعو ڄاڻايو آهي. هنديءَ تان ورتل انهيءَ ڪتاب ۾ ٻارن لاءِ نصيحت ڀريون ۽ وندرائيندڙ ڪهاڻيون ڏنل هيون.

1854ع ۾ منشي ننديرام ميراڻيءَ ايجوڪيشنل انسپيڪٽر مسٽر ايلس جي شرڪت سان مشهور ”ايسپ جون آکاڻيون“ انگريزيءَ تان ترجمو ڪيون. 1860ع ۾ منشي اڌارام سنسڪرت تان ورتل ”طوطي نامو“ جو ترجمو فارسي ٻوليءَ تان ڪيو. هن ڪتاب ۾ ”الف ليلىٰ“ وانگر نهايت دلچسپ ۽ نصيحت واريون آکاڻيون ڏنل هيون. 1864ع ڌاري ديوان ڪيولرام سلامتراءِ دلچسپيءَ ۽ دانائيءَ سان ڀريل ڪهاڻين جو ڪتاب ”سوکڙي“ نالي سان لکيو، جيڪو تعليم کاتي جي رڪاوٽن سبب، سندس ڪتاب ”گل شڪر“ وانگر ڪافي عرصي کان پوءِ 1905ع ڌاري ڇپيو. هن دؤر جي ليکڪن مان گهٽي جس لائق نالو آهي ديوان ڪوڙيمل چندن مل جو، جنهن 1891ع ۾ ٻارن لاءِ سڀ کان پهرين اصلوڪين ڪهاڻين جو مجموعو ”ٻاراڻيون آکاڻيون“ جي نالي سان شايع ڪرايو. انهيءَ دؤر ۾ ڪهاڻين جو ٻيو جهونو ڪتاب هو: ”واندڪائيءَ جي وندر“ جنهن ۾ لوڪو مل پنواڻيءَ جو ٻارن لاءِ روحاني ۽ ڪراماتي ڪهاڻيون ڏنل هيون. ان کان سواءِ 1895ع ۾ روچي رام گجو مل جون لکيل اخلاقي ڪهاڻيون ”عجيب نڪتا“ جي نالي سان شايع ٿيو. هن دؤر ۾ ٻارن لاءِ درسي ڪتابن سان گڏ ٻين موضوعن تي به ڪافي ڪتاب شايع ٿيا. عربي لپيءَ ٺهڻ کان پوءِ هن دؤر جي عالمن ۽ اديبن سنڌيءَ ٻولي جي ادب کي ترقي وٺرائڻ لاءِ بنيادي ڪم ڪيو، جنهن ڪري اڳتي هلي ادب جي مختلف شعبن جي اوسر سان گڏ ٻارن جي ادب لاءِ پڻ راهه هموار ٿي.

## ٻيو دؤر

ويهين صديءَ جي شروعات ۾ به ڪيترن عالمن ۽ اديبن ٻارن جي اهميت کي محسوس ڪندي انهن لاءِ مختلف موضوعن تي دلچسپ ۽ نصيحت ڀريا ڪتابڙا شايع ڪرايا. پرمانند ميوارام 1912ع ۾ ”دل بهار“ نالي سان وندرائيندڙ ڪهاڻين ۽ ٽوٽڪن جو ڪتاب لکيو. 1915ع ڌاري نانڪرام ڌرمداس ٻارن لاءِ اخلاقي ڪهاڻيون ”ڌرمراءِ جي وهي“ ۽ ”جيوت جو جسُ“ لکيون، جن ۾ ٻارن جي اخلاقي گڻن بيدار ڪرڻ جو احساس سمايل هو. ان سلسلي ۾ ڏيئومل محبوبراءِ پڻ 1921ع ۾ ”اخلاقي تعليم“ جي نالي سان هڪ ڪتابڙو شايع ڪرايو، جنهن ۾ نهايت آسان ٻوليءَ ۾ اخلاقي آکاڻيون ڏنل هيون. ٻارن جي ادب جي شعبي جو، اهو انهيءَ دؤر جو هڪ اهم ڪتاب هو. اها حقيقت آهي ته صرف تبليغي ۽ نصيحت واري انداز سبب

ٻار نفسياتي دٻاءُ جو شڪار ٿين ٿا. ان ڪري اهو ضروري آهي ته انهن لاءِ لکيل مواد ۾ اهڙو رنگ اختيار ڪجي، جيئن ٻارن جي ان ۾ دلچسپي پيدا ٿئي. ان سلسلي ۾ ”سندر ساهتيه منڊل“ وارن جون ڪوششيون نهايت ساراهه لائق آهن، جو انهن پنهنجي ادارا پاران ڪيترن ئي موضوعن تي ٻارن لاءِ تمام ڪارائتا ڪتاب شايع ڪيا. هن اداري ٻارن لاءِ وندرائيندڙ ڪتاب به شايع ڪيا، جن مان ويرومل جو ”موجي آکاڻيون“ (1928ع)، نانڪرام ڌرمداس جو ”کل ۽ خوشي“ (1932ع) ۽ ميلارام مگنترام جو ”چرچن جي چهر“ (1933ع) خاص ذڪر لائق ڪتاب آهن. ساڳئي موضوع تي 1922ع ۾ مرزا قليچ بيگ پڻ ٻارن لاءِ هڪ ڪتاب ”ٻارن جي وندر يا پروليون“ لکيون. ”سندر ساهتيه منڊل“ پاران ٻارن لاءِ شايع ٿيندڙ ڪتاب جي ليکڪن ۾ نمايان نالو ميلارام منگترام جو آهي، جنهن صاحب سهٽي ۽ سادي ٻوليءَ ۾ ٻارن لاءِ نهايت مفيد ڪتاب لکيا، جن کي سندر ساهتيه منڊل پاران تصويرن سان سينگاري شايع ڪيو ويو. سندسن ڪتابن مان ”انصاف جون آکاڻيون“، ”اخلاقي دنيا“، ”پارس“، ”گل گاڏي“، ”قلواڙي“، ”اڌند ڪتولي“ ۽ ”پرستان“ ٻارن لاءِ ان دور جا اهم ڪتاب هئا. ”سندر ساهتيه منڊل“ وارن جو اهو اشاعتي سلسلو 1925ع کان 1947ع تائين هلندو آيو. آخر ۾ هن اداري پاران ٻارن جي ادب جي واڌاري لاءِ ”گل ڦل“ نالي رسالو جاري ڪيو. 1946ع ۾ نارائڻ داس ڀمپاڻيءَ جو ”ٻارن لاءِ آکاڻيون“ جي نالي سان هڪ باتصوير ڪتاب شايع ٿيو، جنهن ۾ ٻارن لاءِ دلچسپ آکاڻيون ڏنل هيون. ساڳئي سال ايم - آر- مائيداساڻيءَ ”ٻچي رمضان“ جي نالي سان ٻارن لاءِ ڪهاڻين جو ڪتاب انگريزي تان ترجمو ڪري ڇپايو هو. جيتوڻيڪ اهو ڪتاب ترجمو هو پر مترجم ڪوشش ڪري ان ۾ ديسي ماحول ڏنو هو. ڀڳوان سڪراڻي جو ”لال پري“ ۽ ٻارن جي ٻين آکاڻين جو ڪتاب ”منوهر ساهتيه مندر“ ڇڊرو ڪيو هو. 1925ع کان 1940ع تائين هندوستان جي ٻولين مان ترجمي ڪرڻ جو رجحان وڌيو. ان ڏس ۾ اردو، هندي، بنگالي، گُجراتي ۽ مرهٽي وغيره مان سوين ڪهاڻيون سنڌيءَ ۾ ترجمو ٿيون، جن مانڪجهه حصو ٻارن جي ڪهاڻين جو هو. 1922ع ۾ جيٺمل پرسرام ”نئين سنڌي لائبريري ۽ سستو عمدو ساهت مالا“ شروع ڪيو، جنهن پاران 100 کان مٿي ڪتاب، شايع ٿيا. مرزا قليچ بيگ جا ترجمو ڪيل ”لبا خان درزي ۽ خليفو ڪهنگ“، ”نيلو پکي“، ”ٻه جاڙا ڀائر“، ”طلسمي گُڏي“، ”ٽي ديوَ يا راڪاس“، ”ستن شهزادن جي ڪهاڻي“، انهيءَ اداري پاران شايع ٿيا. 1944ع ۾ شيوڪ ڀوڄراج ”دادا جي ادارت ۾ ٻارن لاءِ ”گلستان“ نالي سرالو جاري ٿيو، جنهن ۾ ٻارن لاءِ دلچسپ ۽

ڪارائتيون ڪهاڻيون شايع ٿيون. مجموعي طور تي هن دؤر ۾ نہ صرف ٻارن جي نفسيات کي آڏو رکندي ڪهاڻيون لکيون ويون پر ڪتابن ۾ ڪشش پيدا ڪرڻ لاءِ انهن کي مورتن سان پڻ سينگاريو ويو ان ريت انهيءَ دؤر ۾ ٻارن لاءِ معياري ڪتابن جي اشاعت جي ابتدا ٿي.

## ٽيون دؤر

هن حصي ۾ پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ 1970ع تائين ٻارن جي ادب جي شعبي ۾ تخليق ٿيندڙ ڪهاڻين جو ذڪر ايندو.

پاڪستان کان اڳ جنهن جذبي ۽ رفتار سان ٻاراڻي ادب جي ترقيءَ لاءِ ڪوششون ورتيون ويون، اهي جيڪڏهن جاري هجن ها تہ هن وقت سنڌيءَ ۾ ٻارن جو ادب گهڻيءَ بلندي تي هجي ها. ”سندر ساهتيہ منڊل“ يا اهڙن ٻين ادبي ۽ اشاعتي ادارن ٻارن جي ادب کي زور وٺرائڻ لاءِ جنهن رفتار سان ڪم جي شروعات ڪئي، اهو عمل پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ پوئتي پئجي ويو. ڇوتہ نہ صرف اهي اشاعتي ادارا بند ٿي ويو پر ٻارن لاءِ لکندڙ ناميارا ليکڪ پڻ لڏي ويا، جنهن ڪري شروعاتي دؤر ۾ ٻارن جي ادب سميت، مجموعي سنڌي ادب جي اؤسر ڪانہ ٿي سگهي. بعد ۾ اسان جي عالمن ۾ ادبين فرض ۽ جوابداريون نباهيندي، ذات ۽ ذاهپ مان پنهنجي ٻوليءَ جي ڦٽل ڦلواڙيءَ ۾ نئين سر سُرهاڻ ڦهلائڻ جا جتن ڪيا. فلشن ادب ٽنڊو محمد خان، اداره گلستان حيدرآباد، ٻارن جي ٻاري ٻدين، ٻارن جي ادب جي اشاعت جي سلسلي ۾ نمايان ڪم ڪيو. انهن ادارن کان علاوہ آر ايڇ احمد اينڊ برادرس حيدرآباد، امين ڪتاب گهر حيدرآباد ۽ آر ايم فتح اينڊ برادرس حيدرآباد واري بہ ٻارن لاءِ ڪهاڻين جا ڪجهہ ڪتاب شايع ڪرايا. هن عرصي ۾ ٻارن لاءِ ديومالائي ۽ طلسماتي ڪهاڻين جو تعدا وڌيڪ رهيو ۽ نفسياتي طور تي ٻارن جي توجهہ بہ اهڙين ڪهاڻين ڏانهن وڌيڪ رهي ٿي. انهيءَ موضوع تي حاجي حقير ابن مگڻ جا ”جادوءَ جي گڏي“ ۽ ”جادوءَ جي منڊي“، شوق سنڌيءَ جو ”ڪرامتي تخت“ بلاول پرديسيءَ جو ”جادوءَ جو گلاب“ حسام سومري جو ”جادوءَ جي پينگهہ“ فدا سرهيو جو ”غيبي خزانو“ قاضي صابر مصطفیٰ جو ”گل گلاب پري“ گُل محمد آزاد صوفيءَ جو ”الله ڏين ۽ ان جو ڪرامتي ڏيئو“ محمد بخش جوهر جو ”جادوءَ جو پنکو“ نذير حسين پتيءَ جا ”جادوءَ جو صوف“ ۽ ”خوفناڪ جزيرو“ ذڪر لائق ڪتابڙا آهن.

طلسماتي ڪهاڻين جي ڪتابن کان سواءِ کل يوڳ ۽ عام دلچسپيءَ وارين ڪهاڻين جا ڪافي ڪتاب شايع ٿيا، جن مان بهاري ايچ چاچڙيا جو ”سرلا ۽ ست ڇامڙا“ پير محمد عالم صديقيءَ جو ”ٽڳن جو استاد“ حاجي حقير ابن مڱڻ جو ”پولڙي راڻي“، محمد الياس همغم جوکيو جو ”قلوءَ جي شادي“، محمد بخش جوهر جو ”بيوقوفن جو بادشاهه“ نمايان ڪتاب آهن.

ٻارن کي سائنسي ڄاڻ ڏيڻ لاءِ نذير حسين پٺيءَ ٻارن لاءِ سائنسي ڪهاڻين جا ڪتابڙا به لکيا، جن ۾ ”چنڊ ۽ راڪيٽ“، ”خطرناڪ بم“ ۽ ”دنيا جو پهريون راڪيٽ“ شامل آهن. ٻارن کي ڪهاڻيءَ جي روپ ۾ تاريخي معلومات ڏيڻ لاءِ غازي ابن اڳڻ ٻارن لاءِ ”دودو چنيسر“ جي نالي سان ڪتابڙو لکيو. ان کان سواءِ احسان احمد بدويءَ جو ڪتاب ”وڻندڙ آڪاڻيون“، محمد سومار شيخ جا ”ڪپرو چور“ ۽ ”ماءُ جي قرباني“ ۽ اياز پاٽوليءَ جا ڪتاب ”اميد جا ڪرڻا“، ”بخت سان ڪنهن جي ريس“، ”ڇتيهه لکٽو“، ”رات جي راڻي“ ٻارن جي ڪهاڻين جا چڱا ڪتاب آهن. هن عرصي ۾ مقبول پٺيءَ جو نالو به ذڪر لائق آهي، جنهن ٻارن لاءِ ڪهاڻين جا چڱا ڪتاب ڇپرايا. سلسليوار ڪهاڻي ”حليم حرڪتي“ لکي جيڪا ٻارن ۾ ڪافي مقبول ٿي. ڪهاڻي پبليڪيشن حيدرآباد پاران شمس الدين سومري، بشير پٺيءَ، صبغت الله ميمڻ ۽ نظير پٺيءَ جا ٻارن جي آکاڻين جا 16 ڪتاب مورتن سان گڏ سينگارجي شايع ٿيا. بخاري پبليڪيشن ڪاهي ۽ گلزار سيريز حيدرآباد وارن به وس آهر ٻارن جي ڪهاڻين جا چڱا ڪتاب شايع ڪرايا. پرواني سيوهاڻيءَ نه صرف ٻارن لاءِ ڪهاڻيون ۽ ڊراما لکيا پر عملي طور ڪوششون ونيءِ ٻارن جي ادب جي اشاعت ۾ پهريون ڀيرو صلاحيتون استعمال ڪيون آهن. هن جي ڪهاڻين جي ڪتابن مان ”انڌي فقيرياڻي“، ”سهڻي صلاح“ ۽ ”تماشو“ ذڪر لائق آهن. آگم پبليڪيشن ايجنسي حيدرآباد، ٻارن جي ادب جي ترقي لاءِ ”ٻالڪ ڪتاب لڙي“ جي نالي سان هڪ سلسلو جاري ڪيو. هن اداري نظم ۽ نثر ۾ ٻارن لاءِ سستا ۽ سٺا ڪتاب ڇپرايا. ڪهاڻيءَ جي ڪتابن ۾ اڪبر جسڪاڻيءَ جا ”رمون پيٽي“ ۽ ”ٻتين واري ناني“، ادل سومري جو ”جيتن جي ڪانفرنس“، رضيه صديقيءَ جو ”پديءَ جو پڪر“، شمس الدين سومري جو ”ماسي ڪتو“، الاهي بخش ٻانيڻ جو ”ڪانون جي ڪاهه“ ۽ ج.ع. منگهاڻي جو ”پتنگ پويان ڊوڙ“ هن اداري جا يادگار ڪتاب آهن.

تصويري ڪهاڻين جي سلسلي ۾ قربان جعفري جو ڪتاب ”ٽي سپاهي“ ٻارن کي موهيندڙ ڪتاب آهي. ان کان سواءِ ”نيشنل فائونڊيشن“ وارن به ”چٽڳون“ ۽ ڪجهه ٻيا ڪتاب ان سلسلي ۾ تصويرن سان سينگاري شايع ڪيا. سنڌالاجيءَ ٻاران شايع ٿيل ”پرڏيهي ڪهاڻيون“ ۽ سنڌي ادبي بورڊ طرفان ڇپيل گوهر ممتاز قاضي جو ڪتاب ”پولڙي جي پُل“ ۽ ٻيون ڪهاڻيون ٻارن جي ادب جا معياري ڪتاب آهن. علي مرتضىٰ ڏاريجي ٻارن کي سائنسي ڄاڻ ڏيڻ لاءِ ”سيل جي آتم ڪهاڻي“، ”مغز جي آتم ڪهاڻي“ ۽ ”هڏ جي آتم ڪهاڻي“ تحرير ڪئي آهي. اعجاز عرسائيءَ ماهوار گل ڦل ۾ قسطوار ”گڏهه جي آتم ڪهاڻي“ لکي. ان کان سواءِ جن نون ليکڪن جا ٻارن جي ڪهاڻين جا ڪتاب شايع ٿا تن ۾ نظير شوري جو ”پاڇي پٺيان ڊوڙ“، منظور بيدار جو ”بڪ ٻجڙو ٽول“ عبدالرحمان جتوئيءَ جا ”عقلمند صوبيدار“ ۽ ”سياڻو ڪانءُ“ ۽ اشرف زمان جو ”پکين جي دنيا ۾ انقلاب“ ذڪر لائق ڪتاب آهن.

جن نوجوان ليکڪن ٻارن لاءِ پرڏيهي ڪهاڻيون ترجمو ڪري ڇپرايون تن ۾ غلام محمد لاکي، محمود مغل ۽ سليم سهتي جا نالا نمايان آهن. اهڙا ليکڪ جن جا هن عرصي ۾ ٻارن لاءِ ڪهاڻين جا مجموعا ته شايع نه ٿيا پر انهن ٻارن لاءِ تمام گهڻيون ڪهاڻيون تحرير ڪيون آهن، تن ۾ نثار بزمي، فيروزه سما، امام راشدي، زاهده گوپانگ، ثريا سوز ڏيپلائي، ابن لائق سومرو، مقصود گل شامل آهن. سنڌي ادبي بورڊ ٻارن لاءِ لوڪ ڪهاڻين جو جلد پنجون، مراد علي مرزا جو ترجمو ڪيل ڪتاب ”ٻارن جون آکاڻيون“ شايع ڪرائڻ سان گڏ مرزا قليچ بيگ جا ترجمو ڪيل 12 ڪن ٻارن لاءِ ڪهاڻين جا ڪتابڙا ٻيهر شايع ڪرايا. اداري ٻاران جاري ٿيندڙ ٻارن جي رسالي ”گُل ڦُل“ ۾ ڪجهه ليکڪن جون ٻارن لاءِ اصلوڪيون ڪهاڻيون ۽ ترجما شايع ٿا. انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي ان عرصي ۾ ٻارن لاءِ ڪهاڻين جو ڪوبه ڪتاب شايع نه ڪرايو.

## چوٿون دؤر

1970ع کان پوءِ سنڌي ادب جي مجموعي صورتحال ۾ ڪافي تبديليون آيون. ادب ۾ نئين سوچ ۽ جاڳرتا جي لهر ايري. ڪافي ڪتابي سلسلا ۽ رسالا جاري ٿيا، جن جي معرفت نثر ۽ نظم جي شعبن ۾ ڪيترائي نوان نالا ظاهر ٿا. ٻارن جي ادب

۾ شاعريءَ واري پاڳي ۾ وڌن ليکڪن کجھ نہ کجھ ڏنو، پر نثر ۾ کنھن بہ ناميارې ليکڪ ٻارن لاءِ نہ لکيو. ان سلسلي ۾ وري بہ نوجوان ليکڪن پاڻ ملھايو، جن نثر توڙي نظم ۾ ٻارن لاءِ ساراھہ لائق ڪم ڪيو. سينيئر ليکڪن مان دادا سنڌيءَ ٻارن لاءِ ”سنڌ جون تاريخي ڪھاڻيون“ جي نالي ڪتاب لکيو. مراد علي مرزا ٻارن لاءِ پرڏيھي ڪھاڻيون ترجمو ڪيون، الطاف شيخ جو ”ڏاھي جھرڪي ۽ ٻيون ڪھاڻيون“ جي نالي سان ٻارن لاءِ ترجمو ٿيل ڪھاڻين جو ڪتاب شايع ٿيو پر ھن صاحب ٻارن جي ادب ۾ دلچسپي وٺندي ٻارن لاءِ ٻين تفريحي ۽ اصلاحي ڪھاڻين سان گڏ سائنسي ڪھاڻيون، جھرڪ ”چنڊ تي جاسوسي“ ۽ ”بھادر احسان“ وغيره بہ تحرير ڪيون، جيڪي ٻارن جي ماھوار رسالي گُل ڦُل ۾ شايع ٿيون. ڊاڪٽر دُرمحمد پٺاڻ ”چيلڙي وارو شھزادو“ ۽ ٻارن لاءِ ٻيون ڪھاڻيون تحرير ڪيون. وري بہ انھن ليکڪن کي جَسُ ھجي جو انھن ٻارن لاءِ اصلوڪيون ڪھاڻيون يا پرڏيھي چونڊ ڪھاڻين جو ترجمو ڪري ٻارن جي ادب ۾ کجھ نہ کجھ واڌارو آندو. اسان جا سينيئر ليکڪ جيڪڏھن اھا جوابداري محسوس ڪندي کجھ وقت ٻارن لاءِ وقف ڪن تہ ھوند اسان جي ٻارن جو ادب وڌيڪ ترقي ڪري سگھي.

نوجوان ليکڪن مان اڪبر جسڪاڻيءَ جو نالو اھم آھي. جنھن ٻارن لاءِ نھايت وڻندڙ ۽ اثرائتيون ڪھاڻيون لکيون آھن. ”رمون پيٽي“ ۽ ”ٻتين واري ناني“ ھن جا ٻارن لاءِ بھترين ڪتاب آھن. انڪانسواءِ ھن ماھوار گُل ڦُل معرفت ٻارن جي مجموعي ادب کي گھڻو زور وٺرايو آھي. ظفرعباسيءَ ٻارن لاءِ ڪھاڻين جي ڪتاب ”تارا تارن ھيٺ“ لکڻ کان سواءِ ٻين ڪھاڻين سان گڏ طنزيہ ۽ اصلاحي ڪھاڻيون لکيون آھن. ممتاز عباسيءَ، دريا خان دلگير، آصف منياڻوي، ناز سنائي، حفيظ ڪنير، عابد مظھر، قاضي آصف، اڪرام ساگر، نور گھلو، رخسانہ ناز سومرو، شمس النساءِ عباسي، محمد امين بلوچ، پريل دايو ۽ الطاف سومري جا نالا ذڪر لائق آھن.

سنڌيءَ ۾ ٻارن جي ڪھاڻين جي انھيءَ جائزي مان اھو واضح ٿئي ٿو، تہ ٻارن لاءِ طلسماتي ۽ جادوئي ڪھاڻين جو ڳاڻيٽو سائنسي ۽ ٻين سماجي موضوعن جي ڀيٽ ۾ گھڻ آھي. ان کان سواءِ پاڪستان کان اڳ جيڪو ٻارن جي ادب لاءِ ڪم ٿيو ھو، اھو وچ واري عرصي ۾ جڻ ڍرو پئجي ويو، پر 1970ع کان پوءِ ان ڏس ۾ چڱي ترقي ٿي آھي. انھيءَ ترقيءَ ۾ انھن خانگي ۽ انفرادي ادارن ۽ پبليڪيشن جو ھٿ آھي، جيڪي کجھ ڪتاب شايع ڪري، مالي وسيلن جي کوٽ سبب بند ٿي

ويون. جڏهن ته اسان جن سرڪاري ۽ نيم سرڪاري ادبي ادارن سنڌي ادبي بورڊ ۽ انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي وغيره ان سلسلي ۾ ڪو ذڪر لائق ڪم نه ڪيو آهي. جيڪڏهن اسان جا ناميارا ليکڪ، ٻارن جي ادب کي اهميت ڏينديءَ ان جي تخليق ۾ ڀاڱي ڀائيوار ٿيندا ۽ ڪجهه مستحڪم اشاعتي ادارا اڳتي ايندا ته پوءِ اسين بجا طور پنهنجي ٻارن جي ادب تي فخر محسوس ڪنداسين...

# سنڌي ادبي سنگت

## مختصر تعارف

جهڙي ريت سماجي سرشتي ۾ تنظيم جي اهميت ۽ افاديت آهي، تيئن ادب جي اوسر ۽ ڦهلاءَ ۾ به تنظيم اهم ڪردار ادا ڪري ٿي. ”سنڌي ادبي سنگت“، سنڌي ادبين جي اها اڪيلي اثرائتي تنظيم آهي، جنهن نه صرف سنڌي ٻوليءَ ۽ ادب جي ترقيءَ ۾ حصو ورتو آهي پر سنڌي ٻوليءَ ۽ ثقافت جي بچاءَ لاءِ عملي جدوجهد پڻ ڪئي آهي. هونئن ته جميعت شعراءِ سنڌ، بزم طالب المولى، پاڪستان رائٽرس گلڊ، سنڌي ادبي انجمن ۽ ٻين ڪيترن ئي بزمن جي پليٽ فارم تان سنڌي ليکڪن پنهنجي جذبن ۽ احساسن جو اظهار پئي ڪيو آهي، پر ترقي پسند ۽ روشن خياليءَ جي لحاظ کان ڪابه تنظيم ”سنڌي ادبي سنگت“ سان برابري ڪري نه سگهي آهي. اهو ئي سبب آهي جو ”سنڌي ادبي سنگت“ جو مقام سندس ڪارڪردگيءَ جي لحاظ کان ڏينهون ڏينهن بلند ٿي رهيو آهي.

”سنڌي ادبي سنگت“ جي پهري شاخ جو بنياد پاڪستان ٺهڻ کان ڪجهه مهينا اڳ (يعني 1947ع جي وچ ڌاري) ڪراچيءَ ۾ پيو. جنهن جا بنيادي ڪارڪن هئا: گوبند مالهي، ڪيرت ٻاٻاڻي، شيخ حفيظ، جمال ابڙو، شيخ اياز، نورالدين سرڪي، شيخ راز ۽ احسان بدوي. گوبند مالهيءَ کي سنگت جو سيڪريٽري مقرر ڪيو ويو. سنگت جي انهيءَ شاخ قائم ڪرڻ کان اڳ، 1946ع ۾ پروفيسر گربخشاڻي جي سربراهيءَ ۾ ڊي جي سنڌ ڪاليج ۾ ”سنڌي ادبي سرڪل“ قائم ٿي هئي. جنهن ۾ انهن اديبن کان علاوه نارائڻ شيام، ارجن شاد، سندري اتم چنداڻي ۽ روشن مغل حصو وٺندا هئا. ورهاڱي کان پوءِ ٽينڊڙ لڏپلاڻ ۽ فسادن جي ڪري ادبي سرگرميون متاثر ٿيون.

هندوستان ۾ ”انجمن ترقي پسند مصنفين“ تنظيم کان متاثر ٿي سنڌي ليکڪن سنڌ ۾ انهيءَ نالي سان سنڌي اديبن ۽ شاعرن جي جماعت قائم ڪئي، جنهن ۾ ”سنڌي ادبي سرڪل“ جي ساٿين کان سواءِ اتم، محمد ابراهيم جويو ۽ سوڀو گيانچنداڻي جن شامل ٿيا. 1954ع ۾ پاڪستان سرڪار پاران ڪميونسٽ

پارٽيءَ تي بندش هڻڻ کان پوءِ ”انجمن ترقي پسند مصنفين“جي سرگرمين کي پڻ روڪيو ويو. انهيءَ صورتحال ۾ سنڌي ليکڪن ”سنگت“ جون نئين سر گڏجاڻيون شروع ڪري ڏنيون. اهڙي قسم جا ميڙ احسان بدوي ۽ نورالدين سرڪيءَ جي هاسٽلن وارن ڪمرن، واقع جناح ڪورٽس ۽ ميتارام هاسٽل کانسواءِ اياز قادريءَ جي جاءِ تي ٿيڻ لڳا. اهڙي ريت ورهاڱي کان پوءِ سنگت جي پهرين شاخ سکر ۾ ساڳئي سال يعني 1954ع ۾ رشيد ڀٽيءَ قائم ڪئي ۽ هُو ئي ان جو پهريون سيڪريٽري ٿيو. سنگت جي شروعاتي ميڙ ۾ مولائي شيدائي، شيخ اياز، رشيد ڀٽي، قادربخش ميمڻ، ولي دائودپوٽو، جامي معصومي ۽ ٻيا شريڪ ٿيا. حيدرآباد ۾ جميعت الشعراءِ سنڌ کان ڌار ٿيل شاعرن ۽ اديبن جي هڪ تنظيم ”سنڌي ادبي انجمن“ جي نالي سان هئي، جنهن ۾ مولانا غلام محمد گرامي، محمد عثمان ڏيپلائي، تنوير عباسي، شمشيرالحيدري، ابن حيات پنهور، ع.ق شيخ، مصطفىٰ قريشي، بيگم زينت چنا، مقبول ڀٽي، مراد علي مرزا ۽ ٻيا شامل هئا. 1954ع جي آخر ڌاري رشيد ڀٽيءَ جي ذاتي ڪوشش سان انهن دوستن ”سنڌي ادبي انجمن“ ختم ڪري ان جي جاءِ تي ”سنڌي ادبي سنگت“ قائم ڪئي، جنهن جو سيڪريٽري مقبول ڀٽي ٿيو. انهن ٽن شاخن، ڪراچي، سکر ۽ حيدرآباد جي قائم ٿيڻ کان پوءِ سنگت جي مقبوليت وڌندي ويئي ۽ 1956ع تائين، جيڪب آباد، نوابشاهه، خيرپور، شڪارپور، لاڙڪاڻي، ٽنڊي محمد خان، جهمپير ۽ مير پور بٺوري ۾ سنگت جون شاخون ڪم ڪرڻ لڳيون.

سنگت جي مقبوليت کي ڏسندي، جميعت الشعراءِ سنڌ وارن، اپريل 1956ع ۾ ٿيندڙ پنهنجي 18 ”سنڌي ادبي ڪانفرنس“ ۾ ترقي پسند ليکڪن کي انفرادي ڪوٺ ڏيڻ سان گڏ سنگت کي جماعت جي حيثيت سان ميڙ ۾ شرڪت جي دعوت ڏني. انهيءَ موقعي تي گڏ ٿيل سنگت جي سڄاڻ ساٿين، سنگت جي مرڪزي تنظيم واسطي هڪ ڪميٽي قائم ڪئي، جنهن جو ميڙ 5 جولاءِ 1956ع تي حيدرآباد ۾ ٿيو. انهيءَ ميڙ ۾ 7 آڪٽوبر 1956ع تي ”آل سنڌ سنگت ڪنوينشن“ ڪراچيءَ ۾ منعقد ڪرڻ جو فيصلو ٿيو. اهو سنگت جي تاريخ جو نهايت يادگار ڏينهن هو، جو انهيءَ ڪنوينشن جي پهرين اجلاس ۾ (جنهن جي صدار ع.ق - شيخ ڪئي) جوڙجڪ منظور ڪرڻ کان پوءِ، مرڪزي سنگت جون چونڊون ٿيون ۽ اياز قادري ذاتي مصروفيتن سبب استعيفا ڏئي ويو، جنهنڪري جوائنٽ سيڪريٽري شمشيرالحيدري اهو عهدو سنڀاليو. شمشيرالحيدريءَ کان پوءِ اياز قادري ذاتي مصروفيتن سبب استعيفا ڏئي ويو، جنهنڪري جوائنٽ سيڪريٽري شمشيرالحيدري

اهو عهدو سنڀاليو. شمشيرالحيدريءَ کان پوءِ ترتيب وار تنوير عباسي، رشيد ڀٽي، تاج بلوچ، تاج جويو ۽ غلام حسين رنگريز سنگت جا مرڪزي سيڪريٽري جنرل رهيا. تازو 1990ع وارين چونڊن ۾ تاج جويو ٻيهر سنگت جو سيڪريٽري جنرل چونڊجي آيو آهي.

سنگت جي رجسٽريشن 1965ع ۾ ڪرائي وئي ۽ 24جنوري 1990ع تي سکر ۾ شيخ اياز جي صدارت هيٺ ٿيل سنگت جي ڪنوينشن ۾ دستور جي ترميم پيٽي قاعدن ۽ پڌرنامي سان گڏ، سنگت لاءِ موجوده موني گرام جي منظوري ڏني وئي. سنگت، پنهنجي قيام کان وٺي سنڌي ٻوليءَ ۽ ادب جي اوسر ۾ جيڪو ڪردار ادا ڪيو آهي، سو ادب جي تاريخ ۾ سدائين يادگار رهندو. هن وقت افساني، شاعريءَ، تحقيق وغيره جي حوالي سان جيڪي اهم ۽ مشهور نالا آهن، انهن مان گهڻن جي تربيت سنگت جي پليٽ فارم تان ئي ٿي آهي. سنگت نہ صرف ادب جي آبياري ڪئي آهي، پر سنڌ جي سياسي، ثقافتي ۽ سماجي مامرن ۾ بہ وقت بہ وقت حق جو آواز بلند ڪيو آهي. 1954ع ۾ جڏهن ڪراچي يونيورسٽيءَ جي سنڊيڪيٽ فيصلو ڪيو تہ ٽن سالن کان پوءِ ڪراچي يونيورسٽِيءَ ۾ سنڌي ميڊيم آف انسٽرڪشن (Sindhi Medium Of Instruction) ۽ سنڌي ميڊيم آف ائنسرنگ پيپر (Sindhi Medium Of Answering Paper) جي حيثيت ختم ڪئي ويندي ۽ صرف سنڌي شاگردن لاءِ مادري زبان جي مضمون طور پاڙهي ويندي. انهيءَ سوال تي پهريون احتجاجي بيان ۽ ٺهراءُ سنڌي ادبي سنگت ڪراچيءَ جاري ڪيو هو. سنڌي ٻوليءَ کي آئين ۾ سرڪاري ٻولي مڃائڻ واسطي، 1975ع ۾ سنگت حيدرآباد پاران دستخطي مهم شروع ڪئي وئي. سڄيءَ سنڌ ۾ انهيءَ هلچل سبب سجاڳي پيدا ٿي. سنڌي اخبارن انهيءَ تحريڪ جو پرچار ڪيو. سڄي پاڪستان مان دانشورن اديبن، استادن، تعليمدانن، سماجي ڪارڪنن وغيره کان اٽڪل 50هزار صحيون، سنگت جي ڇاپيل فارمن تي ورتيون ويون. انهيءَ قسم جو رڪارڊ هن وقت سنڌالاجي ۾ محفوظ آهي.

1968ع جي پڇاڙيءَ ۾ جنوري 1969ع ۾، جي ايم سيد، شيخ اياز، حيدربخش جتوئي، رسول بخش پليجي ۽ غلام محمد لغاري وغيره جي گرفتاريءَ ۽ سنڌي ڪتابن تي بندش خلاف، سنگت حيدرآباد جي اديبن جي 144 قلم جي ڀڃڪڙي

ڪندي احتجاجي جلوس ڪڍيو، جنهن جي اڳواڻي بيگم زينت چنا، زرينہ بلوچ ۽ ڊاڪٽر قمر تنوير عباسيءَ ڪئي. اهڙو ئي هڪ احتجاجي جلوس سکر ۾ رشيد ڀٽيءَ جي آفيس وٽان، مولائي شيدائي ۽ عبدالڪريم گدائيءَ جي اڳواڻيءَ ۾ نڪتو. ان ڪان سواءِ سنگت جي پليٽ فارم تان سنڌي شامون ۽ لطيف ۽ سچل جا ڏينهن ملهائي سنڌي ماڻهن ۾ ڌرتيءَ ۽ ٻوليءَ سان محبت وارن جذبن ۽ قومي شعور کي بيدار ڪيو ويو. "سنڌي ادبي سنگت" هڪ خالص ادبي جماعت آهي، جنهن جا مُتا ۽ مقصد هي آهن:

1. سنڌي ٻوليءَ، ادب ۽ ثقافت جي بقا ۽ بهبوديءَ لاءِ هر ڪا ڪوشش وٺڻ.

2. سنڌي اديبن، شاعرن ۽ سنڌي ٻوليءَ سان قرب رکندڙن کي وقت بہ وقت گڏ ڪرڻ.

3. پراڻي سنڌي ادب کي ڇپائي پڌرو ڪرڻ.

4. سنڌ، پاڪستان ۽ دنيا جي ٻين ادبي جماعتن سان ناتا قائم ڪرڻ.

5. سنڌ جي بزرگ هستين، شاعرن ۽ اديبن جون ورسيون ملهائڻ.

6. سنڌ جي جدا جدا شهرن ۽ ڳوٺن ۾ سنڌي لائبريريون قائم ڪرڻ.

7. سنڌ جي جدا جدا شهرن، ڳوٺن ۽ بستين ۾ سنڌي ادبي سنگت جي شاخن قائم ڪرڻ لاءِ ڪوشش ڪرڻ.

سنڌي ادبي سنگت جي قائم ٿيڻ ڪان وٺي هيل تائين جي سفر ۾ اسان جي بزرگ اديبن توڙي نوجوان ليکڪن جون محنتون ۽ محبتون شامل آهن. 1947ع ۾ لڳايل اهو ٻوٽو، اڄ هڪ سگهاري گهاٽي وڻ جي صورت ۾ موجود آهي. جيئن اسان جن بزرگن مختلف دؤرن ۽ حالتن ۾ ان جي آبياري پئي ڪئي آهي، تيئن اسان سڀني جو بہ فرض آهي تہ اسين ان جي بچاءُ ۽ ڦهلاءُ لاءِ متحد ٿي ڪم ڪريون. ذاتي رنجش ۽ سياسي وابستگين کي پاسيرو رکي، سنڌي ٻولي ۽ ادب جي ترقيءَ لاءِ گڏجي ڪوشش ڪريون، ڇوتہ سنگت اسان اديبن ۽ ادب دوستن جو اجتماعي محاذ آهي.

انفرادي طرح اسين ڪجھ بہ نہ آهيون. سنگت اسان جي سڃاڻپ آهي ۽ انهيءَ گهاٽي وڻ جي ڇانوَ هيٺيان اسان سڀ هڪجهڙا آهيون.

## مددي ڪتاب

- تاج جويو ـ سنڌي ادبي سنگت مقالو. ماهوار نئين زندگي آڪٽوبر 1968ع.
- رشيد ڀٽي ـ سنڌي ادبي سنگت جا 22سال. مقالو (1947ع کان 1970ع تائين). سنڌ سنگت ـ ڪتاب 27ع ڊسمبر 1985ع.
- رشيد ڀٽي ـ (خط، انٽرويو، تقريرون ـ ليکڪ شيخ اياز) مُهاڳ. نيوفيلڊس پبليڪيشن جولاءِ 1987ع.

# سنڌي شاعريءَ ۾ عورتن جو حصو

(مختصر جائزو)

سنڌي سماج ۾ عورت گھڻو وقت ذهني غلاميءَ جو شڪار رهي اهي ۽ هيل تائين رهندي پئي اچي. خاص طور تي جتي تعليم جي روشني نہ پهتي آهي يا ان کي ڦهلڻ نہ ڏنو ويو آهي، انهن هنڌن تي مرد پنهنجي شخصيت کي مهان ثابت ڪندي، عورت کي هڪ وکر جي حيثيت ڏني آهي، جتي آخري فيصلو فقط مرد جي وَس ۾ هوندو آهي. اهڙين حالتن ۾ عورت جي سماجي شعور جي وهڪري آڏو جڻ پابندين جا بند ٻڌجي ويا. تعليم ۽ فڪر جي راهہ ۾ ايترين رڪاوٽن جي باوجود بہ اسان جي سماج جي عورت، مايوس ۽ بي همت ٿي ويهي ڪانہ رهي ، پر هوءَ انهن غلط روايتن کي ٽوڙڻ واري عمل ۾ هميشہ اڳيري رهي آهي.

سماجي شعور ۽ سجاڳي پيدا ڪرڻ ۾ ادب اهم ڪردار ادا ڪري ٿو. ادب جا سرجڻهار، معاشري جا اهي حساس فرد هوندا آهن، جن جو ذهني پورهيو عوام کي سچ جي سڃاڻ ڏيڻ سان گڏ، انهن ۾ حياتيءَ سان پيار ڪرڻ ۽ مسئلن سان منهن ڏيڻ جي سگهہ پيدا ڪري ٿو. سنڌي ادب جي تقريباً سيني شاخن جي اوسر ۾ عورتن ڀرپور حصو ورتو آهي. سومرن جي دؤر جي شاعره مرڪان شيخڻ، جنهن جي ڪلام جو مجموعو مرحوم محمد سومار شيخ جو ترتيب ڏنل آهي، سنڌي زبان جي پهرين شاعره هئي. هن جو ڪلام جو نمونو ڳنان جهڙو آهي، جنهن ۾ ڏڻي تعاليٰ جي وڏائي ۽ واکاڻ بيان ٿيل آهي.

جديد سنڌي ادب ۾ عورت ليکڪائن کي اڀارڻ ۽ متعارف ڪرائڻ ۾ محترمہ بيگم زينت عبدالله چنا جي 1957ع ۾ جاري ڪيل ”مارئي“ رسالي ۽ محترمہ خديجہ خانم دائود پوٽو جي ماهنامي ”اديون“ 1940ع کان اهم ڪردار ادا ڪيو. 1970ع کان ماهوار سوجهرو بہ انهيءَ ڏس ۾ نمايان خدمتون سرانجام ڏنيون. انهيءَ دؤر ۾ جيتوڻيڪ ڪيترين عورتن جي شاعري شايع ٿي، پر انهن جو ان صنف سان گھڻو نباهُ ٿي نہ سگهيو، جنهنڪري اهڙا نالا اهستي آهستي پڙهندڙن کان وسرندا ويا. 1965ع

ڪان 1970ع واري دؤر ۾ شاعريءَ جي شعبي ۾، نور شاهين، سحر امداد ۽ ثريا سوز ڏيپلائيءَ جا نالا نمايان طور ايري آيا ۽ بعد ۾ انهيءَ سٽ ۾ اضافو ٿيندو ويو.

نور شاهين، پنهنجي شاعريءَ جي مجموعي ”رُس مَ رُسڻ گهوريو“ وسيلي پنهنجن احساسن کي پڙهندڙن تائين پهچايو. سندس غزل ۾ روايتي رومانوي خيال ڏنل آهن. موجوده دؤر ۾ سندس ڪلام ادبي رسالن ۾ گهٽ شايع ٿئي ٿو:

آس وئي هر ڪا ڪچي
ٿي نہ مگر ڪا بہ سچي
ختم ٿي ”شاهين“ چُڙي.

ثريا سوز ڏيپلائي ڪهاڻين لکڻ سان گڏ شاعري بہ ڪري ٿي. هن شاعريءَ ۾ تجربن ڪرڻ بجاءِ روايتي رستو اختيار ڪيو آهي، پر پوءِ بہ سندس شاعري وقت ۽ حالتن مطابق ٺهڪندڙ آهي:

جي راهن ۾ آهي انڌيرو تہ ڇا ٿيو
اسين داغ دل جا جلائي ڏسون.

سحر امداد جديد سنڌي شاعريءَ جي سرواڻ آهي. هن جي شاعريءَ جو هڪ منفرد انداز آهي. فن يا اسلوب جي لحاظ کان هُن اڳ ۾ مروج روايتن کي ٽوڙي سنڌي شاعريءَ کي نوان لاڙا ڏنا آهن. ان ڪري کيس شاعريءَ ۾ هڪ اهم مقام حاصل آهي. سندس شاعريءَ ۾ مشيني ماحول جا عڪس نظر اچن ٿا. نظم ”اوسيئڙو“ ۾ هن اوسيئڙي جي احساس کي هن طرح بيان ڪيو آهي.

پل پل ڪوڪن جيان
ماس ۾
ٽنبجي رهيو آهي.

شمشاد مرزا پنھنجي شاعريءَ جي مجموعي ”سنڌو تنھنجا سڏ“ معرفت متعارف ٿي. سندس ڪلام ۾ سادا احساس ۽ ڪومل جذبا عام فھم ٻوليءَ ۾ بيان ٿيل آھن. انھيءَ مجموعي ڪان پوءِ سندس شاعري رسالن ۾ شايع نہ ٿي آھي.

مان ئي مومل مان ئي آس
مان ئي ديول مان ئي داس
مان ئي تنھنجو گيتُ.

سلطانہ وقاصيءَ جي شاعري، نازڪ ۽ لطيف احساسن جي شاعري آھي. ھُن وٽ شعر جي گھاڙيٽي ڪان اون جي فڪر جي وڏيڪ اھميت آھي. سندس ڪوتائن جو مجموعو ”دونھاٽيل درشن“ جي نالي سان شايع ٿيل آھي. سندس شاعريءَ ۾ اداسيءَ جو رنگ ھر جاءِ ڦھليل آھي. پنھنجي نظم ”ڳوڙھا ڳڙيا ڳجھہ ۾“ چوي ٿي تہ:

مونکي ھت نہ اچڻ گھربو ھو
ھي ڄاتل سڃاتل چھرا
ھي روشنيون ھي رستا
مون کي پاڳل ڪري ڇڏيندا.

منور سلطانہ ھوندئن تہ گھڻي وقت ڪان لکي پئي پر سندس پڙھندڙن سان سڃاڻپ شاعريءَ جي مجموعي ”ڳولا“ ڪان پوءِ چڱي ريت ٿي. سندس شعر ۾ ھڪ حساس شاعره/عورت جي احساسن جا اولڙا نظر اچن ٿا:

مان ڪجھہ ھتي لکڻ چاھيان پئي
پاڻ کي بہ ڪجھہ وندرايان پئي
دنيا کي بہ ڪجھہ سمجھايان پئي.

سوسن مرزا جي شاعري رسالن ۾ گھٽ شايع ٿي رھي آھي. ٻارن لاءِ لکيل سندس شاعريءَ جو مجموعو ”سيان جا ٻيجل“ جي نالي سان ڇپيل آھي. ھن جي شاعريءَ ۾ ڳنڀير احساس ۽ اداسيءَ جي ڪيفيت جو اثرائتو اظھار ٿيل آھي.

دل ديول جي ديوار سان
چو تي سر ٽڪرائين
پنهنجو پاڻ گنوائين
ڳهيلي! مُور نہ ايندئي ميٽُ.

نورالهدىٰ شاهہ جو نالو ڪهاڻي ۽ ڊرامي جي حوالي سان گهڻو مشهور آهي. هوءَ انهن ليکڪن مان آهي، جن ٿوري عرصي اندر پنهنجي تخليق جي ميتا ڪرائي آهي. شاعريءَ ۾ هن آزاد نظم/نظماڻي نثر ۾ پنهنجي نڪور خيالن کي نهايت فنائتي نمونت ۾ بيباڪيءَ سان لکيو آهي:

۾ ليڪا ڪڍي، صليب ڻاهي
پنهنجو پاڻ ٽنگي ڇڏيان
جي ڏک سيئي لکي نہ سگهان.

مريم مجيديءَ جي شاعريءَ ۾ فڪر جي گهرائيءَ کان سواءِ فن جي جيڪا پختگي آهي اها موجوده ليکڪائن ۾ بنهہ گهٽ نظر اچي ٿي. مٽيءَ جي خوشبوءِ سان واسيل سندس شاعريءَ جي ٻولي ۽ لهجو نج آهي. سندس شاعريءَ جي مجموعي ”سروم ڏُکم ڏُکم“ ۾ ڌرتيءَ جو هر عڪس موجود آهي. چٽو ۽ خوبصورت عڪس:

پَٽَ تي ڪوڙ نہ پيرو پنهنجو
ڪيڏو ماڳ ڏکيرو پنهنجو

شبنم موتي ۽ ثريا سنڌي، سنڌي شاعريءَ جا مشهور نالا آهن. هُنن تمام گهٽ عرصي ۾ چڱي شهرت حاصل ڪئي. 1973ع کان 1977ع تائين هنن جي شاعري تقريباً سيني رسالن ۾ شايع ٿي. شبنم موتيءَ جي ڀيٽ ۾ ثريا سنڌيءَ جي شاعري وڌيڪ اونهي ۽ پختي آهي. هنن ٻنهي جي شاعريءَ ۾ موضوعن جي کوٽِ ناهي. هيٺ ڏار ڏار سندن شاعريءَ جون ڪجهہ مصرعون ڏجن ٿيون.

سازن جي ساگر ۾ ٻوڙي
دل دريا ۾ ڪنڪر اڇلي

پيار جون چوليون کو ڇُلڪائي
ڪوئي جوڳي بين وڄائي.
(شبنم موتي)

ميت اسان جا گيت اڏاٽا
ڍهر ڍهر تي لهر لهر ۾
ڳولن توکي نيڻ نماڻا
آس ٽُٽي پئي بين پڇي پئي
دل جا سارا ديپ اجهاڻا
(ثريا سنڌي)

ج.ع منگهاڻيءَ جي شاعري اڪثر ڪري رسالن ۾ شايع ٿيندي رهي ٿي. سندس خيالن ۾ روايتي انداز سان گڏ جدت به آهي. سندس ٻولي پختي ۽ مترنم آهي:

سانجهي ايندي ويندين راتيون
ٻاڪ ڦٽيءَ جو رمجهم رمجهم
وسنديون خوشين جون برساتيون.
جيءُ به مرڪي جهول جهليندو.

نذير ناز ڪهاڻين جي پيٽ ۾ شاعري گهٽ لکي آهي. شاعريءَ ۾ اڪثر ڪري هن غزل ۾ پنهنجا خيال بيان ڪيا آهن. سندس غزل نهايت سادا ۽ ڊگهي بحر ۾ هوندا آهن.

هن ڌرتيءَ تي ڪي ڪي مَنَ ڪي وڻندا آهن ماڻهو
سي ئي سُونهن جي وستيءَ ۾ رهندا آهن ماڻهو.

پشپا ولڀ آزاد نظم/نظماڻي نثر جي صنف جو هڪ اهم نالو آهي. هن جي شاعريءَ ۾ ڏنل ويچار نهايت ڳنڀير، اثرائتا ۽ مَن کي ڇُهندڙ آهن. سندس شاعريءَ جي مجموعي، ”دريءَ کان ٻاهر“ ۾ حساس جذبا ۽ وڻندڙ عڪس، خوبصورت لفظن ۽ تشبيهن سان بيان ڪيل آهن:

پراڻا خواب، جي ڪڏهن حسين هئا
ميرن ڪپڙن جيان
ڪلين ۾ ٽنگيا پيا آهن.

متي ذڪر ڪيل شاعرائن کان علاوه شاعري ڪيتر جي عورتن واري حصي ۾ شاني، رحمت زبيده ميتلو ۽ تهمينه مفتيءَ جا نالا جيتوڻيڪ نوان آهن، پر هُنن جيڪا توري گهڻي شاعري ڪئي آهي اها فني توڙي فڪري لحاظ کان نهايت پختي آهي. انڪانسواءِ انهيءَ عرصي ۾ ڪجهه ٻيون شاعرائون به اڀريون آهن، جن مان شهناز ميمڻ، ايس ـ نسرين، مٺيا، زڪيه ميمڻ، زينت بروهي، عذرا جبين ميمڻ، بلقيس عارباڻي، امرتا بيدل، پروين شيخ، سلميٰ سومرو، رشيده قطب، شازيا رسول، شميم ميمڻ، تسنيم يعقوب، مهر پروين، روشن تبسم ميمڻ، ”تبسم“عروج قاضي، فوزيه قاضي ۽ زيب نظاماڻي قابل ذڪر آهن. عورت شاعرائن جي هڪ خاص ڳالهه رهي آهي ته اهي پنهنجي ماڻيل شهرت کي برقرار رکي نه سگهيون آهن.

# بروهي، ڏاڍيل ۽ الله سائين

علي احمد بروهي صاحب جا عوام آڏو ظاهري طور تي پڌرا روپ آهن. مقرر ليکڪ ۽ صحافي دنيا ۾ ڪالم نگار (هونئن ته خدا بهتر ٿو ڄاڻي ته سندس اصل روپ ڪيترا آهن.) اديبن جي برادريءَ ۾ اهڙا ٿوري تعداد ۾ ماڻهو آهن جن کي زبان ۽ زال، او معاف ڪندا، زبان ۽ قلم تي هڪ جيترو ڪنٽرول هجي، يعني لکڻ سان گڏ ڳالهائڻ جي فن جا به ڳرو هجن. بروهي صاحب نه صرف قلم سان ڪُتر ڪري ڄاڻي پر زبان سان زخمي به ڪري سگهي ٿو. تقرير ۾ هُو عوام ۾ مقبول، طنز مزاح وارو طريقو اختيار ڪندو آهي. جو ته انهيءَ طريقي سان ئي ماڻهو ننڊ واٽ هوندي، وڏي ڳالهه ڪري سگهي ٿو. سنجيدگيءَ سان چيل فقط هڪڙي سٽ، ڪنهن کي به بتال ڪرڻ لاءِ ڪافي آهي، پر کل ٻوڪ ۽ چرچي واري انداز ۾، جي ڪنهن جو پٽڪو به لهي وڃي ته في الحال ڪيس پتو ئي ڪونه پوندو. جيسين وڃي همراهه گهر سنڀالي، پائو بروهي اسٽيج تي اچي فقط ڪلائي ٿو (ڪلائيندا ته ميلن ۾ مسخرا به گهٽو آهن) پر سندس لفظن ۾ تمام گهري طنز هوندي آهي، سماج تي ۽ ان جي ناسوري ڪردارن تي. سندس لفظ ڇُرين وانگر ۽ خنجرن جو ڪم ڪندا آهن. (طنز مزاح جي سلسلي ۾ سنڌي ادب کي هن وقت بروهين جي پلي جوڙي مليل آهي: علي احمد بروهي ۽ حليم بروهي).

علي احمد بروهي وقت ۽ موقعي مهل سان ڳالهه ڪري ڄاڻي. ڪهڙي به محفل ڇو نه هُجي، هُو ان جي مزاج موجب رنگ پرڻ جو ڄاڻو آهي. اونهاري جي سخت گرميءَ ۽ رمضان شريف ۾ ڏيندڙ سچل سرمست جي عُرس تي تقرير ڪندي بروهي صاحب تجويز ڏيندي چيو هو: ”سچل سائينءَ جي ڪلام ۾ جيڪو ولولو ۽ جوش آهي، اهو سندس عرس جي موقعي تي نظر ئي نه اچي. هن سخت گرميءَ ۾ ماڻهن جا وات اُلَ ڪانوَ وانگر پٽيا پيا آهن. تقرير ڪندڙ کي به خشڪي ته ٻڌندڙن ۾ بيزاري. سو منهنجي صلاح آهي ته سچل سائينءَ جو عرس ٿڌن ڏينهن ۾ رکيو وڃي ته جيئن ماڻهو ان ۾ ڀرپور نموني شرڪت ڪري سگهن، ڇو ته مستن جي عُرس لاءِ ڪا تاريخ نه هوندي آهي اهي سڄو سال ملهائي سگهجن ٿا“.

وزير اعليٰ جي موجودگيءَ ۾ ويٺل ڪامورن جي خشڪ چهرن (جن مان اهو تاثر ٿي مليو ته ڄڻ انهن به روزو رکيو آهي) ڏانهن اشارو ڪندي چيو هئائين: ”افسوس

جو مقام آهي جو اسان جي ڏاڏي (آدم) کي بهشت مان ڌڪا ڏئي ڪڍيو ويو ۽ ويچاري جو ڏوهه صرف اهو هو جو هن چڙو ڪٽڪ جو داڻو کاڌو هو، ڪو هنداڻو وغيره کونه کاڌو جو پيس ايتري سزا ڏني وئي. ۽ اسان آهيون جو جتان اسان جي ڏاڏي کي زوريءَ نيڪالي ڏني وئي، اوڏانهن وڃڻ لاءِ آتا آهيون!“

تن ڏينهن ۾ ساري سنڌ ۾ ماڻهن جي اغوا جو سلسلو زور هيو. (سلسلو اڃان به جاري آهي) بروهي صاحب پنهنجي تقرير کي اڳتي وڌائيندي چيو هو ته: ”حضرت موسيٰ عليه السلام، الله سائينءَ سان طور سينا جبل تي ڪچهري ڪرڻ ويندو هو. جيڪڏهن هن دؤر ۾ اسان وٽ الله سائين ڪنهن جبل يا ڪوٽ ڏجيءَ جي ٽڪريءَ تي لهي اچي ته ڌاڙيل ان کي به اغوا ڪري وڃن“.

ظاهر آهي ته اهڙي قسم جي ڳالهه علي احمد بروهي ئي ڪري سگهي ٿو. جيڪڏهن ساڳئي ڳالهه محمد علي حداد ڪري ها ته پهريون ته فقير تي هٽڻ ها ڪُفر جي فتويٰ ۽ پوءِ ڪيس چاڙهن ها ٽڪٽڪيءَ تي. جو ته علي احمد بروهي جيڪا ڳالهه چوندو آهي ته ان جي بچاءَ ۾ بارود به رکندو آهي. جيڪڏهن ان ڳالهه تي ڪو مُلان مچرجي ها ته، بچاءَ ۾ بروهي صاحب وٽ نماز ۽ تهجد پڙهڻ جي سندَ آهي.

تقرير ڪانسواءِ لکڻ ۾ به بروهي صاحب جو ساڳيو انداز آهي. اهڙو رنگ سندس ڪهاڻين، خاڪن ۽ مضمونن ۾ نظر اچي ٿو. سئنيما اسڪوپ نالي واري سندس ڪهاڻي ”عثمان حجم جو روزو رکڻ ۽ ٽپهريءَ ڌاري ٽڪاءُ ڏئي پڄڻُ“ ۾ عثمان حجم کي جڏهن روزي سبب، بک کان بيزاري ٿئي ٿي ته هُو چئي ٿو:

”تن ڪلاڪن جي فلم ۾ به وقفو هوندو آهي پر اهو ناحق آهي جو سڄي ڏينهن جي روزي ۾ ڪوبه وقفو ناهي“

”چام چاموٺ ۽ چامڙا“ سنڌ جي نامور توڙي گمنام انسانن جي تاريخ آهي، جن زندگيءَ جي مختلف شُعبن ۾ دُکي انسانيت لاءِ پاڻ پتوڙيو آهي. پنجاهه سالن کان ترين جي خدمت ڪندڙ ڊرئگور، ناني ڪوڙي، حاجي بڪراڻ شانتي امان، مظفر صديقي کي هونئن ڪير سڃاڻي! بروهي صاحب جسُ لهڻي جو هن انسان دوست ۽ سپاجهن

انسانن کي متعارف ڪرايو. مان سمجهان ٿو ته اهو ڪتاب سندس جوتڪاري لاءِ ڪافي آهي. هُو ٻيو ڪتاب لکي نه لکي، ادبي تاريخ ۾ سندس جياپي لاءِ اهو هڪڙو ئي ڪتاب ڪافي آهي.

سنڌي صحافت جي معيار جي ته اسان سيني کي خبر آهي. خبرن جا سرا پڙهي خبر نه پوندي آهي ته اخبار ڪهڙي ٻوليءَ جي آهي! ايڪڙ ٻيڪڙ اخبارن کان سواءِ اڪثر ڪتل ڪاتو آهن ۽ روز پيا انهن جا ايڊيٽر مٿبا آهن. بروهي صاحب چوائي ته، "ڪتل اخبار کي صحافي ائين چڏي ويندا آهن جيئن ٻڏندڙ جهاز کي ڪوئا." ساڳيو حال اخبار ۾ ڇپجندڙ ڪالمن جو آهي. صحافتي دنيا ۾ چئن ماڻهن پنهنجي اثرائتي لکڻين سبب پڙهندڙن کي مجبور ڪيو ته هون سندن ڪالم پڙهن، اهي آهن، رشيد ڀٽي، امر جليل، نور عباسي ۽ علي احمد بروهي. انهن سيني جي ڪلمن جي بنيادي خوبي اها آهي ته انهن ۾ ڀرپور طنز مزاح هوندو آهي ۽ يوڳ چرچي ۾ وڏيون وڏيون ڳالهيون ڪري ويندا آهن. علي احمد بروهي پنهنجن ٻين روپن وانگر صحافتي روپ ۾ هڪ ڪامياب ڪالم نگار آهي.

ڪنهن دوست چيو ته: "ڪهڙو ڳالهه آهي جو اجڪلهه جي نوجوان ليکڪن ۾ علي احمد بروهيءَ جهڙي بيباڪي ناهي". ان جو سبب آهي. توهان بروهي صاحب کي ڏسو، اڃا قبر ڪنڌيءَ تي پهتو آهي. وڏيون وڏيون نوڪريون به ڪيائين، دنيا جا سئر سفر، مُجرا محفلون، مطلب ته سڀ موجون ماڻيائين. اولاد ۽ انهن جو خوشيون به پوريون ٿيون. باقي ڇا بچيو. سندس گهرواري ته ڪانئس گهڻي وقت کان تنگ آهي (اهڙو اظهار هن تقريرن ۽ لکڻين ۾ ڪيو آهي) پر هاڻي ته مائٽ مٽ ۽ دوست يار به ڪانئس بيزار. ان حالت ۾ ماڻهو چوڻ جيل جيل ڪندو. چو ته اها پڪ آهي ته جيل ۾ اي ڪلاس نه ته بي ڪلاس ته ملي ئي ملي. پر سرڪاري سڱوري به سياڻي آهي، ڪٿي ته هنن جهونن کي هٿ لائي، جو اهي جهونا ٻاهر لهن لک ته اندر وري اٺَ لک. وري جي اهڙو ماڻهو مري پئي جيل ۾ ته ساري انتظاميه ويل ۾. سو في الحال اسان ۾ اهڙي توفيق ناهي جو علي احمد بروهيءَ جي اَهل ڪري سگهون ۽ اياز گُل چوائي ته:

ڪهڙو سچ چئي سگهنداسي
پاڻ ته هئون سرڪاري ماڻهو.

# سڄڻ آڏو صدائون

سکر کان حيدرآباد، رشيد ڀٽيءَ سان گڏ سفر ڪري رهيا هئاسين. شاهه لطيف ڪيمپس مان ملڪ نديم ۽ سندس دوست ٻه ساڳئي وئگن ۾ اسان سان همسفر ٿيا. رشيد ڀٽي ، پوڳن چرچن ڪرڻ ۾ ٻه مشهور هو. اڪثر دوست چوندا هئا ته ”جتي رشيد ڀٽي آهي اتي ٽهڪ ئي ٽهڪ آهن.“

ساڳئي وئگن ۾ ڪاري ويس ۽ رنگ برنگي چتين واري ٽوپيءَ سان، هڪ قلندر جو ملنگ ٻه ويٺل هو. پيٽرول پمپ وٽ وئگن بيٺي ته هڪ فقير، پين جي پيٽ ۾، ڀِٽي صاحب جي شهپرن کان وڏيڪ متاثر ٿي، خيرات گهُرڻ لئه، دريءَ کان ڦري آيو:

”وهي وڃ بابا، اڄ ڪو ڏٽيءَ جي ڏني مان“

معمول مطابق ڀِٽي صاحب کي موقعي جي مناسبت سان، سٽَ سُجهي آئي:

”پڇي وڃُ بابا! اسان وٽ اڳ ۾ ئي هڪ فقير ويٺو آهي“

رشيد ڀٽيءَ جي انهيءَ جملي تي، وئگن ۾ ويٺل قلندر جي ملنگ جون اکيون وڏيڪ ڳاڙهيون ٿي ويون، هُن ڀٽي صاحب ڏانهن ڪاوڙ مان ڏسندي چيو:

”فقير کي ته اصل ڏئي ڏئي ٿڪجي پيو آن“

پوءِ پاسي واري کيسي مان، رُپئي جو نوٽ ڪڍي، خيرات گهُرندڙ فقير کي ڏيندي چيائين: ”اچي بابا! قلندر جي ڪشتي مان وٺُ، باقي سڄڻ آڏو صدائن ڪرڻ مان ڪجهه ڪين ورندءِ.“

# ڪُڙم جو ويري

سنڌ هاءِ ڪورٽ جي پرسان سيڪريٽريٽ جي بلاڪن ۾ چاچي صديق جي ”المهراڻ“ ڪينٽين آهي. ڪينٽين جي بناوت پوري ساري آهي، پر چاچي صديق جي تيار ڪيل ماني ايتري ته لذيذ هوندي آهي جو سيڪريٽريٽ جا ملازم ڪينٽين ۾ پنهنجون آڱريون چٽيندي نظر ايندا آهن. اهو ئي سبب آهي جو 2 وڳي ڪانپوءِ چاچي صديق جي خالي ديڳڙن جو آواز پري ڪان پيو ٻڌبو آهي. چاچي صديق جي گراهڪن جي لسٽ ۾ نامياري ليکڪ حليم بروهيءَ جو نالو به هنگامي گراهڪن طور شامل آهي.

حليم بروهي، وڪيل جي حيثيت ۾ اڪثر ڪري شنواين تي، هاءِ ڪورٽ ۾ ايندو رهندو آهي. عدالت ۾ دليل بازيءَ واري تقرير ڪرڻ ڪانپوءِ، بُک جڏهن حليم بروهيءَ تي حملو ڪندي آهي ته هو چاچي صديق جي ”المهراڻ“ ڪينٽين تي اچي ٽُنندو آهي. ڪينٽين ۾ گهڙڻ شرط وڪيلڪو ڪارو ڪوٽ، ڪُرسيءَ ڪي پارائي، ٻاٽ روڳم مان منهن هٿ ڌوئي، تازو توانو ٿي، اچي بالم ٻڄي ويهندو:

”چاچا! اڄ مانيءَ ۾ چا آهي؟“

”اڄ سائين، مٽن چاپ، مڇي ۽ سبزي آهي.“

”هڪ مٽن مصالحو ڪٽي آ، پر جلدي.“

پوءِ ماني کائي حليم بروهي گُهر تي ويندو.

هڪ ڏينهن ڪجهه دير سان پهتو. بُک به ڪيس ڏاڍي لڳي هُجي. معمول مطابق ڪارو ڪوٽ ڪرسيءَ کي پارائي، ٻاٽ روم ۾ گهڙي ويو. ٻاٽ روم مان ٿي ٿهي جُڙي اچي ويٺو.

”چاچا! مانيءَ ۾ چا آهي؟“

”اڄُ تہ سائين“ چاچي صديق توري دير رُڪندي وراڻيو.

”اڄُ تہ سائين فقط دال وجي بچي آهي“

دال جي نالي ٻڌڻ سان حليم بروهيءَ جي چهري جو رنگ ڦري ويو.

”مان پاڻ حليم...... ڪانوان دال، ناممڪن(Impossible) ائين هرگز نہ ٿيندو. ڪُڙم جو ويري ڪڏهن ڪونہ ٻڌبو بابا!“

ائين چئي حليم بروهي تڪڙو تڪڙو ”المهراڻ“ ڪينٽين مان نڪري ويو.

# معزز مهمان

شاهه عبداللطيف ادبي سوسائٽي ڪراچيءَ پاران ڪوٽايل ساهت سال 1981ع ادبي سيمينار جي هڪ اجلاس شروع ٿيڻ تورو اڳ، فلسوٽ ۾ ٽاءِ ۾ بند هڪ ورڪر، پهرين قطار ۾ رکيل صوفن جو جائزو وٺي رهيو هو. ان قسم جا فُلسوٽي ورڪر، اڪثر ڪري اهڙن موقعن تي بيچ هٽي، ڪارن مان لهندڙ ماڻهن جي آجيان ڪندا آهن ۽ عورتن وارين ڪرسين وٽ چڪر هڻندي نظر ايندا آهن. اهو فلسوٽي ورڪر صوفن وٽان لنگهندو، اچي سرويچ سجاوليءَ سامهون بيهي رهيو، جيڪو ان وقت پهرين قطار جي هڪ صوفي تي اجرڪ ويڙهيون، بيپرواهه ٻٽيو ويٺو هو. ان فلسوٽِيءَ ڪرڙين اکين سان سرويچ سجاوليءَ ڏانهن نهاريندي، رُکي لهجي ۾ چيو:

”چاچا! ان صوفي تان اٿي، وڃي پٺيان ويهي رهُ“

”چو يلا، اسان هنن صوفن تي ويهي نہ ٿا سگهيون ڇا“ سرويچ وراڻيو. ”چاچا! هي صوفا معزز مهمانن لاءِ آهن، تون پوئتي وڃي ويهُ.“ فلسوٽيءَ پيو وارُ ڪيو.

سرويچ سجاولي انهيءَ ورڪر کي گهورڻ لڳو، ڄڻ تہ اکين ئي اکين ۾ ڪانئس معزز مهمان جي وصف پڇندو هجي.

انهيءَ دوران، اسان اتي ويٺل ڪجهه دوستن، انهيءَ فلسوٽيءَ تي ڦٽڪار ڪئي. هُو سوڙهي ٽاءِ کي ٺيڪ ڪندو، لنوائي هليو ويو.

# ادب ۽ ثقافت جا موسمي ادارا

اسان وٽ ڪجھ اهڙا به موسمي، ادبي ۽ نيم ثقافتي ادارا هوندا آهن جيڪي رات جو قائم ٿيندا آهن ۽ صبح جو انهن جو ڪو پتو ڪونه پوندو آهي. ڪجھ سال اڳ ”ڪينجهر اڪيڊمي“ جي نالي سان هڪ ادارو وجود ۾ آيو، جنهن سال 1982ع ۾ شايع ٿيل، مختلف شعبن جي ڪتابن تي انعامن جو اعلان ڪيو. هن اداري نئين روايت اها قائم ڪئي جو بجاءِ ليکڪن ۽ ادارن کان ڪتابن گهرائڻ جي، پاڻ بازار مان ڪتاب خريد ڪري، ججن جي پئنل کان راءِ ورتي، سفرنامي، افسانوي ادب، ٻارن جي ادب ۽ سائنسي ادب وغيره جي شعبن جي ڪتابن تي، انعام ڏيڻ جو اخبارن ۾ اعلان ڪيو. انعام ڏيڻ جي تقريب، خاص مهمان، صدارت، موسيقيءَ جي محفل جا تفصيل اخبارن ۾ اچي ويا. ٻارن جي ادب جي سلسلي ۾ منهنجي ڪتاب، ”پتلين جو تماشو“ کي انعام ڏيڻ جو اعلان ڪيو ويو هيو. ڪينجهر اڪيڊميءَ جا همراهه آيا، ڪارڊ ڏئي ويا. دوستن سميت شرڪت ڪرڻ جي پارت ڪري ويا. فنڪشن کان هڪ ڏينهن اڳ، ڪينجهر اڪيڊميءَ جي هڪ عهديدار فنڪشن ۾ شرڪت ڪرڻ جي يادگيري ڏياري. جڏهن مقرر تاريخ تي اسان ڪجھ دوست، ڪارڊ ۾ ڄاڻايل هنڌ اولڊ ڪيمپس، ڳاڙهي ڪاٽي پهتاسين ته اتي مرڻئي خير هو، تقريب جا ڪي به آثار ڪونه هئا. اهو ڏينهن، وري ڪينجهر اڪيڊميءَ جو نالو ٻڌڻ ۾ ڪونه آيو. پوءِ خبر پئي ته همراهه گڏ ڪيل چندي تي مڇرجي پيا ۽ تنظيم ئي ختم ٿي وئي. اهڙي قسم جو اعلان، ينگ رائٽرس ڪلب پاران به ٻارن جي عالمي سال 1979ع ۾ ٿيو هو، پر اهي دوست به اعلان ڪري گُم ٿي ويا. مقصد لکڻ جو اهو آهي ته جيڪڏهن اوهان ڪنهن پروگرام تي عمل ڪرڻ جي لائق ناهيو ته اخبارن ۾ اعلان ڪري، عوام کي بيوقوف ڇوٽا بڻايو؟ ليکڪ اوهان جي انعامن جي آسري تي ته ڪونه لکي رهيا آهن. انهن ج نالن کي چندي وصول ڪرڻ لاءِ ڇو ٿا استعمال ڪريو؟

# اسين مسافر پيار جا

سنڌي ادبي سنگت سکر جي هفتيوار ميڙ ۾ جڏهن پهريون ڀيرو شيخ اياز منهنجي وائيءَ جي دُرستگي ڪئي هئي، تڏهن ائين محسوس ٿيو هو، ڄڻ ڦلواڙيءَ سان محبت ڪندڙ ڪنهن ماليءَ هڪ ننڍڙي ٻوٽي جي آبياري ڪئي هجي. تڏهن فتاح ملڪ جي والس روڊ واري آفيس ۾ سنگت جا ميڙ ٿيندا هئا. اسان سڀ دوست، رسول ميمڻ، اياز گل، رفيق سومرو، شفن ۽ ٻيا گهٽي سڪ سان سنگت جي ميڙ ۾ شريڪ ٿيندا هئاسين. جتي فتاح ملڪ، رشيد ڀٽي ۽ ڪڏهن ڪڏهن شيخ اياز جن اسان کي پنهنجي راين وسيلي اڳتي وڌڻ جو اتساهه ڏياريندا هئا. جنهنڪري هر ميڙ ۾ ڪانئ ڪا لکڻي ضرور پڙهندا هئاسين.

اڄ چوڏهن سالن جي ادبي سفر ڪان پوءِ به مان سنڌي ادبي سنگت جي تربيت گاهه جو ساڳيوئي شاگرد آهيان. ادب جي حوالي سان هن وقت جيڪا به منهنجي سڃاڻپ آهي، سا سنڌي ادبي سنگت ڪئي آهي. مو نه ڪنهن کان سکيا جو سڱو ٻڌرايو نه ئي وري انفرادي طرح ڪنهن کي ادب جو استاد بڻايم. ان سلسلي ۾ منهنجو سيڪجهه سنڌي ادبي سنگت هئي ۽ آهي. زندگي جي ڳپل سفر ڪرڻ ڪانپوءِ به مان پاڻ کي اڃا تائين اهو ئي پار تصور ڪريان ٿو. جيڪو معمولي نفرت ڪرڻ تي ڪاوڙجي وجي ۽ ٿوري پيار ڏيڻ تي پرچي پوي، ڇو ته منهنجي اندر جو ٻار اڃان زنده آهي.

ڪيڏو پيارو هو ننڍپڻ
ڪوئي خواب ڏٺوسي ڄڻُ
ڳالهه ڳالهه تي روز رُسڻ
پيارُ ڏيڻ تي پرچي پوڻ
ڪير پرايو ڪير سڄڻُ
سيني کي پنهنجو سمجهڻُ.

هن وقت ننڍپڻ جي سارونين جا ڌنڌلا عڪس ذهن جي پردي تي ذهن ۽ ٿهن ٿا. اسان جو پرائمري اسڪول سئنيما جي پرسان هوندو هو. سئنيما ٻاهران آرٽسٽ فلم جا پوسٽر ٽاهيندا هئا. رسيس ۾ مان بيٺو انهن کي پوسٽر ٽاهيندو ڏسندو هوس.

پهريان خاڪو ٺاهي، مٿان برش سان رنگ ڀريندا هئا ته هو ٻهو مسرت نذير يا صبيحہ جي تصوير اڀري ايندي هئي. مون کي اهو ڪم ڏاڍو وڻندو هو. سوچيندو هوس ته وڏو ٿي اهڙو آرٽسٽ ٿيندس ۽ سئنيما جا پوسٽر ٺاهيندس. مونکي اهي آرٽسٽ عام ماڻهن کان منفرد لڳندا هئا. جن جي فن کي ماڻهن جا ولر حيرت مان ڏسندا هئا.

پنهنجي ٻالڪپڻ جي ان خواهش جي تسڪين لاءِ گهر ۾ سِرُن ۽ ڪاٺ جي تختن سان هڪ سئنيما ٺاهي هيم. پوءِ هر هفتي نئين فلم جا، پينسل سان پوسٽر ٺاهي هٽندو هوس. اهي ڪارٽون نما اسڪيچ هوندا هئا، جن ۾ هيروئن کي تاج پاتل هوندو هو ۽ هيرو ۽ ولن پاڻ ۾ تلوار بازي وڙهندي ڏيکاريل هوندا هئا. پاڙي ۾ دروازن ۽ ديوارن تي به ڪوئلي سان آڏ ابتا اسڪيچ ٺاهيندو هوس. هاءِ اسڪول ۾ پڙهائيءَ دوران به اها دلچسپي قائم رهي. رف ڪاپيءَ جي هر ٻئي صفحي تي ڪارٽون يا اسڪيچ ٺهيل هوندو هو. همڪلاسي دوستن کي ڪاپي تي سندن نالا ڪئليگرافي ڪري ڏيندو هوس.

اٺين درجي ۾ نهايت ئي ٻاجهاري طبيعت جي مالڪ ۽ همدرد استاد سائين ممتاز علي مغل صاحب جي نصيحت تي عمل ڪندي معصوم شاهه لائبريري وڃڻ شروع ڪيم. اتي دلچسپ باتصوير رسالن ۽ ڪتابن ڏسڻ ۽ پڙهڻ جو پهريون ڀيرو موقعو مليو. ڪتابن جي دنيا سان اها ڏيٺ مونکي گهڻي وڻي ۽ اسڪيچ ٺاهڻ وارو ذوق ٽڏو ٿي ويو. لائبريريءَ ۾ ادبي بورڊ جا شايع ڪرايل لوڪ ڪهاڻين جا ست ئي جُلد پڙهي پورا ڪيم. خيالي دنيا جي انهن ڪهاڻين ڪانپوءِ هڪ ڏينهن رسالي ۾ امر جليل جي ڪهاڻي ”لهندڙ سجُ جي لام“ پڙهيم ته مونکي گهڻي حيرت ٿي، ڇو ته ان ڪهاڻيءَ ۾ لوڪ ڪهاڻين واري اوپري ماحول بجاءِ منهنجي چوڌاري وسندڙ ڪردارن ۽ ماڳن جو ذڪر ٿيل هو. خاص ڳالهه ته امر جليل جي ان ڪهاڻيءَ ۾ سکر شهر جي ٺاور ۽ ٻئريج روڊ جو به ذڪر ٿيل هو انڪري مونکي وڌيڪ تجسس ٿيو ۽ اتان منهنجي دلچسپي لوڪ ڪهاڻين کان هٽي افسانن ڏانهن وڌي. انهن افسانن جي گهڻي مطالعي جو اثر اهو ٿيو جو امر جليل وار انداز ۾ پنهنجي همڪلاسي دوستن ۽ پاڙيسري ڪردارن تي ڪهاڻيون لکڻ شروع ڪيم. معصوم شاهه لائبريري کان علاوہ پاڙي ۾ قائم ٿيل ”اداره سنڌي ساهت“ جي لائبريري مان به ان دور ۾ گهڻائي ڪتاب پڙهڻ لاءِ مليا ۽ ائين ادب ـ نگر جون راهون منهنجي آڏو واضح ٿينديون ويون. مون ڪهاڻين لکڻ سان گڏ شاعري به شروع ڪري ڏني.

ننڍپڻ ۾ ماءُ جي هميشہ جي وڇوڙي سبب، هر عورت کي مان پنهنجي ماءُ سمجهندو هوس. دل جي هڪ ڪنڊ ۾ ماءُ جي محبت کان خالي رهي، انڪري مامتا جي محبت کان محرومي منهنجي حياتيءَ تي حاوي رهي. مونکي ياد پوي ٿو تہ مون پهريون نظم ماءُ بابت ئي لکيو هو. وقت ۽ مطالعي شاعريءَ ۾ پختگي آندي، پر مون ڪڏهن بہ فاعلاتن جي قرهيءَ تي ڪو شعر ڪونہ لکيو. هڪ شاعر جي صلاح تي مون پندرهن ڏينهن ڪن فاعلاتن فاعلاتن جو ورد ڪيو. مونکي لڳو تہ ڄڻ مان طوطو ٿي ويو هجان ۽ منهنجي ذهن تي ڪجهہ سانچا ٺهي ويا آهن. اندر مان اپريل هر خوبصورت سٽ، انهن سانچن ۾ فٽ ٿيڻ کان اڳ پنهنجا عُضوا ڦٽرائي ٿي ويهي ۽ ان جو سچو تاثر مارجي ٿو وڃي. اهڙي طرح اندر جي اها ئي اجَ رهجي ٿي وڃي. شاعريءَ جي انهيءَ واٽ تي مخصوص گهاڙيتن ۾ ساڳيائي خيال ڏار ڏار قافين ۽ رديفن ۾ بند ڪري بيان ڪيا وڃن ٿا. انهيءَ طريقي سان اندر جا سچا احساس فائلاتن جي ڦيٽي هيٺيان اچي مري وڃن ٿا ۽ فقط قافيا ۽ رديف زندهہ رهن ٿا. جيڪڏهن شاعري فقط ڍڪاٽڪيءَ جو نالو آهي تہ انهيءَ حساب سان مون ۾ ايتري ڪاريگري آهي جو مان پنهنجي قافين جي ڪارخاني مان هڪ ڏينهن ۾ ويهن کان مٿي غزل ۽ وايون جوڙي سگهان ٿو. پر ڇا اهي ڪوڙا جي حساب سان تيار ڪيل ڪوتائون پڙهندڙن جي من کي موهي ۽ ذهن ۾ هلچل پيدا ڪري سگهنديون؟ هرگز نہ. سچا جذبا ۽ احساس اهي آهن جيڪي ذهن مان ائين ڦٽن، جيئن ڌرتيءَ مان سَلا ڦُٽندا آهن. مشهور شاعر جان ڪيٽسر بہ لکيو آهي تہ:

*"If Poetry comes not as naturally as the leaves to a tree it had better not come at all"*

*(Keats=Dic=of quot=p.no 219)*

”جيڪڏهن شاعريءَ جي تخليق فطري طور تي ائين نتي ٿئي جيئن وڻ ۾ پن ڦُٽندا آهن، تہ بهتر هو تہ اها نہ لکجي ها.“

(ڪيٽس)

اهڙي ريت شيخ اياز بہ ائين ئي لکيو آهي تہ:

”شاعريءَ ۾ ڪوشش جي منتها اها آهي تہ بنا ڪوشش جي لکي وڃي.“

سوچ ساگر ۾ جڏهن طوفان ايندو آهي تڏهن فڪر جون ڇوليون اٿنديون آهن ۽ اهڙي طرح اثرائتيون لکڻيون جنم وٺنديون آهن. دل جي دروازي کي جڏهن خيال اچي کڙڪائيندا آهن، تڏهن اجرا گيت ۽ خليق ٿيندا آهن. حيدرآباد ۾ نوڪري دوران مان هڪ ڊاڪٽر دوست جي فليٽ ۾ ڄامشوري جي ايل - ايم سي اسپتال مٿان رهندو هوس. رات جي مانيءَ کان پوءِ مان اڪثر پنهنجي دوست وٽ ٻارڙن جي وارڊ ۾ ويندو هوس. ٻين وارڊن جي ڀيٽ ۾ مون کي ٻارڙن جو وارڊ وڌيڪ اُداس محسوس ٿيندو هو. بيمار هيڊا ٻار ۽ ڏُکي ويڳاڻيون مائرون، جن جون اکيون اوجاڳي سبب رُڃ جان لڳنديون هيون. وارڊ مان هڪ رات ٿوري دير لاءِ بجلي هلي وئي تہ ٻارڙن جي روئڻ جا آواز اچڻ لڳا. اتي منهنجي ذهن ۾ هڪ خيال ڦُٽو تہ: انسان فطري طرح اونده کان نفرت ۽ روشنيءَ سان محبت ڪري ٿو. اونده وحشت جي علامت آهي ۽ پيار روشني آهي. انهيءَ احساس منهنجي ننڊ ڦٽائي ڇڏي ۽ مون ان رات ”انسان جو ابتدائي احتجاج“ نظم تخليق ڪيو هو، جنهن جي لاءِ مون اڳواٽ ڪا بہ ذهني ڪوشش ڪانہ ڪئي هئي. اهڙي طرح اسپتالن جي ڏکوئيندڙ حالتن کان متاثر ٿي هڪ شعر بہ لکيو هوم تہ:

هر ڏُکي انسان جو درمان ڪر
اسپتالون سڀ خدا ويران ڪر.

ڪڏهن ڪڏهن ڪي واقعا يا حالتون ايترو تہ متاثر ڪنديون آهن جو من ماندو ۽ ذهن پريشان ٿي ويندو آهي. اهڙين حالتن ۾ اندر مان احساس لاوَن جي صورت ۾ ٽپي ٽي پکيڙجي ويندا آهن. هڪ ڏينهن اخبار ۾ لبناني ڇوڪري ثناءَ مهدي جي تصوير ڏٺم جنهن جي هيٺان لکيل هو: ”لبنان جي عظيم نياڻي جنهن بم رکيل ڪار سان اسرائيلي فوجي گاڏين کي ٽڪر هڻي، 50 يهودين کي ماري پاڻ شهادت جو رتبو ماڻيو.“ مونکي ان نياڻيءَ جي جذبي ٽي ايتري تہ اندر ۾ اٿل آئي جو اکين مان پنهنجو پاڻ لڙڪ ڪري پيا ۽ هڪ نظم تخليق ٿيو، جنهن جو عنوان آهي: ”جوين رُت جا ڳاڙها خواب“. اڪثر پڙهندڙ شعر پڙهڻ کان پوءِ ان ۾ بيان ٿيل وارتا کي شاعر جي داخلي معاملن جو حصو سمجهندا آهن، تہ اهو سڀ شاعر جي ذاتي ڪيفيت جو

عڪس آهي. جڏهن ته ذاتي احساسن سان گڏ سماجي حالتن جا اولڙا ۽ تخليق پڻ ان تخليق جو حصو هوندا آهن. اهو ضروري ناهي ته هر ليکڪ فقط پنهنجي جذبن کي لفظن جو روپ ڏئي ٿو، پر سماج ۾ ٿيندڙ نا انصافين، ٻين کي ملندڙ ڏکن ۽ محبتن جي مايوسين کي پڻ پنهنجو دک سمجهي، انهن جي احساسن کي پنهنجا لفظ ڏئي ٿو. مون کي هڪ طرفي ناڪام محبت جي، هڪ سچي واقعي جي خبر آهي، جنهن ۾ محبوبہ جي پسنديده رنگ هئڻ سبب هڪ عاشق نوجوان پنهنجي ڪمري ۾ هيداڻ ٿو ڦهلائي ڇڏي ۽ آخرڪار بيماريءَ سبب پاڻ بہ هيدو ٿي وڃي ٿو. اها ڪيفيت هڪ طرفو پيار ڪندڙ نوجوان جي آهي، پر هو اُن کي لفظن جو روپ ڏئي نٿو سگهي. جو تہ هر پيار ڪندڙ شاعر ٿي نٿو سگهي، پر هر شاعر پيار ڪندڙ هوندو آهي. مون هڪ طرفي محبت جي ان احساس کي، پنهنجي نظم ”هر ڏس ۾ هيداڻ آ چانيل“ ۾ اهڙي ريت بيان ڪيو آهي، ڇڻ اهو سڀ ڪجهہ مونسان ٿيو آهي.

شاعريءَ جي ديوي ڪنهن دور ۾ فقط دربار جي داسي هئي. ان دور جا شاعر اشرفين جي آسري تي قصيدا لکي درٻارين جي دل وندرائيندا هئا، پر اڄُ شاعري فقط شُغل، وندر يا تفريح نہ آهي، پر هڪ اهڙي سگهہ آهي جيڪا ذهنن ۾ تبديلي آڻي ٿي، جيڪا نفرتن جي اوندهہ ۾ محبتن جون مشعلون روشن ڪري ٿي. سماجي، ثقافتي ۽ سياسي مونجهارن جو شڪار ٿيل قومن جا شاعر، ڏکين حالتن ۾ قوم جي رهبري ڪندا آهن. هو پنهنجي سوچ جو رُخ ذاتي ڏک بدران، اجتماعي اهنجن طرف موڙي ڇڏيندا آهن. اهو ئي سبب آهي جو شاعريءَ جي پنجويهن مجموعن جو خالق، لبنان ۾ رهندڙ شامي شاعر نذار قباني چوي ٿو تہ:

*Our Poems have gone sour*
*Women's hair, nights, curtains and sofas*
*Have gone sour,*
*Everything has gone sour*
*My grieved country!*
*In a flash*
*You changed me from a poet*
*Who wrote love poems*

*To a poet who wrie with a knife*

*(Modern Poetry From Arab World)*

اسان جا شعر ڪٽا تي ويا آهن
عورتن جا وار خوابن پريون راتيون
پردا ۽ صوفا
سڀ اٽوٽندڙ تي ويا آهن
هي شيءِ بي مزا تي وئي آهي.
اي منهنجا ڏکي ديس!
تنهنجي محبت جي روشنيءِ
مونکي مجازي محبت جا گيت لکڻ واري شاعري بدران
اهڙو شاعر بڻايو آهي
جيڪو پنهنجا جڳيت
لکي ٿو هٿيارن سان...

هر قوم جو پنهنجو مزاج ٿئي ٿو. جديديت ۽ تجريديت جي نالي ۾ اهڙيون شيون نه لکيون وڃن، جن جا پير ڌرتيءَ کان ڪٽجي خلا ۾ وکري وڃن. ادب جو ناتو ڪنهن نه ڪنهن طرح پنهنجي ڪلاسڪ سان ضرور هئڻ گهرجي. ڇو ته ان ريت ئي اسين پنهنجي منفرد سڃاڻپ ڪرائي سگهنداسين. دنيان جي مختلف ٻولين جي ادب جو مطالعو، ذهن کي نوان خيال ۽ لاڙا ڏئي ٿو ليڪن ٻاهريان رجحان هتان جي پڙهندڙ جي مزاج جي ابتڙ زوريءَ مڙهي ٿا سگهجن. هونئن ته هر ليکڪ جي مزاج تي منحصر آهي ته هو سياست جي صدري پائي يا نه. پر منهنجي ذاتي خيال ۾ (جيڪو غلط به ٿي سگهي ٿو) ليکڪ سياسي شعور ضرور رکي، پر ان کي پنهنجي قميص جي کيسي تي ڪنهن سياسي جماعت جو بيج لڳائڻ نه گهرجي، ڇو ته ائين ڪرڻ سان ان جي سوچ جون سرحدون محدود ٿي وينديون. ذهني حد بندين ۾ هن جي تخليق اڳوات گهڙيل لڪير تي سفر ڪندي، جنهنڪري هُن جي احساس ۽ جذبن جون پتيون ٿي وينديون. جيڪو هڪ تخليق ڪار لاءِ هاڃيڪار آهي. باقي انسانيت جي بنيادي قدرن جو بچاءُ ڪرڻ، انسان دوستي ۽ ڌرتي جي محبت کي دل ۾ جاءِ ڏيڻ ۽ سونهن ۽ سچ جو ساٿ ڏيڻ، هر ليکڪ جو بنيادي فرض هئڻ گهرجي.

هونئن ته گهڻن ئي شاعرن جي شاعريءَ مونکي موهيو آهي، پر جنهن شاعر جي شاعريءَ مونکي اڪيلائپ ۾ رئاريو آهي، اهو آهي شاهه عبداللطيف ڀٽائي. هيڪلائپ ۾ سُر مارئي جي مطالعي کان پوءِ ڪيترائي ڀيرا سُڏڪا ڀرايا آهن. اهو سيڪجهه دلي ڪيفيت تي ٻه مدار رکي ٿو. ڪڏهن ته ڪنهن وڏي حادثي تي اکين مان لڙڪ نه لڙندو آهي ته ڪڏهن وري ٿوري ڳالهه تي اکين جا بند ڀڃي پوندا آهن. الطاف عباسي جي اوچتي وڇوڙي جي جڏهن خبر پئي هئي ته مان ڪجهه گهڙين لئه پهڻ ضرور ٿيس، پر اکين مان ڳوڙهو نه ڳڙيو. ائين لڳو ته اها خبر ڪوڙي هئي. پر ڪجهه ڏينهن کان پوءِ ريڊيو تي الطاف عباسيءَ جو گيت:

آهي تنهنجي تات اوسائين
آهي تنهنجي تات
سانجهي يا پريات اوسائين!

زيب النساءِ جي آواز ۾ ٻڌم ته اکين مان پنهنجو پاڻ نير وهڻ لڳا. اها ڳالهه دلي ڪيفيت جي حوالي سان ڪيم. الطاف عباسي، ثميره زرين ۽ مولائي شيدائي هڪٻئي پٺيان اسان کي ڇڏي ويا. ٽنهي جي جدائيءَ ۾ هڪ ڳالهه يڪسان هئي ته ٽنهي جيئري جيڪي وصيتون ۽ مئي پڄاڻان جون تمنائون ڪيون هيون، سي پوريون ٿي نه سگهيون. الطاف پنهنجي اکين جي عطيي جو اعلان ڪيو هو، پر افسوس جو حياتيءَ جي ان موڙ تي هڪ شاعر جون اکيون ٻئي کي روشني بخشڻ کان اڳ اوسيئڙي ۾ ئي اجهامي ويون. اسين سڀ بيوس هئاسين. ثميره جي اها خواهش هئي ته سندس قبر ۾ سرُن بدران سهڻن جلدن وارا ڪتاب ۽ ڪتبي جي جاءِ تي شاهه جو رسالو رکيو وڃي ۽ قبر جي چؤڌاري پيلا گُل پوکيا وڃن. سندس اها پوري ٿيڻ جوڳي خواهش ٻه پوري نه ڪئي وئي. جڏهن ته مشهور اردو شاعر ن. م راشد کي سندس مائٽن، مسلمان هوندي ٻه سندس وصيت موجب مرڻ کانپوءِ باهه ۾ ساڙيو هيو. اهڙي طرح مولائي شيدائيءَ جي معمولي خواهش ته مرڻ کان پوءِ ڪيس بکر ۾ دفنايو وڃي، ٻه پوري ٿي نه سگهي. جو ته مولائي پنهنجي تخلص وانگر ئي مولائي هو، ڪو پيرُ يا ڪامورو ڪونه هو جو سندس مڙهه کي بکر ۾ دفنائڻ جي اجازت ڏني وڃي ها. مون انهن ٽنهي ليکڪن جي خواهشن جي حوالي سان هڪ نظم لکيو هو. اسانجي ليکڪن کي جيئري ڪهڙي اهميت ملي ٿي جو مُئي کان پوءِ سندسن

وصيتن جو قدر ڪيو وڃي. ڪنهن ليکڪ جي صلاحيتن جي مڃتا طور وڏ ۾ وڏ هڪ اڌ شام ۽ ٽي مقالا.... اها آهي شهرت جي آخري حد جيتوڻيڪ شهرت هڪ ننڍڙي ڪڪريءَ جيان آهي، جنهن جي ڇانوَ سدائين ناهي رهڻي، پر تڏهن به هر فنڪار يا سرجڻهار جي دل جي ڪنهنڪنڊ ۾ اها ڳالهه ضرور ويٺل هوندي آهي ته سندس ڪم جي ٿوري گهڻي قدرداني، سندس جيئري ٿئي پر ائين ٿيندو ٻنهه گهٽ آهي. پنهنجين لکڻين ۾ آبشارن، گلن پوپٽن، ندين جهرڻن خيالن کي، ريشم جهڙي نرم ٻوليءَ ۾ بيان ڪندڙ جڳ مشهور ليکڪ جبران خليل جبران نيويارڪ جي ڪنهن گمنام گهٽيءَ ۾ تنگدستي واري حالت ۾ گذاريندو هو، پر ذات مٿانس ڇانوَ نه ڪئي. هومر لاءِ جيئري يونان جون سڀ گهٽيون سوڙهيون هيون، پر هن جي لاش جي آجيان لاءِ هر دل جا دروازا کُلي پيا ها. ان ڪري اهو ضروري ناهي ته هر تخليقڪار جي مڃتا سندس جيئري ٿئي.

مان ادب ۾ چٽاڀيٽيءَ ۽ درجا بنديءَ جو قائل ناهيان. اسين سڀ هڪ ئي قافلي جا مسافر آهيون. ان ۾ ڪي اڳيان اهن ته ڪي پٺيان. اسان سڀني جا چهرا سفر جي مٽيءَ ۾ ڍڪجي هڪجهڙا ٿي ويا آهن. اسان جي قدمن جي چال ڌار ڌار سهي پر اسان جي منزل هڪ آهي. سونهن ۽ سچ جي سفيرن جي ان قافلي جي، مان آخري قطار جو پانديئڙو آهيان. شال انهيءَ واٽ تي هلندو رهان، هوريان هوريان ئي سهي، پر مان ان سٿ ۾ رهڻ ٿو چاهيان، ڇو ته ان کان ڌار منهنجي ڪابه سڃاڻپ ڪانهي.

مون جيڪي ڪجهه لکيو آهي ان جي ڪڏهن به ڪا دعوىٰ نه ڪئي آهي. منهنجي لاءِ اهو ئي وڏو خوشي جو ڪارڻ آهي ته مان ٿوري گهڻي لکڻ جي حوالي سان ليکڪن جي سٿَ ۾ شامل آهيان.

